# قاضي قادن جو نئون هٿ آيل ڪلام

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو،
## نياز همايوني، تنوير عباسي، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي،
## پڳت گرڌاري لال، ۽ ڪريم بخش خالد
## جا رايا

## ميڙيندڙ: محمد عمر چنڊ

ڊاڪٽر شري چيتلال هيري ٺڪر صاحب جو اصل ڪتاب ڪجھ وقت اڳ ڇپجي چڪو هو جنهن ۾ هريانا جي هڪ ڳوٺ راٽيلا ۾ دادو پنٿي پڳتن جي هڪ مَٺَ (مڙهي) ۾ رکيل هڪ ڪتاب مان راجا رام شاستري ڳولهي هٿ ڪيو، ۽ دهلي جي ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي، هيري چيتلال ٺڪر ۽ شري جيرامداس دولترام سان ملي بيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، جنهن کي بقول ڊاڪٽر بلوچ، ”هيري لال ٺڪر جيرامداس جي آسيس (شيرواد، دعا، يا همٿائڻ) سان ”وڏي ڏيان سان پڙهي پروڙي، سُڏي سنواري انهن بيتن کي َقاضي قادن جو ڪلام“ جي سري هيٺ هن ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو.“

شري هيري ٺڪر صاحب جي هن ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ قاضي قادن جا صرف ست بيت هٿ آيل هُئا، هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان پوءِ هڪ سؤ کان وڌيڪ بيا بيت به هٿ آيا. شري ٺڪر جو ڪتاب جڏهن سنڌ ۾ پهتو ته سنڌ جا برک اديب ”جوڳيءِ جاڳائي“ وڌا. ۽ ان وقت جيڪي سمجھ ٻوجھ جا ڏٽي زنده هئا تن پنهنجا قلم هن موضوع تي کنيا، ۽ پنهنجي ڪارائتي ڪم ۾ نئين جذبي ۽ جوش سان جُنبي ويا. 1978 ۽ 1979 ۾ مهراڻ ٽماهي ۽ پغام ڪراچي انهن برک عالمن جون لکتون ڇاپيون.

- ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي ٻين گوناگون مصروفيتن کي پاسيرو رکي، انهن بيتن جي تحقيق کي لڳي ويو، ۽ انهن بيتن جي پڙهڻي کي وڌيڪ سنوراڻ جي ڪوشش ڪيائين، ۽ پنهنجي خداداد لياقت مطابق ٻين شاعرن جي اڳي معلوم بيتن کي وضاحت سان الڳ ڪيائين. سندس طويل مضمون ٽماهي مهراڻ ۾ ٻن قسطن ۾ شايع ٿيو. 1999 ع ۾ وري اهو مواد نئين سڌريل انداز ۾ ”قاضي قادن جو رسالو“ نالي سان سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو. ۽ هاڻي پنهنجي ويبسائٽ تي به رکيو اٿن.
- پڳت گرڌاري لال ان امڪان جو نه صرف اظهار ڪيو، پر دعويٰ ڪئي ته اهي سڀ بيت جيڪي قاضي قادن جي نالي سان مشهور آهن، سي در اصل سندس پائنٽي ”ميان مير“ جو ڪلام آهي، جيڪو دارا شڪوهه جو صحبتي هو، ۽ ڪنهن سبب چاچهس کان رُسي يا ڪاوڙجي لاهور هليو ويو هو ۽ سندس مقبرو اڄ به اتي موجود آهي. اهو مضمون پيغام رسالي ۾ ڇپيو. گرڌاري صاحب

دعويٰ ڪئي ته ان دعويٰ جي ثبوت ۾ هو تمام گهڻو مواد مهيا ڪري سگهي ٿو، پر شايد عمر کين اهڙي مهلت نه ڏني.

- ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ َصاحب "قاضي قادن" ۽ "قاضي َقاضن" نالن تي ويچار ڪيو، جيڪو پيغام ۾ ڇپيو. ميمڻ صاحب جي اعتراضن ۽ دليلن جي جواب ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب نالي جي وڌيڪ وضاحت ڪئي، جيڪا ڪريم بخش خالد صاحب پيغام ۾ ڇاپي.
- تنوير عباسي صاحب ۽ نياز همايوني صاحب قاضي قادن جي بيتن متعلق پنهنجي خيالن جي اظهار فرمايو، ۽ ڪريم بخش خالد تازين پڙهڻ جي آڌار تي قاضي قان جا 113 بيت پڙهندڙن جي سهولت لاءِ هڪ هنڌ گڏي پيغام رسالي ۾ ڇاپيا.

ٺماهي "مهراڻ" ۽ ماهيانه "پيغام" جي انهن پنهي شمارن َقاضي قادن جي ڪلام کي سنڌي پڙهندڙن تائين پُڄائڻ جو اهم ڪردار ادا ڪيو.

**سماهي مهراڻ ۽ ماهوار پيغام ۾ (1978، 1979) ۾ ڇپيل**

**عالمن جي مضمونن جي فهرست**

**(1)**قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾ : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، **مهراڻ پيغام**

(الف) پهرين قسط: مهرآن 1978، شمارو چوٿون، صفحا 112 کان 148)

(بي) ٻي قسط: مهراڻ مهراڻ 1979، شمارو پهريون، (صفحا 116 کان 149).

(2)قاضي قادن : ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو:
(الف) پهرين قسط: مهراڻ 1978 شمارو چوٿون، صفحا 149 کان 155)
(ب) ٻي قسط : مهراڻ 1989، شمارو پهريون، صفحا 150 کان

(3) قاضي قادن: تنوير عباسي: مهراڻ : 1978، شمارو چوٿون، 156 کان 162)

(4) قاِضي قادن جو ناياب ڪلام: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : پيغام ڪراچي، نومبر 1978، صفحا 3 کان 7)

(5) قاضي قادن يا ميان مير جو ڪلام: ٻڳت گرداري لال، پيغام، ڪراچي، صفحا 6 کان 7).

(6) قاضي قاضن يا قاضي قادن: ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، پيغام ڪراچي.

(7) قاضي قادن کان شاه لطيف تائين: ڪريم بخش خالد: پيغام ڪراچي، نومبر صفحا 4 کان 12)

(8) قاضي قاڌن يا ميان مير جو ڪلام: نياز همايوني: پيغام ڪراچي،

(9) قاضي قادن جي نالي بابت وضاحت: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: پيغام ڪراچي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشني ۾

”قاضي قادن نه رڳو سمن جي دؤر جو وڏي ۾ وڏو ۽ باڪمال صوفي شاعر آهي، مگر موجوده تحقيق جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته هو سنڌي ٻولي جو پهريون وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.“

اها راءِ اسان سورهن سال اڳ سنه 1962ع ۾ ”سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ“ لکندي قائم ڪئي هئي(1)، ۽ انهيءَ راءِ جو مدار قاضي قادن جي ستن بيتن تي هو، جيڪي ميين شاه ڪريم جي ملفوظات ذريعي محفوظ رهجي ويا آهن. هڪ ته انهن بيتن ۾ هيئت جي لحاظ سان، ’سنڌي بيت‘ جي ارتقاء جون مڙيئي صورتون موجود آهن؛ ۽ ٻيو ته اهي اعليٰ فڪر ۽ گهري صوفيانه نڪتن جو آئينو آهن. انهيءَ ڪري ئي اهي ٿورا ست بيت به قاضي قادن جي شاعرانه عظمت ۽ پاڪيزه فڪر تي شاهد آهن. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم انهن کي بجا طور ”سنڌي ساهت جا ست چمڪندڙ تارا“ ڪري سڏيو هو.

هاڻي ستن جي بدران قاضي قادن جا سؤ کان وڌيڪ بيت دستياب ٿيا آهن، جن جي روشني ۾ قاضي قادن جي نيڪ سيرت، فڪر جي بلندي، ۽ شاعرانه عظمت کي وڌيڪ بهتر نموني ۾ پرکي پروڙي سگهجي ٿو ۽ وڌيڪ صحيح نظريا قائم ڪري سگهجن ٿا. سندس بيتن جي هن نئين ذخيري کي تورڻ تڪڻ سان لازمي طور جنهن پڪي پختي نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو، سو هيءُ آهي ته بيشڪ قاضي قادن سنڌي اساسي شاعري جو ابو هو.

بيتن جو نئون ذخيرو جيڪو هاڻي هٿ آيو آهي، سو هن ڪان پوءِ قاضي قادن جي ڪلام جو سڀ کان وڌيڪ وڏو ۽ مکيه ماخذ ڪري ليکيو ويندو. اهو ذخيرو هند جي صوبي هريانا جي هڪ ڳوٺ ’راٽيلا‘ ۾، دادو-پنٿي پڳتن جي هڪ ’مٺ‘ (سڙهيي) ۾ رکيل هڪ قلمي ڪتاب ۾ محفوظ هو، جنهن کي هريانوي اديب راجا رام شاستري ڳولي هٿ ڪيو. هن ڪتاب ۾ قاضي قادن جا سنڌي بيت لکيل ڏسي، هن صاحب انهن بيتن کي سمجهڻ لاءِ دهلي جي سنڌي اديبن جو سهارو ورتو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي،

---

(1) ڏسو ”سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ“، حيدرآباد سنڌ، 1962ع، ص 133.

سڀ ڪان وڏيڪ ڪَهَري ٿي، اهائي ڳالهه اڻپوري رهجي ويئي هئي، پنهنجي موت ڪان وڌيڪ مون کي الهن جي ڳڻتي هئي، جي ايندڙ لڙائيءَ ۾ مارجڻ وارا هئا ۽ اهو مون سان ٻيو پيرو ٿي رهيو هو. مون دل سان آتما جي سموري زندگي انساني ايڪتا لاءِ ڪٽڻ محنت ڪئي هئي ۽ هن وقت ٻ اسان کي ايڪي جي ضرورت هئي. مون کي لڳو، ڄڻ مان اوچتو اڪيلو رهجي ويو آهيان. هڪدم ننڍڙڪو ٿي ويو آهيان! انهيءَ ڏينهن آخري ڀيرو مون شهر جو چڪر هنيو، آخري ڀيري شالتي ڏٺم. آس ۾ وهنتل آرام ۾ شانت شهر اڳي ڪان جدا نٿي لڳو. پاڻ ڪان پڇيو هئم، ڪٿي ائين ته ناهي، ته ڪين خبرئي نه پيئي آهي؟ پر اهي انگلنڊ جا رهاڪو هئا ۽ پنهنجي الدر کي قابو ۾ رکڻ جا ماهر هئا. ڪين پنهنجي حالت کي اڃا ٻ طاقتور ڪرڻ لاءِ نہ جهڻبڻ جي ضرورت هئي، نہ دهل وڄائڻ جي ۽ نہ ڪنهن هل ڪرڻ جي. اهو ڏينهن آسٽريا جي انهيءَ 1914ع جي جولاءِ ڪان ڪيترو جدا هو ۽ مان ٻ ڪيترو بدلجي چڪو آهيان. تڏهن مان هڪ اڻ سوچيندڙ جوان هئس. اهو سجايل، سنواريل، پريل دڪان مون کي 1918ع جي خالي دڪانن جي ياد ڏياري رهيو هو.

لڳم، هلندي هلندي مان سپنو ڏسي رهيو آهيان، جنهن ۾ ٿڪل ٽٽل عورتون، راشن جي دڪانن اڳيان قطار ۾ بيٺيون آهن. مائرون ڪارن ڪپڙن ۾ اداس آهن. ڦٽيل، منڊا، محتاج سپاهي... سڀڪجهه سپنو بڻجي چهڪندر آس ۾ پَوت بڻجي منهنجي اکين اڳيان اچي بيٺو. مون کي پنهنجا پوڙها سپاهي، لڙائيءَ تان موٽيل ٿڪل ٽٽل ڦاٽل ڪپڙن ۾ ويڙهيل سپاهي ياد اچي ويا. منهنجي ٿڪي ڌڙڪندڙ دل، گذريل لڙائيءَ کي ايندڙ لڙائيءَ جي اعلان ۾ هڪ ڀيرو وري محسوس ڪيو. ايندڙ ڀوائتو طوفان اڃا اسان جي نظرن ڪان لڪل هو. ماضي ختم ٿي چڪو هو، جو ڪجهه اسان حاصل ڪيو هو، ڦرجي ويو هو، ناس ٿي چڪو هو، ۽ اهو هاڻو اسان جي زندگيءَ ڪان گهٽو ٻوءِ تائين جاري رهندو. ڪجهه لڱون، هڪ نئين سنسار ڏاهڻ ڪان اڳ، ڪيترن لرڪن ڪيترن ايڙا اسان تان لنگهڻو پوندو آهي.

آس تمام ٿڪي هئي. گهر موٽندي ڏٺم، ته منهنجو پاڇو منهنجي اڳيان بلڪل ائين ٿي لڳو، ڄڻ هاڻي هاڻي گذريل مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ايندڙ مهاڀاري لڙائيءَ جو پاڇو ڏٺو هئم. مان اڄ تائين انهيءَ پاڇي ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهيو آهيان. اهو هروقت منهنجي هرخيال جي ڪيڏ لڳو رهندو آهي. شايد انهيءَ پاڇي جون ڪاريون گهريون روپ ريکائون منهنجي آتم-ڪٿا جي صفحن ۾ ٻہ ڪٿي نہ ڪٿي لڪيل آهن؛ پر پاڇي جو جنم روشنيءَ مان ٿئي ٿو. جنهن پريات ۽ سنڌيا، لڙائي ۽ امن جو لاهه ۽ چاڙهه ڏٺو آهي، تنهن جيون ڏٺو آهي.

هيري چيتالال ٺڪر ۽ شري جٺرامداس دولت رام سان مليو، ۽ ٻنهي ٺڪر صاحب سان ٻڌي ڏينهن ساندهه ويهي انهن بيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين. راجا رام شاستري جي ايتري شوق، هيري کي همٿايو ۽ منجهس سنڌي ادب جي خدمت جو جذبو جاڳايو، جو هن صاحب پنهنجي ذاتي محنت ۽ لياقت، ڪن ٻين اديبن جي صلاح مشوري، ۽ سنڌي ٻولي جي محقق ۽ سچڻ جٺرامداس دولت رام جي تاڪيد ۽ آسيس سان گذريل ٻن سالن جي عرصي ۾ وڏي ڏن ۽ ڏيان سان پڙهي پروڙي، سُڌاري سنواري، انهن بيتن کي "قاضي قادن جو ڪلام" جي سري سان هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو(1).

جس انهن اڳين پيڙهين ساڌن کي جن قاضي قادن جا ايترا سارا بيت لڪائي محفوظ ڪيا ۽ پڻ راجا رام شاستري کي، جنهن اهي ڳولي هٿ ڪيا. وڏي جس ۽ شاباس هيري ٺڪر کي، جنهن هن ذخيري جي علمي طور ڇنڊڇاڻ ڪري، خاص طرح قاضي قادن جي بيتن کي سمجهڻ ۽ انهن جي صحيح پڙهڻين قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ پڻ انهن جي معنيٰ ۽ شرح لکي. جنهن محنت ۽ محبت سان هن سچڻ اهو ڪشالو ڪڍيو آهي، سو قابل قدر ۽ قابل تعريف آهي.

هيري ٺڪر جو هيءُ ڪتاب، جٺرامداس دولت رام صاحب پنهنجي مهرباني سان اسان ڏي سوکڙي ڪري موڪليو ۽ ان جي پڙهڻ سان دلي خوشي حاصل ٿي. ذري گهٽ پنجن سون سالن کان پوءِ قاضي قادن جي هيترن سارن بيتن جو هٿ اچڻ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ لاءِ هڪ نيڪ فال آهي. انهيءَ ڪري هن ناياب ذخيري تي هر نقطهءِ نگاهه کان وڌيڪ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. دادا جٺرامداس دولت رام پنهنجي دانائي واري 'مهاڳ' ۾ لکيو آهي ته:

"سنڌ ۽ هند جا عالم نه رڳو سنڌس (هيري ٺڪر جي) پورهئي جو نتيجو ماڻيندا، پر منجهائن جن کي ان قسم جي کوج جي سڪ چڪ آهي سي سنڌس ڪتاب مان سنڌي ٻولي جي اوسر ۽ وڪاس جي اتهاس تي چڱي روشني وجهي سگهندا... هيري ٺڪر جي هن املهه پستڪ بعد پاڪستاني سنڌي عالمن کي توجهه ڪري، قاضي قاضن (قادن) جي حياتي جو تفصيل سان 'عمدو ڪتاب تيار ڪرڻ گهرجي."

اها اچ قبولي انهيءَ سڏ کي اولائبو، ۽ اميد ته وڌيڪ تحقيق سان جدا طور اهڙو عمدو ڪتاب تيار ٿي سگهندو؛ پر پهريائين اهو ضروري آهي ته موجوده تحقيق جي روشني ۾ قاضي قادن جي بيتن جي صحيح سٽاءَ کي سمجهجي، ۽ انهن جي لفظن اصطلاحن معنيٰ ۽ صورتخطي تي وڌيڪ ويچار ڪجي. هيري ٺڪر جو ڪيل ڪشالو انهيءَ سلسلي ۾ هڪ بنيادي

---

(1) هيرو چيتالال ٺڪر: "قاضي قادن جو ڪلام"، پوچا پبليڪشنس، لارينس روڊ، دهلي، 1978ع.

ماخذ يا سرچشمو رهندو. وڌيڪ ڪوشش اها ڪرڻي آهي ته هن مڪيه ماخذ توڙي ٻين سرچشمن جي آڌار تي، قاضي قادن جي مڙني بيتن جي جدا جدا پڙهڻين ڪسي پيٽي انهن جو وڌيڪ صحيح متن قائم ڪجي. قاضي قادن جا بيت سنڌي ٻولي جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو دستاويز آهن، ۽ انهيءَ ڪري ضروري آهي ته انهيءَ دستاويز جي وڌيڪ درست ۽ صحيح صورت کي سمجهڻ ڏانهن اسان پنهنجو پورو ڌيان لڳايون. انهيءَ ڏس ۾ اسان جي طرفان هيءَ هڪ شروعاتي ڪوشش آهي، جنهن کي اڳتي اهان به وڌيڪ تحقيق سان وڌيڪ مڪمل ۽ سهڻو ڪري سگهبو.

## ڪتاب ”سنتون ڪي واڻي“ ۾ لکيل قاضي قادن جا بيت

هندوستان جي صوبي هرياڻا ۾، روهتڪ شهر جي ويجهو راٺيلا نالي ڳوٺ ۾ دادو پنٿي ڀڳتن جي هڪ ’مٺ‘ (مڙهي يا اوتاري) ۾ هڪ وڏو دستخط پستڪ رکيل آهي، جنهن ۾ اوڀهتر سنتن ۽ ساڌن يعني فقيرن ۽ درويشن جو ڪلام لکيل آهي؛ جن مان هڪ قاضي قادن آهي. ڀڳتن جي هيءَ راٺيلا واري مڙهي، جنهن ۾ هيءُ دستخط ڪتاب ’سنتون ڪي واڻي‘ سانڍيل آهي، جنهن جو بنياد سنت هريداس سنه 1780ع سنبت/1723ع ۾ رکيو؛ ان وقت سندس عمر 23 سال هئي. هو سوامي لتانند جو همعصر هو، جيڪو سنبت 1799/1856ع ۾ گذاري ويو. انهيءَ لحاظ سان سنت هريداس جي حياتي وارو عرصو اندازاً 1693-1799ع سالن جي وچ وارو آهي. انهيءَ لحاظ سان هو شاهه عبداللطيف (1689-1752ع) کان ننڍو هو، ۽ انهيءَ ڪري جيڪڏهن هن قاضي قادن جا بيت لکيا يا لکايا ته اهي ’شاهه جي رسالي‘ ۾ آيل بيتن کان مڙيئي پوءِ وارن سالن جا ڪري ڳڻبا. سنت هريداس دادو پنٿي ڀڳت هو، يعني ته درويش دادو ديال (1544-1603) جي ڪنهن چيلي جو چيلو هو. خود دادو ديال پاڻ شاهه عبدالڪريم (1538-1623ع) کان ڪجهه ننڍو هو. ان تي قاضي قادن جي بيتن جو وڏو اثر هو، ۽ قاضي قادن جا بيت يقيني طور دادو ديال تائين پهتا؛ جهڙيءَ طرح اهي شاهه عبدالڪريم تائين پهتا هئا. دادو ديال البت شاهه عبدالڪريم (1538-1623ع) کان ڪجهه ننڍو هو، ۽ ٻيو ته شاهه عبدالڪريم جي پيٽ ۾ هو سنڌ کان ٻاهر قاضي قادن کان پريرو هو. قاضي قادن جا بيت اول سنڌ ۾ مقبول ٿيا ۽ پوءِ ٻاهر مشهور ٿيا، ۽ سنڌ اندر اهي شاهه عبدالڪريم تائين يقيني طور پهريائين ۽ سنڌ کان ٻاهر دادو ديال تائين پوءِ پهتا هوندا. انهيءَ لحاظ سان، انهن بيتن جي روايت (متن ۽ پڙهڻي) جيڪا شاهه عبدالڪريم کان شاهه عبداللطيف تائين پهتي، سا ٻي انهيءَ روايت جي پيٽ ۾ وڌيڪ ٺڪي ٺهڪندي جاڻبي جيڪا دادو ديال کان ڀڳت هريداس تائين پهتي.

ڀڳت هريداس جي مٺ ۾ رکيل دستخط ”سنتون ڪي واڻي“ ۾ قاضي قادن جا بيت هيٺين عنوان سان شروع ٿين ٿا:

"ڪاجي ڪادن جيي ڪي ساکي (سنڌي)
اور ٻيي ساڌان ڪي ساکي ايڪتي."

(يعني: قاضي قادن جي سنڌي ۾ ڪٿا (شاعري) ۽ ٻئي ٻين ساڌن جي ڪٿا (شاعري) هڪ جاءِ ڪٺي ڪري لکيل.)

بيتن جو خاتمو هيٺين عبارت سان ٿئي ٿو:

"ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي سمپورن سماپته"

يعني 'قاضي قادن جي شاعري هت پوري ٿي'.

هن عنوان هيٺ ڏنل بيتن ڪسي دهلي جي لائق سنڌي اديب هيري ڄيٺالال ٺڪر (جنهن کي هن ڪان پوءِ اسان 'مؤلف' ڪري لکنداسون) اصل دستخط تان پڙهي انهن جي صورتخطي قائم ڪئي آهي ۽ پڻ بيتن جي معنيٰ لکي آهي. سندس اهو ڪتاب "قاضي قادن جو ڪلام" جي نالي سان هن سال 1978ع ۾ ڇپجي دهلي مان شايع ٿيو آهي. جيئن ته رائيلا وارو اصل دستخط اسان جي پهچ ڪان ۽ هر عام اديب ۽ پڙهندڙ جي پهچ ڪان پري رهندو، انهيءَ ڪري 'مؤلف' جو تيار ڪيل ۽ ڇپايل ڪتاب "قاضي قادن جو ڪلام" ئي "سنتون ڪي واڻي" جي بدران اسان جي مطالعي جو مکيه ماخذ رهندو، ۽ ان کي ئي قاضي قادن جي بيتن جي پيٽ ۽ درستي لاءِ پڙهنداسون ۽ پرکينداسون.

## قاضي قادن ۽ ٻين درويشن جا گڏ لکيل بيت

مؤلف جي ڪيل محنت ڪان پوءِ، البت هن بنيادي قدم بعد اڳتي وک وڌائڻي آهي، ۽ ٻن مکيه ڳالهين تي وڌيڪ ويچار ڪرڻو آهي: پهريون ته هن ذخيري ۾ ڪهڙا بيت قاضي قادن جا آهن ۽ ڪهڙا ٻين جا آهن؛ ۽ ٻيو ته انهن بيتن جون سڀ ڪسان وڌيڪ صحيح ۽ سهڻيون پڙهڻيون ڪهڙيون ٿي ٿيون سگهن. انهن ٻنهي سوالن کي خود لائق مؤلف پنهنجي ڪتاب ۾ سهڻي نموني سان ڪنيو آهي ۽ گهڻي حد تائين انهن کي صاف ڪيو آهي. اسان سندس ڪيل محنت جو دلي قدر ڪندي، انهن ٻن مکيه سوالن تي قدري وڌيڪ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

هن ذخيري ۾ ڪهڙا بيت قاضي قادن جا آهن ۽ ڪهڙا بيت ٻين جا آهن - ۽ اهو بنيادي سوال انهيءَ ڪري اٿي ٿو جو خود "سنتون ڪي واڻي" جي اصل گڏ ڪندڙ ۽ لکندڙ، يا ان ڪان پوءِ ٻئي ڪاتب يا سهڻو ڪري آتاريندڙ هنن بيتن واري باب جي مٿان صاف طور لکيو آهي ته هن باب هيٺ "قاضي قادن ۽ ٻين" درويشن جا بيت شامل آهن. البت هن باب جي آخر ۾ فقط قاضي قادن جو نالو ئي آندو اٿس ۽ ڄاڻايو اٿس ته 'قاضي قادن جا بيت پورا ٿيا'؛ هر جتي اهي بيت اڃي پورا ٿين ٿا اتي وارا آخري ٿي بيت قاضي قادن جا ناهن هر

قاضي محمود جا آهن. هن باب جي سِري ۽ خاتمي وارين انهن عبارتن کي ويچارڻ سان هيٺين قياس جوڳن نتيجن تي پهچجي ٿو:

1- هن باب هيٺ سڀ کان وڌيڪ ۽ گهٽ ۾ گهٽا بيت قاضي قادن جا ڏنل آهن، جو شروع توڙي آخر ۾ سندس نالو ڏنل آهي.

2- جمع ۾ بيان ڪيل "ٻڻ ٻين درويشن" ("اور بي ساڌان") واري اصطلاح سان اها مراد وٺبي ته نه فقط هڪ يا ٻن يا ٽن، پر ان کان به وڌيڪ درويشن جا بيت شامل آهن. فقط ٻن يا ٽن ٻين جا بيت هجن ها ته اهي گڏ ڪندڙ، قاضي قادن سان گڏ انهن جا نالا به صفائي ڪري ڏجي ها.

3- ٽن درويشن (دادو، هلو ۽ قاضي محمود) جي پنهنجي نالي سان بيت موجود آهن، ۽ چوٿين درويش شيخ فريد جا ٻڻ هڪ به بيت شامل آهن جن جي اصل گڏ ڪندڙ کي به خبر هوندي. پر انهن کان سواءِ ڪي ٻيا بيت ٻين درويشن جا به هئا جن جي نالن جي گڏ ڪندڙ کي پوري پڪ ڪانه هئي. انهيءَ ڪري حقيقت کي واضح ڪرڻ ۽ پاڻ تان ميار لاهڻ خاطر جمع جو صيغو استعمال ڪري لکيائين ته هنن بيتن ۾ قاضي قادن ۽ "ٻڻ ٻين درويشن" جا بيت شامل آهن.

مؤلف پنهنجي تحقيق کي ايتري حد تائين سهڻو ڪري نباهيو آهي جو جن ٻين درويشن جي نالن سان يا بنا نالن جي بيت جيڪي هن باب هيٺ شامل آهن تن کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. سندس خيال ۾ جملي ڇهه بيت (هڪ دادو ديال جو، هڪ فريد جو، هڪ هلو جو ۽ ٽي قاضي محمود جا) اهڙا آهن جيڪي قاضي قادن جا ناهن پر ٻين جا آهن.

## قاضي قادن جي بيتن کي پرکڻ جا اصول

علمي لحاظ سان هي شروعاتي تحقيق پوري مڪمل تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن ان کي ڪن علمي اصولن موجب پوري جاچ سان نبيري سگهبو. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان اصول اسان جي راهه ۾ خاص اهميت رکن ٿا:

### ● پهريون اصول، ٻاهرين شاهدي

"سنتون کي واڻي" جي لکجڻ واري سال کان اڳ واري دور جي سنتن، ساڌن ۽ درويشن جي سچي ڪلام جي اسان کي جاڻ هجي جو اهڙا بيت جيڪي هن ذخيري ۾ بنا نالي آهن پر ٻين ذخيرن ۾ اهي ٻين درويشن جي ڪلام ۾ موجود آهن، تن کي ڌار ڪري سگهون. انهيءَ اصول موجب ئي لائق مؤلف شيخ فريد جو هڪ بيت ڌار ڪيو آهي جيڪو بنا نالي هن ذخيري ۾ شامل آهي پر ساڳئي وقت "آد گرنٿ" (گرو گرنٿ) ۾ ٻڻ موجود آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو بيت ٻڻ "آد گرنٿ" ۾

متن جي ٽوري ڦيرگهير سان موجود آهي. ڊاڪٽر صاحب ان کي قاضي قادن جو ڪري ليکيو آهي، مگر ٻئي اصول موجب، جيڪو اسان هيٺ ڏيون ٿا، هن بيت کي پڻ قاضي قادن جي بيتن کان ڌار ڪرڻو پوندو.

## ● ٽيون اصول، اندروني ثابتي

هن اصول مطابق هر بيت جي اندروني سٽاءُ، ٻولي ۽ معنيٰ کي سامهون رکڻو آهي، ۽ سوچڻو آهي ته سٽاءُ، ٻولي ۽ معنيٰ جي لحاظ سان هر بيت قاضي قادن جو ٿي سگهي ٿو يا نه؟ تحقيق جي لحاظ سان هي اصول، پهرين ٻنهي جيترو بلڪ انهن کان به ڪجهه وڌيڪ وزندار ۽ ڪارگر آهي، خاص طرح انهيءَ ڪري جو هن ذخيري کان سواءِ ٻين ذخيرن ۾ (خاص طرح شاهه عبدالڪريم جي 'بيان العارفين' ۾) قاضي قادن جا صحيح ۽ پڪا پختا بيت موجود آهن جن جي سٽاءُ ۽ ٻولي ۽ معنيٰ کي سامهون رکي هن ذخيري جي هر بيت کي پرکي سگهجي ٿو.

لائق مؤلف ۽ ٻين سڄڻن به ڪنهن حد تائين هن ٽئين اصول جي پوئواري ڪئي آهي جو "بيتن جي ٻولي جو روپ، وياڪرڻ جي جوڙجڪ ۽ شبداولي سنڌي" ڪي ڌيان ۾ رکيائون (1)، ۽ جملي هڪ سؤ ٻارهن بيت قاضي قادن جا ڪري سمجهيائون. اسان جي خيال ۾، انهن بيتن کي هن اصول جي ڪسوٽي تي وڌيڪ پرکڻ جي ضرورت اڃان باقي آهي.

اسان جي راءِ ۾ مٿين ٻن اصولن جي روشني ۾ اڃا به ڪي ٻيا وڌيڪ بيت، قاضي قادن جي ڪلام کان ڌار ٿيندا. پهرين اصول جي پوئواري لاءِ وڌيڪ مطالعي جي ضروت آهي، جنهن لاءِ وڌيڪ وقت گهرجي. البت ٽيو اصول انهن هڪ سؤ ٻارنهن بيتن سان لڳائي، نه فقط ڪن ٻاهرين بيتن کي جدا ڪري سگهجي ٿو پر خود قاضي قادن جي بيتن جي پڙهڻين کي وڌيڪ صحيح ۽ سهڻو ڪري سگهجي ٿو.

هيٺ اسان پنهنجي محدود ڄاڻ موجب اهڙي ڪوشش ڪنداسون، پر ان کان اڳ ڪن ضروري ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائينداسون. سڀ کان پهريائين "سنتون ڪي واڻي" ۾ جنهن سٽاءُ ۽ صورتخطي ۾ اهي بيت لکيل آهن، تنهن کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته درويش دادو ديال پاڻ قاضي قادن جي بيتن کان متاثر هو. هن پاڻ پنهنجي حياتي ۾ قاضي قادن جا بيت پئي پڙهيا جنهن کان متاثر ٿي هو سندس چيلن ۽ ٻالڪن انهيءَ کي ياد ڪيو يا لکيو. انهيءَ اوائلي ڏي-وٺ ۾، انهن بيتن جي پڙهڻي تي ڍانڍي ۽ راجستاني ٻولين جو رنگ چڙهيو: يعني ته لهجو بدليو ۽ ڪن لفظن جي ٻيهڪ بدلي. ان بعد راجستاني رنگ واري روايت پنجاب (هريانا) تائين پهتي، ۽ ان تي پنجابي ٻولي جو

---

(1) قاضي قادن جو ڪلام: ص 38-39.

رنگ چڙهيو، ۽ پنجابي لهجي مطابق لفظن جي موڙ سوڙ ٿي. بهرحال قاضي قادن جي وفات (1551ع) يا ان کان به اڳ جڏهن کان وٺي اهي بيت دادو ديال (1544-1603ع) تائين پهتا، ان بعد راجستاني جون حدون ٽپي پنجابي جي حدن اندر آيا، تان جو 18 صدي ۾ پيگت هريداس يا سندس چيلن لکيا - انهن لڳ ڀڳ ٻن صدين دوران انهن سنڌي بيتن جي لفظن ۽ عبارتن تي راجستاني ۽ پنجابي ٻولين جو رنگ چڙهيو. انهن بيتن تي اهو رنگ "سنتون کي واڻي" واري پڙهڻي مان ظاهر نظر اچي ٿو. جڏهن اهو رنگ لاهبو تڏهن لفظن، فقرن ۽ مصراعن جي صاف سنڌي صورت نظر ايندي.

ٻين ذخيرن ۾ آيل قاضي قادن جي بيتن مان ظاهر آهي ته قاضي قادن جي ٻولي جيتوڻيڪ ڳوڙهي آهي پر اُچ سنڌي آهي. البت جيڪڏهن قاضي قادن ٻکر ۾ ڄائو لپنو ۽ وڏو ٿيو ته سندس ٻولي پڻ انهيءَ ڀاڱي جي مچي سگهجي ٿي: يعني ته اها ان دور جي اتر يا سري واري سنڌي ٻولي هئي، جنهن مان ان اڳاٽي دور ۾ سرائيڪي ٻولي جي آميزش ٿي؛ پر اها اهڙي ٻولي نه هئي جو ان جي سنڌي صورت گهٽجي حد تائين متجي وئي هجي، يا ان ۾ سنڌي جو جزو ٿورو ۽ سرائيڪي جو مقدار زياده هجي. قاضي قادن جا ايت اهي ٿي هوندا جن ۾ سنڌي الفاظ يا اصطلاح گهڻا ۽ سهڻا هجن. اهو بلڪل ممڪن آهي ته قاضي قادن سنڌي سان گڏ سرائيڪي ۾ پڻ بيت چيا هجن، جيتوڻيڪ ٻين ذخيرن ۾ سندس جيڪي به بيت ڏٺل آهن سي سڀ سنڌي ۾ آهن. هن کان اڳ سرائيڪي ۾ سندس کو به شعر اڃان تائين نه مليو آهي، پر هن موجوده ذخيري ۾ سرائيڪي ۾ چيل ڪلام پڻ شامل آهي. اهڙي ڪلام کي ڏسبو ته ان جي سٽاءُ به ايتري سهڻي آهي ۽ ان جي معنيٰ پڻ ايتري اعليٰ آهي، جيترو قاضي قادن جي ٻين معلوم ۽ مشهور سنڌي بيتن جي آهي.

صاف سنڌي ٻولي ۾ چيل بيتن جي پرک فقط معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان ٿي ٿيندي. يعني ته ڏسبو ته انهن ۾ سمايل خيال ۽ معنيٰ جو معيار ايترو بلند آهي جيترو قاضي قادن جي ٻين معلوم ۽ مشهور بيتن ۾ آهي.

## "سنتون کي واڻي" ۾ قاضي قادن جي بيتن کان سواءِ ڪي ٻيا شامل بيت

مٿي جن ويچارن کي ورجايو ويو آهي، تن کي ذهن ۾ رکندي، ۽ پڻ ان سان گڏ سنڌي آساسي شاعري توڙي عام سنڌي شاعري جي مشهور معروف لفظن، محاورن ۽ مثالن کي سامهون رکندي اسان في الحال هن نتيجي تي پهچون ٿا ته ڪتاب "قاضي قادن جي ڪلام" ۾ انهن ڇهن بيتن کان سواءِ جيڪي مؤلف ڌار ڪيا آهن، اڃان ٻيا وڌيڪ بيت اهڙا آهن جيڪي ڌار ڪرڻ ضروري آهن، ڇاڪاڻ جو هڪ ته انهن جي ٻولي نرالي آهي، ۽ ٻيو ته انهن جي سٽاءُ، انهن جو وزن انهن جي شاعراڻي خوبي يا انهن جي معنيٰ جو معيار قاضي قادن

جي مشهور معروف بيتن جهڙو يا جيترو لاهي. حقيقت ۾ جڏهن 'سنتون ڪي واڻي'، آد گرنٿ ۽ ٻين مکيه ڪتابن ڪي پڙهي شيخ فريد، شاه حسين، قاضي محمود، دادو ديال ۽ ٻين اهڙن شاعرن جي بيتن کي قاضي قادن جي بيتن سان ڀيٽيو، تڏهن ئي ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچبو ته ڪهڙا بيت قاضي قادن جا ۽ ڪهڙا ٻين جا آهن. في الحال جيڪو مواد اسان جي اڳ آهي، تنهن کي ڌيان ۾ رکندي اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته هڪ سؤ ٻارهن بيت جيڪي 'قاضي قادن جي ڪلام' ڪتاب ۾ ڇپيا آهن، تن مان پنجٽيهه (35) بيت ڪن ٻين درويشن جا چيل آهن. انهن بيتن بابت گهٽ ۾ گهٽ ته ائين چئبو ته اهي بالڪل شڪ ڪاڏن آهن ۽ يقين سان ائين چئي ڪونه سگهبو ته ڪو قاضي قادن جا ئي آهن. هيٺ ايندڙ ٻن عنوانن هيٺ اسان انهن بيتن کي جيڪي گهٽو ڪري ٻين جا چيل آهن، ورهائي جدا ڪيو آهي، ۽ اڻ هر هڪ بيت جي صحيح صورتخطي ۽ صحيح معنيٰ بابت مختصر طور سمجهاڻي ڏني آهي.

## اهي بيت جيڪي گهڻو ڪري قاضي قادن جا ناهن

جملي هڪ سؤ ٻارهن بيتن مان جيڪي ڇاپي هيٺ آيا آهن، تن مان هيٺيان 35 بيت، ٻاهرين' توڙي اندروني ثابتي مطابق گهڻو ڪري ٻين شاعرن جا چيل آهن ۽ قاضي قادن جا ناهن. اسان هيٺ انهن تي وڌيڪ روشني وجهنداسون. بيتن جي مٿان جيڪي نمبر ڏلل آهن سي ساڳيا ڇاپي وارا آهن.

[4]

[ٻاڻا] پڙهندو پنڃي ويو، ڪوڙين لک قرآڻ
لڪي لوڪ نه سگهيو، ڀاڻي اندر ڀاڻ.

✓ 1- ڇاپي جي پهرين سٽ جي پڙهڻي ۾ لفظ 'ٻاڻا' ڪولهي، ۽ وزن توڙي معنيٰ جي لحاظ سان اهو ئي موزون لفظ آهي، جيڪو ڪٽيل آهي.

2- پهرين سٽ شعر توڙي فڪر جي لحاظ سان سادي آهي؛ پيو ته قاضي قادن جهڙي عالم يقيني طور 'قران' کي 'قرآڻ' ڪري ڪونه اچاريو هوندو. اسان جي راءِ ۾ هي درويش دادو ديال جو بيت آهي.

3- مؤلف هن بيت جي معنيٰ صحيح ڪري لکي آهي، ۽ جيڪڏهن هيٺين طور معنيٰ ڪبي ته به سهڻي ٿيندي.

-- ٻاڻ ئي ٻاڻ (ڳڙو پنهنجي لاءِ) ڪوڙين لکين دفعا قرآن شريف پئي پڙهيائين:
-- هو پنهنجي آپي الدر ايترو ته غرق هو جو ٻين کي (لوڪ کي) سڃاڻي نه سگهيو.
(يا)

سڄو لوڪ (عام ماڻهو) پنهنجو پاڻ ۾ ايترو ته محو آهي، جو حق ۽ حقيقت کي
لٽو سڃاڻي.

[ 14 ]

درَ ڀُورا ڪَرَ سڀ، ڳهُران، حقيقتا هنجهہَ
ڪوڙين هنڌان ڪَٺَ چُڳن، سَرَ ڀاڻيءَ جي منجهہِ.

1- هيءَ سٽ ۾ "سر ڀاڻي جي مَنجهہ" وارو فقرو سٽاء ۾ سادو آهي. 'سر' (تلاءُ) آهي ٺي ڀاڻي جو، الهيءَ ڪري 'سر منجهہ' چئي سگهجي ٿو، پر 'سر ڀاڻي جي منجهہ' ڪونہ چئبو. پيو ته هن سٽ ۾ سمايل خيال پڻ توحيد، هيڪڙائي ۽ هڪ-مڻائي جي ابتڙ آهي.

2- جيئن بيت ڀيٺل آهي، تيئن ان جي معنيٰ ٿيندي ته:

-- مون کي اهڙن گروئن جي طلب آهي جيڪي 'در ڀوَريا' آهن، يعني ٻاهريان در پوري بند ڪري، اندرئي اندر ٿا ڏٺيءَ کي ياد ڪن؛

-- اهڙا گرو حقيقي هنجهن مثال آهن، جيڪي ڀاڻيءَ جي تلاءَ ڪان ٻاهر نٿا لڪرن ۽ اندرئي اندر ٽٻيون ڏيئي ڪيترين ئي جاين تان موتي ڪٽا پيا چڳن.

15

وڃي آيو ڪير، ڪنهن ڏنو منهن لاهوتين
اچي ڪندو ڪير، ڳالهيون رب پرتيان!

1- هن بيت ۾ ساڳيو قافيو 'ڪير' ٻہ دفعا آيل آهي، ۽ شاعريءَ جي لحاظ سان اها وڏي اوڻائي آهي.

2- هي ڪنهن ٻئي درويش جو چيل بيت آهي، ۽ ان ۾ جيڪو پڇيل سوال آهي تنهن جو جواب بيت نمبر [ 16 ] ۾ ڏٺل آهي، جيڪو قاضي قادن جو آهي يا قاضي قادن جي ڪنهن همعصر اهو بيت چيو ۽ سوال پڇيو، ته اهو بيت اڃا ٻہ اڳ جي ڪنهن درويش جو هو، جو قاضي قادن ان جو سهڻو جواب ڏنو.

3- معنيٰ صاف آهي ته:

-- اوڏهن وڃي الله وارن (لاهوتين) جو ديدار ڪري، وري موٽي ڪونہ آيو آهي،

-- سو، الهن رب جي پيارن ۽ پرتلن جون ڳالهيون هت ڪير اچي ڪندو!

[ 20 ]

اک اندر سَريو، جاڳي پس جوّاڻ
منجهيٽي مَڪوٿيو، منجهيٽي ملتاڻ.

1- 'اک اندر' کي 'الگ اندر' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو. 'الگ اندر' يعني پنهنجي جسم ۽ جان اندر، پنهنجو پاڻ ۾. 'منجهيٽي'، 'جواڻ' ۽ 'ملتاڻ' الفاظ، جنهن شاعر هي بيت چيو تنهن جي مقامي لهجي وارا اُچار آهن. هن وقت 'منجهيٽي' چئبو.

2- 'الڳ الهہ ر' پڙهڻ سان معنيٰ ٿيندي:

-- اي جوان مردا! تون سجاڳ ٿي ڏس تہ تنهنجي پنهنجو پاڻ ۾ ئي سڀڪجهہ سمايل آهي.

-- مڪو بہ تنهنجي اندر آهي تہ ملتان بہ تنهنجي اندر آهي.

[ 22 ]

شهباز باز ٿيو، ھنڪي نہ ماري
اڪ ڪوڙي عرس ۾، لُڏي مناري.

1- هي بيت گهڻو ڪري دادو ديال جو آهي. 'ھنڪي' ۽ 'عرس' درويش دادو جي پنهنجي مقامي لهجي وارا اُچار آهن. دادو جي ٻين بيتن ۾ پڻ 'عرس' آهي. سندس هيٺيون بيت ۽ مٿيون بيت ساڳئي سلسلي جا آهن:

اٿي پهر عرس ۾ لڏندا آهن
دادو پَسي تن کي، اسان خبر ڏين.

2- مؤلف بيت جي معنيٰ سهڻي ڪئي آهي تہ:

-- باز (رواجي انسان) شهباز (عارف ۽ ڪامل) بڻجي پيو: هاڻي اهو ڪڪين کي ڪو ماري (سنساري حرص هوَس ۾ ڪو ڦاسي).

-- ان جي اک آڪاس ۾ کتل آهي ۽ اهو مناري تي ويهي لُڏي رهيو آهي (اهو ڏيان ۾ مگن ۽ آنند ۾ جهومي رهيو آهي).

[ 23 ]

جنهين جان جُدا ڪيي، تون مُنهُ تنهين پَسُ
لَتاڙين لَتُن سين، اٺئي پهر عَرِسُ.

1- هن بيت ۾ سمايل خيال وڏو آهي، پر الفاظ اهڙا سهڻا ناهن جهڙا قاضي قادن جي ٻين بيتن جا آهن. پهريون تہ 'عَرِسُ' وارو قافيو ڪنهن حد تائين صحيح آهي، پر قاضي قادن جهڙو وڏو عالم ۽ داناء 'عرش' بدران 'عرس' استعمال ڪري، سو اعتبار جوڳو ناهي. ٻيو تہ 'لتاڙي لتن سين' واري ٻولي پڻ معياري ناهي پر عامي آهي. ٽيون تہ جن جان جدا ڪئي آهي ۽ جن جو اهڃاڻ ٻيءَ سٽ ۾ ڏنل آهي، تن جي "اٺئي پهر عرش کي لتن سان لتاڙڻ" واري عمل مان ڪا خاص معنيٰ يا ڪو خاص نتيجو ڪو نہ ٿو نڪري: يعني تہ اهو ذهن نشين ڪو نہ ٿو ٿئي تہ ڇا ٿا ڪن ۽ ڇو ٿا ڪن؟ ٻيءَ سٽ ۾ اصل لفظ 'آٺي' آهي، جنهن کي بهتر آهي تہ 'اٺئي' پڙهجي.

2- معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف هيٺين طرح لکي آهي:

-- جن پنهنجي وجود کي وڃايو آهي، تون انهن جي منهن ڏانهن نهار.

-- اهي اٺئي پهر عرش کي لتن سان لتاڙيندا رهن ٿا.

[29]

جي لوڙِيندي نه لهان، آلوڙيندي ڏيرَ،
توڙي ڏسڻ سولهڙي، آڻبان ٿُل نه پير.

1. هي بيت صاف سرائيڪي ۾ آهي. سٽاءَ جي لحاظ سان جيتوڻيڪ سهڻو آهي، پر معنيٰ دنيائي وهنوار واري آهي ۽ ان ۾ ڪو به والهانه يا عارفانه خيال سمايل ڪونهي. معنيٰ عام مشهور مثال واري آهي ته ”لوهه ڏسڻ جا سهڻا“ يا ”الٻن جو مٽ الٻڙيون نه ٿينديون“. اسان جي راءِ ۾ هي بيت قاضي قادن جو ناهي.

2. معنيٰ ته:

اهي (ظاهري سڄڻ ته) ضرورت وقت ڳوليا به نٿو لهي سگهان؛ باقي جڏهن ضرورت ناهي تڏهن ڏيک لڳي ٿا وڃن (گهٽائي موجود ٿي ٿا وڃن).

اهي جيتوڻيڪ ڏسڻ جا سهڻا آهن، پر ڪو (لال ڳاڙها سهڻا) پير، الٻن جي مٽ ٿيندا (جيڪي رنگ ۾ ايڏا لال ناهن)!

[30]

سونهي سَرَپ نه لوڙيان، جي لوڙيان ٿان لِڪ،
مون تنهان سندي ٻِڪ، جنهين مستڪ مڻي ٻَرهي.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ پڙهڻي ’ٻلڪ‘ (= ٻلڪ) آهي، جنهن کي ’ٻڪي‘ پڙهڻ مناسب ٿيندو. بيت ۾ سمايل خيال سهڻو آهي پر ٻولي جي سٽاءَ ۽ اسلوب بيان مان ظاهر آهي ته هي ڪنهن ٻئي شاعر جو چيل آهي.

2. مؤلف هن جي معنيٰ صحيح لکي آهي، ۽ جي هيٺين طور ڪبي ته به صحيح ٿيندي:

مون کي سُچا سَپ يا نانگ (سوني سرپ) جن جي سِر ۾ مڻ ناهي، سي نه گهرجن؛ جي گهرجن ها ته اهڙا نانگ لکين موجود آهن ۽ ملي وڃن ها.

مون کي ته اهڙن واسينگ نانگن جي طلب آهي، جن جو مٿو مڻين سان ڀريو پيو.

سنڌي شاعري جي روايت ۾ هي خيال آڳاٽو ۽ عام مقبول آهي. مثلاً ٻه سؤ ورهيه کن اڳ جي شاعر سيد ڪبيرشاهه جو بيت آهي ته:

وَنءُ ڏون واسينگن وٽ، تُرت لهي ترياق،
مڻ جني جي مٿي ۾ آهي شمع جهڙي شعلاءِ،
سي سُر سڻي، سِر ڏيندا، آڻي ڏان ارواح،
ڪندا پاڻ پتنگ جيئن، صدقي صدقي ساهه،
ڪيرت ڪبيرشاهه چئي وڃي ڳاڃ تني وٽ ڳاءِ
جن جو ڳڻ پريو ڳالهاءِ، سي ٿا عطر اوتين ادب سين.

[34]

تون وِيرَئون ٿي وِيرُ، جوڳي سو جو جڳَ ۾،
تون اسان جو پيرُ، سُوڌي ڏِئين سريِر ۾.

1. سنڌون سڌو عام دعا وارو خيال آهي، جنهن ۾ معنيٰ جي ڳوڙهائي يا بلندي ڪا نهي. قاضي قادن توحيد ۽ هيڪڙائي جو قائل آهي، انهيءَ لحاظ سان هي بيت سندس ٿي نٿو سگهي؛ البت ائين ممڪن آهي ته سندس ڪنهن مريد ۽ عقيدتمند خود قاضي قادن بابت اهو بيت چيو هجي.

2. مؤلف صحيح معنيٰ لکي آهي، جيڪا هن طرح ٻڌ لکي سگهجي ٿي:
- تون سڀني ويرن (وڏي ست ۽ صبر وارن درويشن) کان وڏو وير آهين، ۽
تون ئي جڳ-گرو جوڳي آهين.
تون ئي اسان جو مرشد آهين، ۽ اسان جي من (سرير) ۾ سنئين وجهين.

[43]

ڪا ڪندِ ڪالهي آڪرين، مٿن واچيندا آلدو،
سڄڻ آڇي اکرين، مٿن لوڙيندو لدو.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جو آخري لفظ 'اٿي وِڌو' آهي. بيت جي مطلب ۽ معنيٰ مطابق اهو لفظ "نہ لڌو" جي برابر 'آلدو' هجڻ گهرجي.

2. ٻولي قاضي قادن جي ناهي، ۽ شعر توڙي معنيٰ جي لحاظ سان هي بيت سادو آهي. معنيٰ ٿيندي ته:
[ ڪاغذ ڪارن اکرن وارو مون (لرت ڪري) جانچيو ته ٻ (ان جو ڪو اکر يا لفظ چٽي يا صحيح لموليءَ ۾ نہ) مون نہ ڏٺو.
- سڄڻ اچن اکرن وارو صاف مهانڊي آهي، جنهن کي مون جڏهن گهريو تڏهن لڌو.

[46]

هَسيِن' ڪيت سَهجڙي، رووڻ ڪيون' ناهين،
پريان پسڻ جوڳيان، اکين تو ناهن.

1. ڇاپي مطابق پهرئين سٽ ۾ 'هسئن' ۽ 'رووئن' آهي. اهي آچار راجستاني لهجي جا آهن. سنڌي ۾ آچار 'هَسيِن' ۽ 'رونڻ' ٿيندا. ٻيءَ سٽ ۾ اصل پڙهڻي 'اڪ' آهي، پر صحيح لفظ 'اکين' ٿيندو.

2. هن بيت جي ٻولي سرائيڪي واري علائقي کان ٻ مٿي جي راجستاني آميز آهي، ۽ اها ٻولي قاضي قادن جي ناهي. 'آدڪرلٿ' ۾ انهيءَ ٻولي ۾ رچيل ڪلام ملي ٿو.

3. معنيٰ صاف آهي تہ:

- ڪهڙي مهج ۽ خوشي سببان ڪلين ٻيو؟- روئين چو نٿو.
- جو تو وٽ ٻرين ڪي پسڻ واريون اکيون ناهن!

[59]

ٻيتو ڦيتو پيٽ ۾، وڍي مُلان ماهُ،
ڏُوئين ڏِتي ڏوڙ ۾، الله اوري آءُ.

1. ٻولي توڙي شعر جي لحاظ سان بيت ايترو معياري ناهي جيترو قاضي قادن جا بيت آهن. 'مُلان' ماه ڪولہ وڍيندو، ۽ لڪي حڪيم يا ويج کي سنڌ ۾ 'مُلان' سڏيو ويو آهي. ٻوئين سٽ جي ٻولي توڙي معنيٰ مبهم آهي. 'الله اوري آءُ' وارو جملو، ذات تعاليٰ جي ذات بابت ادب جي معيار مطابق ناهي.

2. جيڪڏهن ائين ڪري ڄاڻجي تہ هي بيت اڻ ڄاڻ ويج يا ليم-حڪيم بابت چيل آهي تہ ان حالت ۾ هيٺينءَ طور پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو:

ٻتو ڦتو پيٽ ۾، وڍي مُلا ماهَ،
ڏائين ڏِني ڏوڙ ۾، اللهُ اوري آهَ.

'مُلا' معنيٰ 'وتان'، يعني ٻاهران ماس ڪان. 'ڏوئين' ڏتي کي 'ڏائين ڏني' (=نپي هنئي) ڪري پڙهبو تہ صحيح ٿيندو، معنيٰ ٿيندي تہ:

- مرض اندر ۾ آهي ۽ پٽو پيٽ ۾ ڦاٿو آهي، تہ هو (ليم-حڪيم) وري ٻاهران جسم تان ماس ڪي ٻيو وڍي.

هن (ويج) تہ ڏکي ڏوڙ ۾ نپي هنئي آهي (صاف غلطي يا ناانصافي ڪئي آهي)، باقي الله ئي آهي جو منهنجي آه ڪي اوري ۽ اگهائي.

[60]

قاضي ڪٽ ۾ ايترو، مت ڪيروئي ٻير،
پٽلا ٽيڻدو ٻوٽيلي، مٽي ڪيڻدو ڪير.

1. ڇاپي ۾ بيت ائين ڏنل آهي. شعر توڙي معنيٰ جي لحاظ سان هيءُ بيت قاضي قادن جي معيار جو ناهي. 'مت' لفظ صاف راجستاني-هندي آهي. 'مت ڪيروئي ٻير' جي بدران 'مٽ ڪيڙوئي ٻير' ڪري پڙهجي تہ ٻوءِ معنيٰ ٿيندي تہ 'تو ڇگي راه نہ ورتي'. ٻجي سٽ کي هيٺين طور پڻ پڙهي سگهجي ٿو:

"قاضي ڪٽ ۾ ايترو، مٽ ڪيروئي ڦير"

ڪيرو = ڏيري واري ڪلي. ڏيري کي ڦيرائڻ ۽ سٽ ڪڻ واري معنيٰ جي لحاظ سان سٽ جو مطلب ٿيندو ته: 'اي قاضي! تون ايترو نه ڪت، ۽ پنهنجي ڏيري کي ايترو نه ڦيراءِ'.

2- جيئن بيت ڇاپي ۾ بيٺل آهي تيئن مؤلف بيت جي معنيٰ هيٺين طرح لکي آهي:

— قاضي! ايترو گهڻو وعظ نه ڪر؛ پنهنجي سمجهه کي لاهي ڪري ميرن ۾ ڪيو اٿئي.

— جيڏي مهل آٽ ٻلاٽيندا، اوڏي مهل تنهنجي وعظن جي پوتلي (ٻجڪي، ڳوٿري) ڪير مٿي چاڙهيندو.

[62]

ڏاڻين پاڻ واڪاڻ ڪوُن، جيب تنهنجي وات
وڏي خالق نه گهرين، ڪرين پاڙي تات.

1- ڀيرئين سٽ ۾ اصل لفظ 'وَڪاڻ' آهي، جيڪو 'واڪاڻ' پڙهڻ بهتر ٿيندو. ٻي سٽ ۾ ڍاٽڪي-راجستاني جي اثر هيٺ اصل ۾ "گهرئين" آهي، جيڪو 'ڪرين' وانگر 'گهرين' ڪري پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

2- 'واڪاڻ ڪوُن' محاورو سهڻو ناهي. هيءُ بيت، مخاطب تي جنهن تکي تنبيهه واري لهجي ۾ چيو ويو آهي سو قاضي قادن جي نماڻي سهڻي ٻولي مطابق ناهي.

3- معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف پڻ سهڻي ڪري لکي آهي ته:

— جڳت جي آڻيندڙ تنهنجي وات ۾ جيڀ ان ڪري رکي آهي ته تون ان سان سندس جس ڳائين.

— تون پنهنجي زبان سان ان وڏي خالق کي ياد ڪندي سندس طلب لئو رکين (يا ڪالهس لئو گهرين) جو (ان ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي جي يا ٻئي ڪان گهُر واري) ٻي اجائي ۽ اڻ سهائيندي ڳالهه ٻيو زبان تي آڻين.

[63]

تئن ٻُجي آساڻ، تُون آسين نهين ٻُجيو
پڙهڻ هار قرآڻ، نهين رَتو رحمان سان.

1- هن بيت جي ٻولي قاضي قادن واري ناهي. 'اساڻ' ۽ 'قرآڻ' وارا اُچار قاضي قادن جا ٿي نٿا سگهن. هيءُ بيت درويش دادو ديال جو آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي متاع دادو جي بيتن جهڙي آهي.

2- معنيٰ ظاهر آهي ته:

— تو هيءَ ڳالهه اسان کان ٻجي آهي، اسان توکان ڪانه ٻجي آهي.

—— تون سدائين قرآن شريف پڙهندڙ آهين، پر اڃا رحمان سان نه رتو آهين، يعني ٻاجهاري ڌڻي سان هڪ نه ٿيو آهين.

[ 66 ]

سچي سائين ساڻ، تون نَ ڪر ڪوڙي ڪوڙيان
جي تنهنجي هيانءَ، وو سيو ڪسي پرڪٽو.

1- ٻولي توڙي شعر جي لحاظ سان هي بيت قاضي قادن جو ناهي 'ساڻ' ۽ 'هيانءُ' قافيا صحيح ناهن.

2- معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف هيٺين طور صحيح لکي آهي ته:

—— پنهنجي سچي سائين ساڻ، تون ڪُوڙن وارو ڪوڙ نه ڪر، ڪوڙي (ٺڳي) نه ڪر.

—— جيڪو تنهنجي هردي الدر وينو آهي، اهو سڀ جي پرک رکي ٿو.

[ 68 ]

جيتي سَچ سنسار سان، سَہ جا سائين ساڻ هوءِ
تو پڌر هي پيڙا تري، جه ٿاءِ لير نه ڪوءِ.

1- سهڻي معنيٰ وارو بيت آهي پر ٻولي پنجابي-راجستاني آميز آهي، ۽ قاضي قادن جي ناهي. (جتي = جيترا)، 'سه' (اهو) ۽ 'جه ٿاءِ' الفاظ پنجابي-راجستاني آميز آهن.

2- اصل پڙهڻي ۾ "جه ٿانءِ" آهي، جيڪو اصليت جي لحاظ سان "جه ٿاءِ" ( = جنهن جاءِ) هجڻ گهرجي.

3- معنيٰ ٿيندي ته:

—— (ماڻهوءَ جي) جيتري سچائي سنسار سان آهي، اوتري جي الله ساڻ هجي.

—— ته پوءِ جنهن جاءِ (ٿاءِ) تي پاڻي نه هجي، اهڙيءَ پڌري پٽ تي به جيڪر پيڙو تري.

[ 69 ]

سَچُ پيارا سائيِنئِيانءُ، سائين سَچ سُهاءِ
سَچي مَنگَل نه ڌَهيِئي، سچي سَرپُ نه کاءِ
سَچُ سَمَنُدان سِر چڙهي، ڪوڙ ڪڪائين ٻاهه
جڏهون ڪڏهون ڪوڙ ڪي، ڏيندا سچ سزاءِ.

1- ڇاپي جي پيءَ سٽ ۾ 'ڌهئي' بدران 'ڌَهئہ' ۽ 'چڙهي' بدران 'چَڙهئہ' اچار راجستاني مطابق آهن.

2. ٻهريون ۽ ٽيون پنجابي-راجستاني-هندي آميز ٻوليءَ ۾ رچيل آهن، ۽ ٽين سٽ جو ٻيون فقرو ۽ چوٿين سٽ سنڌي ۾ سٽيل آهن. بيت سهڻو آهي پر مجموعي طور سان هي ٻولي قاضي قادن جي ناهي.

3. بيت جي معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف ٻڻ سهڻي ڪري لکي آهي ته:

-سائين کي سچ پيارو آهي، سائين کي سچ ئي وڻي ٿو.

-سچي انسان کي منگل گره جي آگ به جلائي نه سگهندي.

-سچي کي ناانگ به ڏنگي نٿو سگهي، سچ (جو ٻيڙو) سمنڊ جي سيني تي چڙهي هلي سگهي ٿو؛ پر ڪوڙ ڪکن جي باهه ونگر آهي (جيڪا تمام تکي ٿيندي آهي، پر ٿورو وقت جٽاءُ ڪندي آهي).

جڏهن ڪڏهن (سدائين) سچ ڪوڙ کي سزاياب ڪندو.

[73]

جيهڙي پائين هٿڙي، تيهڙي پاڻ پرين،
پائڻ محبان چڏيو، تون نه چڏ ڏٺي.

1. بيت جا لفظ سنڌي آهن پر معنيٰ مُبهم آهي. پهرين ۽ ٻي سٽ جي معنيٰ ۾ ڪو سهڻو سنبند ڪونهي؛ خيال ٻڻ عام سطحي ۽ شڪايت وارو آهي. مؤلف ٻڻ چاڻايو آهي ته "هيءُ بيت معمولي تبديل سان گرو گرنٿ صاحب ۾ شيخ فريد جي بيتن ۾ ملي ٿو".

2 ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ 'پائن' بدران 'پائي' آهي، ۽ ٻيءَ سٽ ۾ "پهڻ محبا" آهي، جيڪو "پائڻ محبان" پڙهڻ سان وڌيڪ صحيح ٿيندو. انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي ته ۽

جهڙي ڪنهن کي هٿ ۾ ڏيندا، تهڙي هو پاڻ ٻڻ پريندا.

سڄڻ (محبن) توکي پائڻ چڏي ڏنو آهي، پر تون پنهنجي ڏٺي کي نه چڏ!

[74]

ڏيهه لٿا، سنجها ٿئي، اڳون آئي رات،
ڪَنڙا پڪاري پاتڻي، ٻيڙا ڪپر وات.

1. ٻولي صاف سرائيڪي آهي. انهيءَ معنيٰ وارو 'دوهو' 'گرو گرنٿ' ۾ ٿوري تبديل سان شيخ فريد جي دوهن ۾ موجود آهي، جيڪو مؤلف پاڻ نقل ڪيو آهي (ص 35) ۽ جنهن کي سرائيڪي ۾ هيٺين طور پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو:

فريدا! ڏکان سيتي ڏينهه گيا، سولان سيتي رات،
کڙا پڪاري پاتڻي، 'ٻيڙا ڪپر وات!'

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف ٻڻ سهڻي ڪري لکي آهي:

-ڏينهن پورو ٿيو، سانجهي ٿي، ۽ مٿان رات اچي وئي (يعني حياتي جا سڀ دور ختم ٿيا ۽ وقت پورو ٿي ويو.)

-هاڻ اڪارٿ وارو ٻيو وڏي سڏ سڻائي، ته ٻيڙو (ٻاڏينڊڙ سيبان) ڪرندڙ ڪنڌيءَ جيءَ منهن ۾ آهي (يعني موت اچڻ وارو آهي.)

[76]

سُڄي نڪتي جنباب ڇٽي، سي سڄڻ ڪيٿ ڳئي،
جيٿي بال سرهر ۾، تيٿي ڇيڻ ٿئي.

1. ٻولي سنڌي-سرائڪي-پنجابي آميز آهي ۽ قاضي قادن جي ناهي. ڇاپي مطابق ڀرين سٽ جي پڙهڻي ۾ 'سو سڄڻ ڪيٿ ڳئي' آهي، پر بهتر ائين ٿيندو جيئن اسان لکيو آهي. ٻيءَ سٽ ۾ اصل لفظ 'ڇن' آهي جيڪو 'ڇڻ' پڙهڻ بهتر ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف پڻ سهڻي ڪري لکي آهي:

-سڄي پڙپانسگ ٿيل بستي جواب ٿي گهري ته اهي سڄڻ (جي هت هئا) سي اڄ ڪيڏانهن ويا.

-(سنڌن ڏک ۾) جيترا وار جسم ۾ هئا، سي سڀ ڇڻي پيا.

[77]

ٻيڙان سڀي ڏهيليان، ايهڙي ٻيڙ نه ڪا
جيئن وڃڻ واڇو تني، ڄاڻي هڪ خدا.

1. ٻولي سرائيڪي-سنڌي آميز آهي، ۽ خيال عام سطح وارو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ رواجي بي صبري ۽ شڪايت سمايل آهي.

2. ٻيءَ سٽ جي ڇاپي ۾ 'جيئن وڃن' ۽ 'ڄاڻئي' (راجستاني لهجي مطابق) الفاظ آهن، جن کي 'جئن وڃڻ' ۽ 'ڄاڻي' ڪري پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

3. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف پڻ سهڻي ڪري لکي آهي.

-سور سڀ ڏکيا آهن، پر اهڙو درد (محبت جو) ڪو ٻيو ڪونهي.

- هڪ خدا ٿو ڄاڻي ته (منهنجي لنءُ لنءُ ۾) واڇي والڪر پيو وڃي.

[89]

سُتو هتو جاڳُ، راتيڙين سڀ ۾ وهاڻيان،
سڀئين ٿيوءِ آياڳُ، پرين وسارڻ مَ ڪر.

1. ٻولي ڍاٽڪي-سنڌي-راجستاني رنگ واري آهي. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ پڙهڻي 'هُتو' ('ه' جي پيش سان) آهي، پر صحيح 'هَتو' (زبر سان) ٿيندو جيڪو ڍاٽڪي جو

عام لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس 'هو' يا 'رهيو'. پڻ 'راتڙين' بدران ڇاپي ۾ 'راتڙي' آهي. ٻي سٽ ۾ ڇاپي مطابق 'ڀاڳ' آهي، ٻر صحيح 'آڀاڳ' ٿيندو. يا وري ائين پڙهجي ته 'منهنجو' ٿيو ڀاڳ'.

- تون ستو رهيون! اٿي جاڳ جو رات سڄي وهامي وئي آهي (سڄو وقت گذري ويو ۽ عمر پوري ٿي وئي. جيڪڏهن 'راتڙي' پڙهبو ته پوءِ پويان فعل جي صورت 'و هاڻيي'='وهاڻي' ٿيندي: يعني رات سڄي وهامي وئي.)

- تو مٿان بد بختي آئي آهي. (يا تنهنجو ڀاڳ مٺو ٿيو يا ڦٽو آهي): تون پنهنجي پرين (خالق) کي ائين نه وسار.

[90]

پِرين وِساري رت روئن، ڪهڙي رِي ڪارڻ،
ڪنهن راس وِڃاءُ ڪئي، ٻُڪَنَ ڏورِ ڏوڙن.

1. ٻولي سنڌي - ڍاٽڪي - راجستاني آميز آهي. ٻهرين سٽ ۾ 'رِي' معنيٰ 'جي' (ڍاٽڪي - راجستاني.)

2. معنيٰ مؤلف سهڻي ڪري لکي آهي ۽ انهيءَ مناسبت سان ٿي هيٺ ڏجي ٿي:

- ڪهڙي ٻُڌي ۽ ڪم عقلائي جي سببان (ري ڪارڻ)، هو پنهنجو پرين وساري (هاڻي) رت پيا روئن.

- اهي سون وارو سور ڪٿيو وڃائي، هاڻي ڏوڙ ڇا ٻُڪ پيا ڀرين، يا ٻُڪن ۾ ڏوڙ پيا ڀرين.

[93]

منهنجهين مائو لاهه ڪيي، پسڻ ڪي گهاتي،
ڏنيي ڪسونهي رنگ جيون، وِيندوئي واتي.

1. ڇاپي مطابق بيت جي پڙهڻي ائين آهي. بيت ۾ سمايل خيال بلند ڪونهي، بلڪ عامي آهي ته هي دنيا بي وفا ۽ بيڪار آهي. پسڻ کي گهاتي توڙي 'ويندوئي واتي' وارن فقرن جي معنيٰ سهڻي ناهي، ۽ پڻ انهن جي معنيٰ مبهم آهي. هي بيت تنبيهه طور مخاطب تي چيل آهي، ۽ اهو انداز قاضي قادن جو ناهي.

2. بيت جي معنيٰ مؤلف هيٺين طور لکي آهي.

- ڪهنبو رنگ ڏسڻ کي ته گهاتو ٿئي ٿو، پر ان ۾ اندر آهي ڪجهه به نه.

- هي دنيا به ڪنهبي رنگ وانگر آهي، جو واٽ هلندي ئي ويندو آهي.

[94]

مئن پانئي سون، هي جر پوس جر ڪئون،
وِيئين وَرائي ون، ڪنه لڳي ڪارو ٿيو.

1. لفظ جي سناء توڙي وزن ۾ اهڙي سهڻائي ڪانهي. معنيٰ پڻ مبهم ۽ مُبتذل آهي.
2. مؤلف هيٺينءَ طرح معنيٰ ڪئي آهي، جيڪا غور طلب آهي.

مون هن چمڪندڙ پاڻيءَ کي سون ڪري سمجهيو.

(هٿ لاهڻ سان) اهو سون کي ورائي ويو ۽ مٽي لڳي، ڪارو ڪري ڇڏيائين.

[ 95 ]

پِلي (پِلي) وِي پِلي، پِلي تِگائون آئِي
بابا آدم آهي حوا پِلي، پِلي سڀ دايائي.

1- ٻولي صاف سرائيڪي آهي. خيال سهڻو پر عام آهي.

2- بيت جي وزن مان ظاهر آهي ته ٻهرين سٽ ۾ هڪ لفظ 'پلي' لکيت ۾ رهجي ويل آهي، انهيءَ ڪري "پلي پلي وي پلي" ڪري پڙهڻ سان ئي وزن پورو بيهندو.

3- معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف پڻ سهڻي ڪري لکي آهي ته:

- پِلي ڙي پلي، هنن (آدم ۽ حوا) جي زماني کان وٺي پلندي آئي.

- بابا آدم ۽ حوا ٻئي پليا، پر سڄي دنيا ئي پليل آهي.

[ 98 ]

هَٿ وِياجهڻ لُوڻ، ڪستُوري جهنُگڻ گهرِي
سچان دِي صابُوڻ، اندر اڇا نہ ڪَري.

1- ٻولي سرائڪي-راجستاني آميز آهي ۽ قاضي قادن جي لاهي. 'وياجهڻ' ۽ 'جهنُگڻ' راجستاني محاوري جا لفظ آهن.

2- 'وياجهڻ' کي 'وهائڻ' پڙهجي ته معنيٰ ٿيندي 'خريد ڪري'. 'جهنگڻ' کي 'جهنگين' پڙهجي ته سڄي سٽ جي معنيٰ ٿيندي ته: شهر ۾ دڪان تان وٺي لوڻ ٿو، ۽ جهنگ ۾ گهر ٿو ڪري 'ڪٿوري' جي.

3- اسان جو گمان انهيءَ طرف وڃي ٿو ته جيڪڏهن بيت 'ضمير غائب' بدران 'ضمير مخاطب' سان پڙهجي ته معنيٰ ۽ اثر جي لحاظ سان بهتر ٿيندو. ٻيو ته هن مجموعي ۾ شامل ٻيا بيت به گهڻو ڪري 'ضمير مخاطب' يا 'ضمير متڪلم' ۾ آهن. بيت هن طرح پڙهجي ته وڌيڪ سهڻو ٿيندو.

هَٿِ وهائين لُونُ، ڪٿوري جهنگين گهُرين
سچان دِي صابونُ، اندر اڇا نہ ڪَرين.

(يعني تون پاڻ هٿ تان لوڻ وهائين ٿو پر ٻاهر جهنگ ۾ اچي ڪٿوري جي، يا ڪٿوري جي ملهه جي گهر ڪرين ٿو-وغيره).

[ 99 ]

مَٻان مَحلان مَندِيان، آچَليانِ چَلِنِ،
هَٿئون ڳِنن ڪِري، جهَنگِين اَٺ مَڳن.

1- ٻولي سرائڪي، پر پنجابي- راجستاني آميز آهي. قاضي قادن جي ٻولي ناهي.

2- اصل لفظ "آچليانِ چَلَنِ" آهي، پر "آچليان چلن" پڙهڻ بهتر ٿيندو، يعني ته: نه ملڻ جهڙيون ريتيون هلڻ، اڻ سهائيندڙ ڳون ڪن، ڪُريتيون ڪن. اصل 'جهَنگِين' آهي، پر 'جهنگين' پڙهڻ بهتر ٿيندو.

3- جيئن بيت ڏنل آهي تيئن ان جي معنيٰ هيئين طرح وڌيڪ مناسب ٿيندي:

-- ڇڱن جي وچ ۾، محلاتن ۾، توڙي بازارن ۾ ڪُريتيون ٿا ڪن.

-- شهر مان دڪان تان ڳِڪري سودين، ۽ پوءِ جهنگ ۾ ان جي عيوض اٺ جي، يا اٺ جي ماهه جي، گهر ڪن.

[ 101 ]

توبهه ڪَرينِ ڀاڙُوِي، ڀاڙِي توبهه ڪرين
ڪيهي سادِي هَٿ ۾، راڏي آڄارين.

1- ٻهرين سٽ صاف سنڌي ۽ ٻي سرائيڪي آميز آهي.

2- ڇاپي مطابق الفاظ ٻهرين سٽ ۾ "توبهه ڪري نه"، ۽ ٻي سٽ ۾ 'رڏي' آهن، پر مٿي ڏنل پڙهڻي بهتر ٿيندي. ڀاڙڇڻ گهڻو ٿاٻڙجڻ؛ توبهه ڪرڻ = ڇتائي گناهن کان هميشه لاءِ بس ڪرڻ جو عهد ڪرڻ. راڏِي = ڀڄ وڏل، ٻوڪيل ٻني. سادو هٿ = بيجا غرور، اجايو گهمنڊ.

3- معنيٰ ٿيندي ته:

-- ابوجهه غافل (پنهنجو پاڻ گناهن کان پاسو نٿا ڪن، ۽ هو) توبهه تڏهن ڪن ٿا جڏهن ٿاٻڙجن ٿا (يعني جڏهن ڪين تڪليف پهچي ٿي؛ ۽ پوءِ توبهه وساري گناهه ڪن ٿا ۽ وري) ٿاٻڙجي ڏڪ کائي (پوءِ وري) ٿا توبهه ڪن.

-- ڪهڙي غلط گهمنڊ ۽ اجائي وهم ۾ هو پنهنجي ٻوڪ يا ٻني ڀلا پيلائين ۽ برباد ڪن.

[ 102 ]

جي سائين سُون؟ سچ، تو ٻوَ کهڙا سُتڙي!
آيا ڦـي ڪر لچ، تـوڙي اگـرڙا ٻلپي.

1- ٻولي سرائيڪي- سنڌي آميز آهي.

2- ڇاپي مطابق ڀورين سٽ ۾ اصل الفاظ "پوکوڙا ستتڙي"، ۽ ٻيءَ ۾ "ٻلئه" آهي. 'ٻلئه' اُچار راجستاني لهجي مطابق آهي، ۽ سرائيڪي ۾ صاف اُچار "ٻلَهي" (ٻري) ٿيندو. 'ستتڙي' معنيٰ 'ستل مرد کي'؛ پر جيڪڏهن 'ستتڙي' پڙهبو ته پوءِ ٻيءَ سٽ ۾ پڻ 'آيا' جي بدران 'آيِي' پڙهبو.

- جي هو پنهنجي سائين سان سچو آهي، ته پوءِ ستل کي ٻه کهڙو ڏپ!

- (اي ستل!) تون آئي ٻهي لڇ، توڙي ڪٿي (ٻرن هيٺان) اگر ٻرلدا ٿانڊا هجن.

[105]

ڪَوُسين ڪَوهَل ليپَجي ٿاري ٻنّدا هي،
عقل غيب الله دا، الله اِي آهي.

1. ڇاپي مطابق ڀورين سٽ هن طرح آهي:

'ڪوُهي ڪَوهَل ليپجيءَ ٿاري ٻن دا هي'

اصل ٻي سٽ ۾ 'آي' آهي.

2. ٻولي سرائيڪي هندي آميز آهي، ۽ قاضي قادن جي ناهي. ڀورين سٽ جي معنيٰ مبهم آهي، پر البت ٻي سٽ صاف آهي:

ٿوري ويرم ۾ ڳوڻچ پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ وڏي ٿاري ٻڌجي ٿو.
الله جي غيب يا ڳجهه جي پروڙ الله کي ئي آهي.

[106]

توڙي وَڃَن روُمَ، ناله لَصيبُون آڳرو،
مانِي وَتَئِين تُومَ، جهي ليکيا ڇپَن مَ.

1. ڇاپي مطابق پڙهڻي ائين آهي. پوئين سٽ جو وزن پورو ناهي، ۽ بيت ۾ سمايل خيال پڻ قاضي قادن واري اعليٰ سطح جو ناهي. بيت جو مکيه مطلب سنڌ ۾ هيٺين عام مشهور پهاڪي وارو آهي ته:

جهي شُوم وڃي رُوم،
ته ٻه ڏودي مٿي ٿوم.

هي خيال زندگيءَ جي هڪ خاص طرز جو عڪس آهي، ۽ ان حد تائين ان ۾ هڪ حقيقت آهي، مگر ان سان گڏ ان ۾ انسان جي هڪ ڪردار جي شڪايت ۽ ٺٺا پڻ سمايل آهي، اهڙي ليدا جو اظهار وڏن صوفين درويشن وٽ روا ناهي. البت عام سطح جو شاعر اهڙي ڳالهه ڪري سگهي ٿو.

2. جيئن بيت بيٺل آهي، تيئن ان جي معنيٰ مؤلف هيٺين طرح ڪئي آهي:

- چاهي ڪير روم ٻـ وڃي، اهو پنهنجي نصيب ۾ لکيل شيءِ کان وڌيڪ هٿ ڪري نـ سگهندو.
- اهو مالي ۽ ٿوم لاءِ ٻـ پنڪندو. جو لکيل آهي سو لڪندو ڪونـ.

جيئن تـ بيت ۾ سمايل خيال مشهور ڀاڪي وارونئي آهي، الهيءَ ڪري بهتر ائين ٿيندو تـ بيت کي هيٺينءَ طرح سنواري پڙهجي تـ معنيٰ پڻ سڌي سولي نڪري:

توڙي وڃهي رُوم، (توءِ) ناهـ نصيبئون آڳرو،
ماني مٿهي ٿومَ، جـمن جـو لکيو ڇٺهي ۾.

اڳين ٻولي موجب، 'توءِ' معنيٰ 'تـ بـ'؛ 'ڇٺي ۾'، يعني روزازل واري ڇٺي ۾. معنيٰ ٿيندي تـ:

- جيڪڏهن (ڪو شوم) ڪٿي روم وڃي، تـ بـ پنهنجي نصيب کان اڳتي ٿي نـ سگهندو.
- (هن جي واسطي ڪائڻ لاءِ) ساڳي مالي سان ٿوم هوندي، جيئن سندس واسطي روزازل کان لکيل آهي.

[111]

جي جي ٻولـي مـٿين ڪـيٺهي، سو سو سـُجهـ نـ ٿـيان،
آس چـنـگهي ديوان مهين، سـٺهي مـُڪـرِ ڳـيان.

1. ٻولي سرائڪي، پر هندي - پنجابي آميز آهي.

2. اصل الفاظ ائين آهن جيئن مٿي ڏنا ويا آهن. 'جي جي' کي ٻن معنائن جي لحاظ کان پڙهي سگهي ٿـو: هڪ 'جهي جهي' جي معنيٰ 'جيڪي'، ٻـيـو 'جهي جهي' معنيٰ 'هائو هائو' ("قالوا بليٰ" واري قول ڏانهن اشارو). رب" جڏهن روحن کي پيدا ڪيو تڏهن انهن کان پڇيائين تـ: "ڇا، آءٌ اوهان جو رب ناهيان." ("آلسـتُ بـرَبّـکُـم"). جواب ۾ چيائون تـ "هائو" (قالوا بليٰ) "بيشڪ تون اسان جو رب آهين". 'جهي جهي ٻول' يا 'جيڪي ٻول'، پنهي مان مراد "قالوا بليٰ" وارو وعدو آهي. ٻهرئين سٽ جي سٺاءِ مان ٻـ اها معنيٰ نڪري ٿي. جيڪڏهن هي بيت اصل صاف سرائيڪي ۾ هو تـ ٻوءِ ان کي هيٺين طور پڙهبو تـ وڌيڪ صحيح ۽ بهتر ٿيندو. 'ٿيان' ۽ 'ڳيان' کي ٿ ۽ ڳ جي زبر توڙي زير سان پڙهي سگهجي ٿو. يا وري هن طرح پڙهجي:

جهي جهي ٻوليان مٿن ڪـيتيان، سي سي مجهـ نـ ٿيان،
اس چـڱـي ديـوان مـيـن، سـٺهي سـُڪـرَ ڳـيـان.

- (ازل جي روز) جيڪي ٻول مون ڪيا هئا سي مون کان پورا نـ ٿيا.
- هن ٺاهوڪي محفل (هن جهان جي جنسار) ۾ (آءٌ ۽ ٻيا) سڀ پنهنجي ڪيل قولن تان ڦري ويا.

[112]

پيگا ساڃا نہ ٿيا، مَن موتاهل ڪچ،
ڪنين سٽيا لہ سَنيهڙي، آڪين ڏنو سچ.

1. هندي آميز سرائڪي ٻولي آهي. صاف سرائڪي ۾ 'ٿئي' ۽ 'ڏنو' جي بدران 'ٿيوي' ۽ 'ڏٺا' پڙهبو. ڇاپي مطابق ٻي سٽ ۾ اصل الفاظ "سٽيا" ۽ "اک" آهن، جن جي بهتر ۽ صحيح صورت 'سٽيا' ۽ 'آڪين' ٿيندي. هن بيت ۾ سمايل مثال ۽ ڀاڪو سنڌ جي ادبي روايت ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي مشهور آهي ۽ ويندي هن پوئين دور تائين سگهڙن جي رس رهاڻ جو هڪ دلچسپ موضوع رهيو آهي. چولدا تہ "هڪ موتي پيو مَن"، ٻئي پيگا، تہ پوءِ سچا نہ ٿيندا". چوندا تہ "ڪنين سٽي ۽ اکين ڏٺي ۾ تفاوت آهي". موتي ۽ من جي پڇڻ واري مثال بابت هڪ بيت آهي تہ:

ڏيئي ر پيهہ رُپي ڪسي، ڳنڍيو صرافن،
پيڳو سچو نہ ٿئي، هڪ موتي پيو مَن.

## اهي بيت جيڪي وڌيڪ خاطري سان قاضي قادن جا ٿي سگهن ٿا

ٻولي ۽ محاوري لفظن جي ٻيهڪ ۽ سڃاڻ، معنيٰ جي معيار، حق ۽ حقيقت جي اظهار جي لحاظ سان وڌيڪ خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ هيٺيان 77 بيت قاضي قادن جا ٿي سگهن ٿا، بشرطيڪ اهو مڃجي تہ قاضي قادن سرائيڪي ٻولي ۾ اڻ بيت چيا.

[1]

زيران، زبران آيتان، اڪران، آلت، نہ پار،
هيڪڙو ايمان، ۾ لهين، سيني سار.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جا الفاظ "اڪر الت نہ پار" آهن. وڌيڪ صحيح پڙهڻي 'اڪرين انت نہ پار' يا 'اڪران انت نہ پار' ٿيندي. پر جيئن تہ قاضي قادن پنهنجي آتر واري بکر جي محاوري مطابق 'زيران زبران آيتان' آندو آهي، تہ هت پڻ 'اڪران' وڌيڪ موزون ٿيندو.

2. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپي وارا لفظ 'هيڪڙيو' ۽ 'لهن' آهن. 'هيڪڙيو' واري پڙهڻي ڍاٽڪي-راجستاني لهجي مطابق آهي: سنڌي محاورو 'هيڪڙو' ٿيندو. 'لهن' پڙهبو تہ مطلب مبهم ٿيندو، ڇاڪاڻ جو 'لهڻ' جو فاعل لامعلوم آهي. 'لهين' (تون لهين) پڙهڻ سان بيت جو خطاب هر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ ڪي ٿيندو. انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي:

-زيرن، زبرن، آيتن ۽ اڪرن جو ڪو ڇيهہ ۽ شمار ئي ڪونهي (الهن سيني جڙن ڪي سنڀالڻ مشڪل آهي ۽ جزوي علم جي تفصيل ڪي ڪو بہ عالم پڇي ڪونہ سگهندو).

-(ڀر) ڏٺي واحد ۾ جي تنهنجو ايمان آهي، تہ ڀوءِ تون الهن سڀني کي سنڀالي سگهندين (واحد خالق ٿي سڄي جهان جي علم ۽ معلومات جو محور ۽ جامع ڪل آهي؛ الهيءَ 'ڪل' علم جي جامع ۾ ايمان مان 'جزن' جو علم خود بخود حاصل ٿي ويندو.)

[2]

جُون' جُون' پَڙهہَ ۽ لِکَ، ڪوڙين' ڪَتَيبان' جي پڙهين'،
اِيءَ سَيَائي سِکَ، جان' جان' پِريان' نہ مِڙيِن'.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ هن طرح آهي:

'جو جو ٻاره لڪ، ڪوڙين ڪتيبان جي پڙهڻ'

'ٻاره لڪ' صحيح ناهي، ۽ اها اصل راوي يا لکندڙ جي غلطي آهي. تعداد جي معنيٰ اڳتي لفظ 'ڪوڙين' ۾ موجود آهي، جنهن سان گڏ وري 'ٻاره لڪ' اڻ شعر ۽ معنيٰ جي سهڻائي جي خلاف ٿيندو. 'لِڪَ' ('ل' جي زبر) وارو قافيو ٻيءَ سٽ جي 'سِکَ' ('س' جي زير) سان لٺو ملي. صحيح لفظ 'ڪتيبان' آهي جيڪو 'ڪُتَيبُ' (معنيٰ 'ڪتابڙو') جو جمع آهي. 'پڙهڻ' اچار راجستاني لهجي مطابق آهي، سنڌي اچار 'پڙهين' ٿيندو. ٻين ٻيتن ۾ پڻ فعلن جا الهيءَ قسم وارا اچار ('ڪرين' بيت 31 ۾، ۽ 'لهين' بيت 32 ۾) موجود آهن.

2. ٻيءَ سٽ جي ڇاپي ۾ 'ايهہَ'، 'سَباڻي' ۽ 'مڙءِ' الفاظ راجستاني لهجي موجب ڏلل آهن، جيڪي سنڌي ۾ 'اِيءَ'، 'سَيائي' ۽ 'مڙين' ٿيندا. بيت جي معنيٰ ٿيندي:

-جيستائين جو تون لکين ۽ پڙهہ ۾ مصروف آهين، ۽ ڀوءِ ڪٿي ڪوڙين ڪتابڙا پڙهين.
-تہ پڻ اها سڄي ٻارائي ٻند واري سکيا ۽ شاگردي ڇٽبي، جيستائين (تو ۾ اها جاڻ ۽ روشني پيدا نہ ٿي آهي) جو حقيقي محبوب سان تنهنجو وصال ٿئي.

[ 3 ]

ڪَنز'، قُدُوري، ڪافِيا، ڪِي ڪين پڙهيام،
سو ڏيهہَ ٿي ڪو ٻيو، جان' ٿِي پِرين لَڌام.

1. ڇاپي مطابق پوئين سٽ ۾ لفظ 'ڏيهو' آهي، جيڪو 'ڏيهہُ' پڙهڻ صحيح ٿيندو. هي بيت 'بيان العارفين' ۾ پڻ موجود آهي. مگر ان ۾ 'پڙهيام' ۽ 'لڌام' جي بدران 'پڙهيوم' ۽ 'لڌوم' قافيا آيل آهن؛ ٻيءَ سٽ ۾ 'جان ٿي' واري پڙهڻي قاضي قادن جي ٻکر علائقي واري اترين ٻولي مطابق آهي. 'بيان العارفين' واري پڙهڻي ۾ 'ڏيهہ ٿي' جي بدران 'ٻار ٿي' آهي، جيڪو شعر جي لحاظ سان وڌيڪ موزون آهي، ڇاڪاڻ جو اهو لفظ 'پرين' سان وڌيڪ سهڻو لڳي ٿو.

2. بيت جي معنيٰ جيئن اڳ معلوم ۽ مشهور آهي، مؤلف پڻ صحيح نموني ۾ لکي آهي تہ:

– ديني فقه ۽ وياڪرڻ (صرف نحو) جا ڪتاب – ڪنز، قدوري ۽ ڪافيا – انهن مان ڪوبہ ڪونہ پڙهيو اٿم.

– اهو هندڻي ڪو پيو، جتان ٿي پنهنجي پريتم کي پاتو اٿم.

3- غور طلب ڳالهہ هيءَ آهي تہ قاضي قادن جهڙي عالم اهي ٽوڙي پيا ڪتاب پڙهيا هئا: اهي ٽيئي ڪتاب ان وقت نصاب ۾ داخل هئا ۽ هر شاگرد کي اهي پڙهڻا پوندا هئا. الهيءَ ڪري جيڪڏهن پهرين سٽ جي معنيٰ ائين وٺبي تہ اهو مطلب ڪونہ لڪرندو جيڪو بيت ۾ سمايل آهي. ٽيئن ڪتاب جو اصل صحيح نالو ’ڪافيہ‘ آهي؛ بيت ۾ آندل ’ڪافيا‘ واري صورت ’ڪافيان‘ جي برابر آهي يعني ’ڪافيہ مان يا منجهان‘. پر اهو ’مان‘ سيني سان لڳندو. انهيءَ لحاظ سان ’بيان العارفين‘ ۾ ڏنل پڙهڻي ’ڪي ڪونہ پڙهئوم‘ وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿي. سڄي سٽ جي معنيٰ ٿيندي تہ:

– ’ڪنز، قدوري ۽ ڪافيہ ڪتابن مان (حقيقي پرين سان ملڻ بابت) مون ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ڪيو‘.

[5]

جڏهن گهڙي گهڙي نہ ڪيئنہ، سائين تو ديدار کي
ڪيهڙي حج ڪرين، سيئي پنهنجي رب ڏانءِ.

1- چاپي جي پهرين سٽ ۾ ’ڪين‘ بدران ’ڪيئنهہ‘ ۽ ٻيءَ سٽ ۾ ان سان ملندڙ قافيو ’ڪرينهہ‘ آهي، ۽ ٻنهي جا آچار ڀاڱ ۾ ملن ٿا. پر انهن آچارن لاءِ نہ تہ ڪو خاص سبب آهي، تہ لڪا وري سنڌي ٻولي ۽ شاعري جي سرمايي سان الهن آچارن جي ڪا ثابتي ٿي ملي. سنڌي لهجي مطابق الهن کي ’ڪيئنہ‘ ڪري پڙهبو. لفظ ’ڪيئن‘ (معنيٰ ’ڪن‘) لاڙي محاوري مطابق آهي. هن وقت اهو ڪو ورلي ڳالهائجي ٿو، پر اڳ شايد وڌيڪ استعمال ٿيندو هو، ۽ ٺٽي طرف رهڻ دوران قاضي قادن جي زبان تي چڙهيو. ساڳئي آچار مان فعل ’ڪيندا‘ (=ڪندا) بيت نمبر [60] ۾ موجود آهي ۽ غالباً اهو بيت قاضي قادن جو ناهي. ٻيو لفظ ’ڏانءِ‘ (=ڏانهن) پڻ لاڙي لهجي مطابق آهي.

2- چاپي ۾ ٻيءَ سٽ جي پوئين اڌ جي پڙهڻي ”سووي پهنجون رب ڏانءِ“ آهي. پاڻئجي ٿو تہ اصل راوي اهو فقرو صحيح طور نہ پڙهيو يا اصل لکندڙ صحيح نموني ۾ نہ لکيو. صحيح فقرو ”سيئي پنهنجي رب ڏانءِ“ ٿيڻ گهرجي.

پهرين سٽ جو فقرو ’سائين تو ديدار کي‘ صاف آهي، پر جيڪڏهن هي بيت قاضي قادن جو آهي تہ پوءِ ائين صحيح نہ ٿيندو، جنهن جا ٻہ سبب آهن: هڪ تہ هن فقري مطابق شاعر جي شڪايت خود ’سائين‘ (الله) جي سامهون آهي، ۽ اهڙي شڪايت اعليٰ سنڌي شاعري

جي خواهش جي خلاف آهي. ٻيو ته انهيءَ فقري سان اهو گمان ٻه نڪري ٿو ته 'سائين' کو ٻيو آهي، جنهن کي شاعر ٿو چوي ته جيڪي تنهنجي ديدار جي گهر هڪ گهڙي ٻه نٿا ڪن، سي ٻنهنجي رب کي ڪيئن رسندا!

اسان جي گمان موجب اصل لفظ "ساعت ئي" هئا، جنهن کي آچار جي هڪجهڙائي سببان 'سائين تو' ڪري پڙهيو ۽ لکيو ويو. 'ساعت ئي' فقري سان هي بيت هيئين طرح سهڻو ٿي پوندو:

جي گهـُر گهڙي نـه ڪـيـُن، ساعت ئي ديدار ڪي
ڪيهي حـُج ڪريـن، سيئي ٻنهنجي رب ڏانُ.

- جيڪي الاهي ديدار لاءِ هڪ گهڙي ٻه گهـُر نٿا ڪن.
- سي ٻنهنجي رب سان (سندس قرب، ٻاجهه ۽ ڪرم جي) ڪهڙي حجت ڪري ٿا سگهن!

[6]

سـتـِي، ويٺي، آٿـِي، ڳـالهائينديِ، ڳـيـنديِ
اسان تـسان جـي تاتيـڙي، واتـڙيـن، ويـنديِ.

1- ڇاپي مطابق، ٻهرين سٽ ۾ 'ويندي' بدران 'ويندو' آهي. ظاهر آهي تـه اصل راوي يا اصل لکندڙ اهي الفاظ صحيح ڪري نه لکيا. سنڌي ٻوليءَ جي سهڻي بيان موجب اهي لفظ ائين ئي ٻيهندا جيئن مٿي ڏنا ويا آهن؛ قاضي قادن جي ٻئي هڪ مشهور معروف بيت جي سٽ ("سچن منجهه هئام، سون ويٺي واءِ ڏيا") ۾ لفظ 'ويٺي' موجود آهي، جيڪو ثابت ڪري ٿو ته مٿيان لفظ ٻه انهيءَ سناء موجب هوندا. ٻيءَ سٽ ۾ لفظ 'تسان' سرائڪي جو آهي، ۽ لفظ 'اسان' سان سهڻي پيچ ۾ ايل آهي. جيئن بيت ۾ سمايل اها معنيٰ، قرآن شريف جي هيٺين آيت مطابق آهي ته:

"قُل إنّ صَلاتِي وَنُسُكِي وَمَحيَايَ وَمَمَاتِي لِلّٰهِ رَبّ العالَمِين" (='چئو ته منهنجي عبادت، آرام، حياتي توڙي موت الله خاطر ئي آهي جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي'). انهيءَ ڪري هيءُ بيت قاضي قادن جوئي آهي. اهڙي منزل تي پهچڻ وارن بابت شاهه جي رسالي جي بيت جي هيٺين سٽ چيل آهي ته:

'سـتـا او سـونهن، نند عبادت جن جي'.

2- معنيٰ صاف آهي ته:
- ستي، ويٺي، آٿي، ڳالهائيندي، ڳائيندي توڙي واٽن ويندي
- اسان کي، اي سائين! - اوهان جي ئي تات طلب آهي.

[ 7 ]

آکر ٻيا وسار، الف اکيون ٿي ياد ڪر،
سو تون ڏيئو ٻار، جو نہ اُجهامي ڪڏهين.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ اکيون، بدران ’اکهون‘ آهي. اهو اُچار پڻ صحيح آهي، ۽ لاڙي محاوري ۾ وڌيڪ رائج رهيو آهي. پر جيئن تہ قاضي قادن جي ٻئي هڪ مشهور معروف بيت ۾ ’اکيان‘ لفظ موجود آهي (”اکر اکيان آيري، واگو تسي وريام“)، انهيءَ ڪري هت پڻ هي لفظ ’اکيون‘ جي اُچار سان لکڻ بهتر ٿيندو. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپيل لفظ ”اُجهنپڻ“ آهي جيڪو راجستاني لهجي مطابق آهي. سنڌي ۾ ’اُجهامي‘ ٿي ٿيندو.

2. هن بيت ۾ هڪ الله سان محبت ۽ ان جي يادگيري واري معنيٰ سمايل آهي. سنڌ جي عارفن ۽ الله وارن اهو سبق وري وري پئي ڏنو آهي. ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات ”بيان العارفين“ ۾ ذيل ٻهريون ٿي بيت هي آهي تہ:

تون چئو الله هيڪڙو، وائي ٻي م سکُ،
سچو آکر مَن ۾، سو ٿي لکندو لکَ.

شاهہ جي رسالي جو بيت آهي تہ:

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

چون ٿا تہ پيتائي صاحب کي جڏهن ٻهريون سبق مليو، ۽ استاد چيس تہ چئو ’الف‘، تہ چيائين ’الف‘; پوءِ استاد چيس تہ چئو ’ب‘، تہ چيائين تہ ’الف‘ ٿي بس آهي. هڪ سنڌي ڪافي جي مصرع آهي تہ:

’اکر هڪ ’الف‘ جو ڪافي - ملان! ڏي ’ب‘ کنان معافي!‘

بهرحال هن معنيٰ جو مثال اسان کي ٻهريائين قاضي قادن جي مٿئين بيت ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ چيو اٿس تہ ”الف - ب“ جا باقي ٻيا اکر وساري، فقط ٻهريون ’الف‘ (= الله) ڪٺي ياد ڪر.

3. بيت جي معنيٰ صاف آهي تہ:

- ٻيا سڀ اکر وسار ۽ فقط منهنجو وارو اکر ’الف‘ ئي ياد رک.

- (’الف‘ يعني ’الله‘، جي يادگيري وارو) اهو اهڙو ڏيئو آهي جيڪو تون ٻاريندين تہ وري نہ اُجهامندو.

[8]

لائي لامُ الف سان، ڪاتبُ ليکيو جيئن،
مون هينئڙو پريان سان لڳو آهي تيئن.

1. ٻهرين سٽ ۾ ڇاپي مطابق "ڪاتب لکين جيئن" (=اي ڪاتب! جيئن تون ٿو لکين) آهي. هيءُ بيت شاهه جي رسالي ۾ مختلف پڙهڻين سان موجود آهي. مثلاً:

ڪاتبُ ليکي جيئن، لايو 'لام' 'الف' سين،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

هن مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ هلندڙ قاضي قادن جي بيتن جي روايت موجب، ٻهرين سٽ ۾ 'ڪاتب لکي جيئن' يا 'ڪاتب لکن جيئن' آهي.

'لام الف سان لائي لکڻ' وارو مثال پنهنجي پرين سان ويجهائي لاءِ آندل آهي. الف-بي ۾ جڏهن 'آ-با-ٻا-ڀا' واري ٻٽي لکجي ٿي ته ٻين سڀني اکرن جي پيٺ ۾ "لا" ۾ ئي 'لام' سان 'الف' وڌيڪ ويجهو لڳي پيو ٿو. 'الله' لکڻ ۾ ته 'الف' بلڪل 'لام' ۾ ئي سمايل آهي. مؤلف پڻ انهيءَ لحاظ سان معنيٰ سهڻي ڪري لکي آهي:

-جيئن ڪاتب (خوشنويس) 'الله' لکڻ وقت 'الف' کي 'لام' سان جوڙي لکي ٿو
-تيئن منهنجي دل اڄ پنهنجي پرينءَ سان ڳنڍيل آهي.

[9]

جانُ (ئي) ٻارانُ ٻَڌرو، ٻُڌائون (سو) سَڏُ،
مون هينئڙو تان ئي ڪيو، سُپرين سان گڏ.

1. ڇاپي ۾، ٻهرين سٽ هن طرح آهي:
"جان ٻاٽان جو ٻڌرو، ٻُڌو آءٌ سڏ"

ٻوليءَ جي لحاظ سان، 'ٻاٽان جو ٻڌرو' توڙي 'ٻُڌو آءٌ سڏ' فقرا صحيح ناهن. ٻهريون فقرو صحيح ٿيندو "ٻاٽان ٻڌرو"، ۽ ٻيو فقرو صحيح ائين ٿيندو ته "ٻُڌو مون سڏ". جيڪڏهن هن ٻئي فقري جي اها ئي معنيٰ هجي ها، ته پوءِ اصل پڙهڻيءَ مطابق پڻ ائين ئي لکيل هجي ها: ڇاڪاڻ جو 'مون' جو لفظ قاضي قادن جي ٻين بيتن ۾ موجود آهي ۽ هن سٽ ۾ ٻ اچي سگهي ها.

اسان جي خيال ۾ اصل لفظ "ٻُڌائون" هو، جنهن کي "ٻُڌو آءٌ" ڪري لکيو ويو: يعني اصل ۾ هو ته 'ٻُڌائون سَڏُ'، پر اهو ڪهڙو سڏ ۽ ڪنهن جو؟ اهو سڏ 'اَلَستُ' (=اَلَستُ بِرَبِّڪُمۡ'=ڇا آءٌ اوهان جو رب ناهيان) وارو هو، جيڪو رب جي طرفان ٿيو ۽ روحن ٻڌو، ۽ "ڇيائون ته هائو" (=قَالُوابَلىٰ). انهيءَ معنيٰ جي لحاظ سان به "ٻاٽان جو"

يعني ”پنهنجي اندر جو“ سڌ صحيح نه ٿيندو. ’ٻاٺان‘ وارو لفظ اصل ۾ ’ٻاران‘ (= رب جي پار جو)، يا ’ٻَريان‘ (= منڍ وارو، اصل وارو)، يا ’ٻهريان‘ (اصل وارو) ٿي سگهي ٿو، پر جئن ته ’ٻاران‘ جي صورتخطي ’ٻاٺان‘ سان ملي ٿي، انهيءَ ڪري ”ٻاران“ رکڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

وزن جي لحاظ سان ’ٻُڌائون‘ کان ٻوءِ ڪو لفظ ڪُٺي ٿو، جيڪو ’سو‘ ٿي سگهي ٿو. جيئن اِي سٽ ۾ ’تان ئي‘ آهي ته ٻهرين سٽ ۾ ٻڻ ’جان ئي‘ ۽ ’تان ئي‘ ٿيڻ گهرجي. بيت نمبر [31] ۾ ٻڻ ’جان ئي‘ ۽ ’تان ئي‘ گڏ آيا آهن.

ٻيءَ سٽ ۾ ”سپريان سون“ آهي. شعر توڙي وزن جي لحاظ سان ’سپريان‘ پڙهڻ ئي صحيح ٿيندو. ٻيو ته هن کان اڳئين بيت ۾ لفظ ’سان‘ موجود آهي، انهيءَ ڪري هت به ’سون‘ بدران ’سان‘ پڙهڻ گهرجي.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-(روز ازل کان وٺي) جڏهن کان ئي (جان ئي) روحن رب جي ٻار جو سڏ ٻڌو

-مون تڏهن کان ئي (تان ئي) پنهنجو من پنهنجي سهڻي ٻرين سان ڳنڍي ڇڏيو.

[ 10 ]

ٻـَهريون ئي ٻريـام جانُ مون سائين، مـون سـڄڻانِ،
هينئڙو هـيـجَ ٻنڌ ڪري، لڳو ڪـَـهَ ڪـيـڙانِ.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ جي پڙهڻي آهي:

”ٻهريون ئـي ٻريانُم جا، مون سان ئي سـُوَڙان“

هن پڙهڻي مطابق ”مون سان ئي سـَوَڙانِ“ وارو فقرو ٻوليءَ جي لحاظ سان صحيح ناهي ۽ ٻڻ ان سان سهڻي معنيٰ نٿي نڪري. غالباً اصل ۾ ”مـون سائين“ هـو، جنهن ڪـي ”مون سان ئي“ ڪري پڙهيو يا لکيو ويو، ۽ ٻڻ ”سيڻانِ“ بدران ”سـُوڙان“ ڪري لکيو ويو. ’سيڻان‘، ’سيڻ‘ جو جمع آهي، معنيٰ سڄڻ، جيڪي سڃاڻپائي ڪن. ’سيڻ‘ جو لفظ قاضي قادن جي بيت [نمبر 25] ۾ ٻڻ آيو آهي. لفظ ’جا‘ اصل ۾ ’جانُ‘ (= جيئن) هو. ٻيءَ سٽ ۾ اصل لفظ ’ڪهُ‘ (’ه‘ جي پيش سان) آهي، جيڪو ’ڪـَهَ‘ يا ’ڪـَهِ‘ (’ه‘ جي زبر يا زير سان) ٿيڻ گهرجي.

2. سٺين پڙهڻي مطابق معنيٰ ٿيندي:

-اصل کان ئي (روز ازل کان وٺي) منهنجا ٻرين، جيئن ته منهنجا سائين ۽ منهنجا سڄڻ آهن

-(انهيءَ ڪري ئي) منهنجي دل وڏي چاهه ۽ خوشيءَ سان ٻنڌ ڪري، سفر جي وڏي ڪشالي واري ڏکي منزل (= ڪه) ۾ سندن ٻيان لڳي.

[11]

نہ سو لاھو، نہ سيرو، نہ اورار، نہ پار،
سُوڙھو وَتين، جنہ کي، سو مَن منجھہ لھار.

1. ڇاپي مطابق ٻھرئين سٽ ۾ 'اورار' بدران 'آروار' آھي، ۽ ٻيءَ سٽ ۾ 'جنہ' بدران 'تين' آھي. 'اروار' غلط آھي، صحيح 'اورار' ٿي ھجڻ گھرجي؛ ٻيءَ سٽ ۾ 'تن' بدران 'جنہ' ھجڻ گھرجي. 'لاھو' يا 'لاہ' معنيٰ لاڙ يا ڏکڻ (وارو پاسو سنڌ جو). شاھہ ڪريم جي بيت جي سٽ آھي تہ "جي آئر جي لاہ، سڄڻ سپ پرڪنا". 'اورار' معنيٰ درياہ جو اوريون پاسو، ۽ 'پار' معنيٰ درياہ جو پريون طرف.

2. معنيٰ:

- ھو (پرين) نہ لاڙ ۾ آھي تہ نہ سري ۾، ۽ نڪي درياہ جي ھِن پر آھي، تہ نڪي ھُن پر.

- جنھن لاءِ تون حيران پريشان ٿي پيو ھلين، سو پنھنجي من اندر ڳولي ڏس.

پيٺاني صاحب ان ساڳئي خيال کي ھيٺين بيت ۾ آندو آھي تہ:

"نڪو ڪولہ لطيف چئي، پاروچو پئي پار،
نالي اِيڙ لھار، تہ تو ۾ ديرو دوست جو".

[12]

دِل اَندر دَرياءَ، پُڇين ڪيان سَمُوندرَ ڪَل،
ماڻِڪَ اِيءَ سَرياءَ، چُڳيي چوڪا نہ ڪڻين!

1. ڇاپي مطابق ٻھرين سٽ ۾ اصل الفاظ 'درياوَ' ۽ 'ڪيا سَمُنْدرَ ڪَلَ' آھن. 'درياوَ' بہ صحيح آھي پر اھو عام اچار آھي؛ 'درياءَ' پڙھڻ بھتر ٿيندو. 'ڪيا' صاف سرائيڪي آھي، معنيٰ 'ڇا'؛ سنڌي ۾ 'ڪيان' ٿيندو (معنيٰ 'ڇو') 'سمندر' ھندي آميز اچار آھي، سنڌي ۾ 'سمنڊر' ٿيندو ۽ ھر وزن جي لحاظ سان 'سمولڊر' ڪري پڙھبو. لفظ 'ڪل' صحيح آھي پر بيت [19] ۾ "ڪنولاھہ ڪر" آھي، انھيءَ ڪري ھت بہ "سمولڊر ڪَرَ" پڙھڻ بھتر ٿيندو. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپيل الفاظ 'سرياوَ' ۽ 'چوڪي' آھن. سَرياوَ (اوھان ڪي سريا) بدران 'سرياءَ' (توکي سريا) وڌيڪ صحيح ٿيندو، جو مٿي پڻ جمع بدران واحد آيل آھي. ٻيءَ سٽ ۾ لفظ 'چوڪي' آھي، پر جيئن تہ 'ماڻڪ' جمع ۾ آھن، تہ ھي لفظ پڻ 'چوڪي' بدران 'چوڪا' ٿيندو.

2. معنيٰ:

- درياءَ تنھنجي دل اندر آھي، ٻاھر سمنڊر جو پيو پڇين!

- ماڻڪ اِھي اتي ئي تو وٽ موجود آھن؛ سھڻا سٺا چوڳي چو نہ ٿو ڪڻين!

[13]

ڪانءُ مُئه ڏيئي، پيئا جي درياءَ ۾،
پَسندا سيئي، ماڻِڪَ اکڙين سين.

1. ٻهرين سٽ ۾ اصل الفاظ 'ڪايا' ۽ 'درياوَ' آهن. 'درياو' بدران 'درياءَ' لکڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو، ۽ 'ڪايا' جي بدران 'ڪانءُ' وڌيڪ صحيح ٿيندو. 'ڪانءُ' جي معنيٰ سمنڊ يا درياءَ ۾ پاڻيءَ جي لاٽ، يا ماٺائي. 'پاڻيءَ جو ڪانءُ ڏيڻ' معنيٰ لهڻ، هيٺ ٿيڻ، ماٺو ٿيڻ. ساوڻ ۾ درياءَ ۾ پاڻي گهڻو هوندو آهي، ۽ سمنڊ ۾ به پاڻي جو چاڙهه ۽ سختي هوندي آهي. ساوڻ گذرڻ ۽ سرءُ لڳڻ سان پاڻي ڪانءُ ڏيندو آهي. شاهه جي رسالي جو بيت آهي ته:

"سُڪي ڍرُو ڍَيوُن ٿيو، ڪنڌي ڏنو ڪانءُ،
پاڻي پَنِيهل ۾ اڳيون نه آءُ."

ٻيڙياتا (ٻيڙين وارا) به ساوڻ جي موسم ۾ مڇي لاءِ، سيپن ڪيڻ لاءِ يا واپار لاءِ سمنڊ ۾ نه ويندا. ساوڻ کان پوءِ جڏهن پاڻي ماٺو ٿيندو ۽ هيٺ ٿيندو تڏهن ٻيڙيون تيار ڪندا:

"ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا"

ڏياري ڄڻ سياري جي شروعات آهي. ان بعد پاڻي ڪانءُ ڏيندو ۽ ماٺو ٿيندو، ۽ ٻيڙياتا ٻيڙيون تاريندا (پاڻي ۾ وجهندا ۽ هلائيندا). اهڙيءَ پوري ۽ صحيح موسم ۾ جيڪي سمنڊ ۾ ويندا سيئي سپون ڪيڏندا ۽ سلامت رهندا. ٻيءَ معنيٰ جي لحاظ سان جيڪي لاٽ ۽ هيٺاهين وڃندا سي ئي مرادون ماڻيندا. شاهه عبداللطيف، قاضي قادن جي هن بيت کي ڄڻ وڌيڪ تفصيل سان ورجايو آهي ته:

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪانءُ ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون پاتاران پيئي،
پسندا سيئي، اصل اکڙين سان.

2. بيت جي معنيٰ ٿيندي ته:

- اهي لاڪشا جيڪي ڪانءُ ۾ درياءَ (سمنڊ) اندر گهڙيا (1).
- سيئي وڃي ماڻڪ اکين سان ڏسندا (حاصل ڪندا).

[16]

هُنَ سَرَ سندا هنجهڙا، اِتي ئي آهين،
ڳالهين 'رب پَرَتِيان' جو منگهي تنهن ڏين.

---

(1) سنڌ جي ڪاري (ساموندي ڪناري وارن تعلقن) جي ٻولي ۾ 'سمنڊ' کي اڪثر درياءَ سڏيندا آهن.

1. ڇاپي مطابق، ٻيءَ سٽ ۾ 'تنهن ڏين' بدران 'سو ڏين' آهي، جيڪو سنڌي محاورو ناهي؛ انهيءَ ڪري 'تنهن ڏين' پڙهڻ بهتر ٿيندو. قاضي قادن هيءَ بيت ڪنهن اٿي جي چيل هن ڪان اڳ واري هيٺين بيت [15] جي جواب ۾ چيو:

وڃي آيو ڪير، ڪنهن ڏنو مُنهن لاهو تيئين،
اڇي ڪندو ڪير، ڳالهيون رب ڀرتيان.

لفظ 'ڳالهيون' مان گمان اٿي ٿو ته هي بيت وچولي يا هيٺ لاڙ جي ڪنهن درويش جو چيل آهي. قاضي قادن جي مٿين بيت ۾ لفظ 'ڳالهين' (=ڳالهيون) آهي جيڪو روهڙي ڊويزن جي اترئين ڀاڱي (خاص طرح گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلي ۽ اُٻاوڙي جي ڀرواري سنڌي) جي ٻولي جو لفظ آهي. پڻ هن بيت ۾ سرائڪي-آميز مقامي ٻولي جو لفظ 'سنگي' آندل آهي.

2. معنيٰ ظاهر آهي ته:

- هن تلاءُ (الاهي راز وارو ٻيو جهان) جا هنجهه هتي پڻ موجود آهن؛
- جيڪو ڪالهن رب جي ڀرتلن (ڀلارن درويشن ۽ ولين) جي ڳالهين جي گهر ڪندو تنهن کي ٻُي هو ٻڌائيندا.

اُنهن تو معلوم ٿئي ته ٻهرين سٽ جي معنيٰ وارو ٻيو ڪو اُڳاٽو بيت پڻ هلندڙ هو، جنهن جي هڪ سٽ مهين شاهه ڪريم هن طرح پڙهي ته:

"ڪيهه سَر سندا هنجهڙا، ڪيتي ٿـا چُڻن".

ساڳي معنيٰ ۾ ٻيو هڪ بيت پڻ اُڳاٽي وقت کان وتسي سنڌ ۾ هلندڙ هو، جنهن جو جواب ٻيتائي صاحب ڏنو. اڳ ڪنهن درويش چيو ته:

"هنُو جي رڳ رڱين، سي ڪنٿيي ڪنڀ ڪٿي وڻا".

ٻيتائي صاحب جواب ڏنو ته:

اڃان پڻ آهين، هولدا ڪلجڳ تائين ڪاپڙي،
لالائي جو، لطيف چئي، هـو لاڳ چڱو لائين،
ٿـا نيت مقابل اين، ماڻهو مـهرا ڪپڙا.

[17]

سَرَ هيڪڙي وَسن، جرَ ۾ ليه نه ڪندو،
سارَ لـه سالُورن، متي ڪنُول ڦلاريو.

1. 'سَرَ' معنيٰ تلاءُ، پر 'سالورن' جو لفظ هن وقت سنڌي ۾ عام طرح مشهور معروف ناهي. هن کان پوءِ واري بيت [18] ۾ 'سالورو' واحد ۾ استعمال ٿيل آهي، ۽ ان بعد ٻئي

بيت [19] ۾ جمع ۾ 'سالور' آيل آهي. 'سالورو' جو جمع 'سالورا' هجڻ گهرجي. هن وقت سنڌ ۾ 'سالور' يا 'سالورو'، هڪ سائي گاهه کي چئجي جيڪو تلاون جي پاڻي ۾ ٿئي ٿو. مؤلف (هه) ان جي معنيٰ 'ڏيڏر' ڄاڻائي آهي.

2. بيت جي معنيٰ مؤلف (هه) هيٺين طور لکي آهي:

- ڪنول جو گل ۽ ڏيڏر، ٻئي هڪ ئي تلاءَ ۾، پاڻي ۾ رهن ٿا، پر سنڌن وچ ۾ پريم جڙي نه سگهيو آهي.

- ڏيڏرن کي اها سُڌ ئي نه آهي ته مٿي ڪنول ڦلاريو بيٺو آهي.

[18]

جهي سالُورو سُڌَ لَهي، ڪَنئُولان سندي ڪاءِ

تـو ٻـَيو پاتال ۾، هوند نـه ميٺي نـه ڪاءِ.

1. بيت جي معنيٰ صاف آهي، مگر لفظن جي بيهڪ ۽ بيان جي سٽاءَ جڻ اڄ ڪلهه جي ٻولي واري آهي، مؤلف (هه) بيت جي معنيٰ هيٺين طرح لکي آهي ته:

- جيڪڏهن ڏيڏر کي اها ڄاڻ پوي ته تلاءُ ۾ ڪنول به آهن

- ته اهو جيڪر پاتال (تلاءُ جي تر) ۾ وڃي مٿي نه ڪائي.

[19]

ڪهي وڃهائي ڏُور، ڪي ڏُورئي (اوڏا) وَلَها،

هو جهي جَرَ سالورَ، لڌي نه (تن) ڪَنئُو لالههُ ڪَرَ.

1. ڇاپي مطابق، ٻهرين سٽ جي اصل پڙهتي ۾ لفظ 'اوڏا' ڪٽيل آهي، ٻيءَ سٽ ۾ اصل الفاظ 'هوئي' ۽ "لڌي نه ڪَنئُو لانئهه" آهن. قاضي قادن جي، هن خيال کي شاهه عبداللطيف هڪ بيت ۾ تضمين طور ڪيو آهي، جنهن ۾ لفظ 'اوڏا' موجود آهي. الهيءَ لفظ وڌائڻ کان سواءِ وزن پورو ڪونه بيهندو. ٻيءَ سٽ ۾ ٻهريون لفظ 'هوئي' آهي جيڪو غالباً راجستاني محاوري مطابق آهي. سنڌي ۾ 'هو جي' (=هو جيڪي) پڙهبو، ۽ 'جي' لفظ قاضي قادن جي مٿي ڏڻل بيت [5] ۾ اڻ موجود آهي. ٻيءَ سٽ جي پوئين اڌ جي اصل پڙهتي "لڌي نه ڪنولاله ڪَرَ" آهي جيڪا وزن ۾ ڪٽيل آهي، ۽ ائين ٿو لڳي ته لفظ 'تن' رهجي ويل آهي، 'ڪنولاله' جي بيهڪ غور طلب آهي. اهو هاڻوڪي اچار موجب لفظ 'ڪَنئُولانِ' (=ڪنولن جي) جي برابر آهي. پر ائين لڳي ٿو ته اضافي يا جري ترڪيب وارا اهڙا جمع جي صيغي جا الفاظ، يا پيا اهڙا الفاظ جن جي پڇاڙي 'آن' هجي، سي 'هه' جي ٽيڪ سان اچاربا هئا. ڏسو ايندڙ بيت جنهن ۾ 'آڪاسانه' يا 'سنجهاله' آيل آهن. اڻ

اڳين پڙهڻين ۾ ’اسانهجو‘ (= اسان جو)، ’اسانهجي‘ (= اسان جي) ۽ ٻيا اهڙا آچار موجود آهن.

2. معنيٰ هيءَ آهي تہ: ٻن ڌرين جي محبت جو مدار مفاصلي تي ناهي: ڪي ٻري رهندڙ بہ دل کي ويجها آهن، تہ ڪي گڏ رهندڙ بہ ڄڻ ٻري آهن.

- ڪي ويجها رهندڙ بہ ڄڻ ٻري آهن، تہ ڪي پري رهندڙ پيارا (ولها = گهوٽ) ٻڻ (دل کي) وڌيڪ ويجها آهن.

- ’سالور‘ ۽ ڪنول ٻئي ساڳئي پاڻيءَ ۾ ڄمن آهن، تہ بہ هڪٻئي کان ٻري آهن، جو ڪين هڪٻئي جي ڪل ٿي ڪانهي.

شاهہ عبداللطيف هيٺين بيت ۾ قاضي قادن جي بيت جي پهرين سٽ کنئي آهي ۽ اڳتي ان کي وڌيڪ سهڻو ڪيو آهي تہ:

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي چڙهن نہ چت تي، ڪي نہ وسرن مُور،
مينهن ڪنديءَ جڻن پور، تئن دل وراڪو دوست سين.
(ٻروو سنڌي)

[21]

اکيون آڪاسانهہ، فوجون ڪري آلتيون،
سوڙهي ڳِلي منجهانهہ، سوجهي ٻرين لهنديون.

1. آڪاسانهہ، معنيٰ ’آڪاس مان‘ يا ’مٿان آسمان کان‘. ”اکين جو آڪاس تان فوجون ڪري لهڻ“ واري سهڻي تصوير ۽ سهڻو خيال قاضي قادن انهيءَ لحاظ سان آندو آهي، جو محبت واريون اکيون فراق سبيان پاڻيءَ سان ڀريل آهن، ۽ ڄڻ ڪڪر آهن، جيڪي آگم ڪري ايندڙيون ۽ هر جاءِ تي ۽ هر گهر ۽ ڳليءَ ۾ وسنديون ۽ ٻنهنجا سجڻ ڳولي لهنديون. اکين جي آگمڻ ۽ وسڻ وارو خيال، قاضي قادن کان پوءِ واري دؤر جي اعليٰ شاعري توڙي عوامي شاعريءَ ۾ عام آهي- مثلا ’شاهہ جي رسالي‘ جي بيتن ۾ اهو خيال هن طرح سمايل آهي:

آگم ڪيئو اچن، سجڻ سالوڻ مينهن جيئن.

--

لس ٻارين لوڪ، آگم ڪيئو اکين سين.
(سر مارئي)

--

اکين جا آگم، مون تان لاهہ مَ سپرين.
(سر رپ)

اڪين جو فوجون ڪري لهڻ وارو جنگ جو خيال ۽ ڪڪرن وانگر اُگهجڻ وارو مثال رسالي جي هيٺين بيت ۾ وڌيڪ تفصيل سان سربستو آندل آهي:

اڪيـن ڪـيـي آهين، وڏا واجهه وڙهـڻ جـا،
آيون سنـڌي سامـرو، جهيڙو لـﺊ لاهيـن،
جيئن سي ڪڪر آن ۾، تيئن اُگهئون آهيـن،
جهڙو ڦڙ لـﺊ لاهين، وسن سانـوڻ مينهن جئـن.

(سر رپ)

2. معنيٰ ته:

-اکيون مٿان آسمان تان فوجون ڪري لٿيون آهن (اُئين جيئن ڪڪر قطارون ڪري وڏي گوڙ ۽ غلغلي سان پرجي اچن)

-(اهي پاڻيءَ سان ڀريل اکيون ڪڪر وانگر) سوڙهين گهٽين توڙي گهرن ۾ هر جاءِ وسنديون ۽ پنهنجي سڄڻ کي ڳولي لهنديون.

[24]

واحـدُ هـنـڌين داڻـرين، هيڪڙو ميهي،
جـنـيهن جـانِ جـُدا ڪيي، پسـندا سيپي.

1. ڀرين ست ۾ اصل لفظ ’هيڪڙيو‘ آهي، جنهن کي ’هيڪڙو‘ ڪري پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو، جيئن ستي بيت [1] ۾ آهي. لفظ ’ميئي‘ قاضي قادن واري وقت جي مقامي ٻولي جو آهي: ’مڙيئي‘ کي ان وقت مقامي طور ٻڪر ۾ يا آسپاس ’ميئي‘ ڪري اچاريندا هئا. عربي لفظ ’دائـرو‘ سنڌي ۾ ٻن خاص معنائن ۾ استعمال ٿيو آهي: هڪ ’حلقو‘ تعليم جي سلسلي جو (شاگردن جو استاد آڏو گولائي ۾ ويهڻ)، جنهن جي اصطلاحي معنيٰ ٿيندي درسگاه يا ڪنهن خاص تعليمي ۽ اعتقادي نظريي ۽ فڪر وارو گروه. ٻي معنيٰ، ڪوبه ماڳ مڪان، جتي ماڻهو ڪنهن خاص مقصد لاءِ ايندا ۽ گڏ ٿيندا هجن.

2. بيت جي معنيٰ صاف آهي، ۽ مؤلف (هه) پڻ سهڻي ڪري لکي آهي ته:

- هر جاءِ ۽ هر ماڳ مڪان (تي ماڻهو يا سندن خيال جيتوڻيڪ جدا جدا آهن، مگر سڀني جو خالق) ڏٺي هڪ (واحد) آهي.

- البت ان کي اهي ڏسي سگهندا، جن پنهنجو پاڻ وڃايو آهي ۽ پنهنجي هستي ۽ خودي کي ختم ڪيو آهي.

[25]

حقيقي سـون سـيڻ، وسـن شـهـر حـقيق ۾،
ڳالهه چـون حـقـيقيان، چـوڻ حـقـيقي ويڻ.

1. ڇاپي جي ٻهرين سٽ ۾ اصل لفظ 'سهر' آهي، جنهن کي 'شهر' لي پڙهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته قاضي قادن 'شهر' کي 'سهر' ڪوٺ چيو هوندو.

2. بيت جي معنيٰ صاف آهي، ۽ مؤلف (ه) پڻ صحيح لکي آهي. هيٺين طرح ڪبي ته به سهڻي ٿيندي:

- منهنجا سچا سڄڻ (سدائين) رهن ٿي سچ جي شهر ۾

- اهي جيڪي ڳالهائين ٿا، سو سڀ حق طرفان يا حق مطابق آهي، ۽ هو (سيڪنهن کي) سچا (حق ۽ انصاف) اکر يا گفتا چون ٿا.

[26]

شَفيقي مون سڄڻ، وَسن شَهر شَفيق ۾،
ڳالهه چون شَفيقيان، چون شَفيقي ويڻ.

1. ڇاپي ۾ بيت جي پڙهڻي هيٺين طرح آهي جيڪا مؤلف (ه) گهڻو ڪري هوبهو ديوناگري ۾ لکيل اصل دستخط مطابق ڏني آهي.

سَفيفي مُون سڄڻ، وَسَن سَهر سَفافَ ۾،
ڳالهہِ چَونِ سَفافِيان، چونِ سَفافِي ويڻ.

هن پڙهڻي مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ديوناگري واري 'دستخط' جي لکندڙ ۽ ان يا ٻئي جنهن قاضي قادن جا بيت ڪيس ڏنا يا تنهن ڪنهن ٻئي 'دستخط' (جيڪو سنڌي-عربي صورتخطي ۾ لکيل هو) تان اهي بيت پڙهيا ۽ اتاريا ۽ پنهنجي آتاري ۾ غلطي ڪئي جو 'شفيقي' لفظ کي صورتخطي جي هڪجهڙائي سبب، 'سفيفي' ڪري سمجهائين، لکيائين ۽ پوءِ بيا ٻه ٻيان الفاظ به الهيءَ لحاظ سان لکيائين. اصل لفظ يقيني طور 'شفيقي' هو، ڇاڪاڻ جو هي بيت پنهنجي سچي سٽاءَ ۾ هن کان اڳئين بيت [25] سان ملي ٿو، جنهن ۾ حقيقي، حقيق، حقيقيان ۽ حقيقي الفاظ آيل آهن. هن بيت ۾ ساڳي مناسبت سان شفيقي، شفيق، شفيقيان ۽ شفيقي الفاظ ٿي ٿهندا.

2. 'شفيقي' معنيٰ 'شفيقن وانگر' يا 'شفيقن جهڙا' 'شفيق' معنيٰ پياري سڳي ڀاءُ وانگر قرب ڏيندڙ. انهيءَ لحاظ سان ٿي (عربي فارسي ۾) 'آخي شفيق' محاورو مشهور آهي سنڌي ۾ اهايت پيار ڪندڙ ڀاءُ کي 'شفيق ڀاءُ' سڏيو ويو. 'سڄڻ' جي لفظي معنيٰ آهي ٻيءُ-ساءُ جيڪي پنهنجي نياڻي جو سڱ ڏين. جيڪو سڱ وٺي ان کي 'سياءُ' چئبو ۽ جيڪو سڱ ڏئي سو 'سيڻ' سڏبو. 'سڄڻ' جي اصطلاحي معنيٰ سچا سڄڻ يا وڏي قرب وارا ميت. 'وسن' معنيٰ رهن؛ 'ويڻ' معنيٰ 'هنن ساڻهون گفتگو' ميار وارو ڳالهاءُ يا ڏکيو ڏوراپو. انهيءَ لحاظ سان بيت جي معنيٰ ٿيندي:

- منهنجا پيارا سڄڻ وڏي قرب وارا آهن، ۽ سدائين قرب واري شهر ۾ رهندڙ آهن.

- ڪا ڳالهه ٿا ڪن ته به قرب وچان ٿا ڪن، ۽ جيڪڏهن ڪو ڏوراپو ٿا ڏين ته به پيار ۽ قرب سان ٿا ڏين.

[27]

جيئهين مُکَ مُلاءِ، آسِي آلٽِي آکيو نُهن،
تينهين جهي ڳالهاءِ، سانڊوئي ساڃو ٿيو.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ لفظ 'سَرانهءِ' آهي، پر صحيح 'مُلاءِ' ٿي ڀانئجي، جنهن جي معنيٰ آهي 'وٿان' يا 'کان' ٻيو لفظ 'آسِي' آهي، پر صحيح شايد 'آسِي' (؟) ٿيندو. معنيٰ اوس، تپش، جلڻ، ساڙو؛ آلٽي يعني لٿي. ٻيءَ سٽ جي ڇاپي ۾ لفظ 'معدوئي' آهي، پر صحيح "مالدوئي" ٿيندو.

2. معنيٰ ٿيندي:

- جن جي منهن کان (يعني ٻري کان منهن ڏسڻ سان) اکين جو اوس ۽ ساڙو لٿو، (۽ اکيون ٺريون).
- تن جي ڳالهاءِ (ٻڌڻ) سان مالدو وسائل جسم واري تازو توانو ٿيو.

[28]

ڪُنجي ڏيئي جهليو، جيئهين روحَ رساوُ،
تينهين سنڌي تلهڙي، سونهارِي سياوَ.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ 'تَلهڙي' (ت جي پيش سان) ۽ 'سُياوَ' (س جي پيش سان) لفظ آهن، ۽ مؤلف (هه) بيت جي معنيٰ هيئين طور ڏني آهي:

- جن (ستگرن) منهنجي آتما جي رساو (پهچ) کي ڪنجي ڏيئي ضابطي هيٺ رکيو.
- تن جي رهبريءَ هيٺ هلندي، منهنجو سياءَ سولهارو ٿيو.

2. لفظ 'تلهڙو' بيت نمبر [82] ۾ پڻ آيل آهي، ۽ اتي ان جي معنيٰ 'ٻيڙو' يا 'ٻيڙي' آهي. 'ٻيڙي جي رَسن' يا پڄڻ جي لحاظ سان، 'روح رساوَ' جي معنيٰ 'روح جهڙي رسي کي' ٿيندي. 'سياءَ'، معنيٰ سٿ يا سنگت (جيڪا هن حياتي جي ٻيڙي ۾ گڏ چڙهيل آهي). انهيءَ لحاظ سان، بيت جي معنيٰ هيئين طور ٿيندي:

- جنهن (ناکئي، اڳواڻ، مرشد يا ستگر)، روح جي رسن کي ڪنجي هيٺ قابو ڪيو آهي (يعني جن جي هٿ ۾ اهي رسا آهن).
- تنهن جي ٻيڙي ۾ چڙهيل سنگت پڻ سهڻي اوج ۽ بخت واري آهي (يعني انهيءَ ٻيڙي ۾ چڙهڻ جي ڪري ئي اها سولهاري ٿي آهي).

[هلندڙ]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (قسط ٢)

# قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾

[31]

اِيڪ قصر، دَرَ لَکَ، ڪوڙين سهسين ڪيڙڪيان،
جان ٿي ڪَرِين پَرکَ، تان ٿي سَڄڻ سامُهان.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ اصل پڙهڻي 'عين قصر' آهي. 'شاهه جي رسالي' ۾ هي بيت ٿورين اختلافي پڙهڻين سان موجود آهي، جيئن ته:

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين سهس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

ٻي پڙهڻي 'ڪوڙين ڪئي ڳڙکيون' آهي، پر رسالي جي جن ٻن دستخطن يا ڇاپن ۾ هي بيت آيو آهي، تن ۾ شروعات وارا لفظ ”ايڪ قصر“ آهن. نتيجي طور چوندا سون ته قاضي قادن جا بيت جيئن سنڌ ۾ هلندا آيا، تيئن هن بيت جي پڙهڻي ”ايڪ قصر“ رهي، پر اهي بيت جڏهن دادو ديال ۽ سندس ٻالڪن ۽ چيلن جي روايت ذريعي هندستان ۾ ويا ته هن بيت جي پڙهڻي ۾ ”عين قصر“ جا لفظ آيا. سنڌ جي پڙهڻي يعني 'ايڪ قصر' کي وڌيڪ ترجيح ڏيئي سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ سان ”ايڪ قصر در لک“ وارو فقرو وڌيڪ سهڻو آهي، جو ان ۾ 'هڪ' ۽ لک جي ڀيٽ آهي. ٻيو ته معنيٰ جي لحاظ سان پڻ 'ايڪ قصر' واري پڙهڻي اتم آهي، ڇاڪاڻ ته هن جهان يا ڪائنات جي جنسار کي 'محل' سان ڀيٽي سگهجي ٿو، پر 'اک' سان ڀيٽڻ ايترو وزنائتو نه ٿيندو.

لفظ 'عين' کان سواءِ، باقي ٻيا لفظي اُچار هن پڙهڻي جا 'شاهه جي رسالي' واري پڙهڻي کان بهتر آهن. 'ڪڙڪيان' قاضي قادن جي ٻڪر واري ٻاڳي جي ٻولي مطابق آهي، ۽ ان جي ڀيٽ ۾ ”ڳڙکيون“ لاڙ جي ٻولي آهي. اهڙي طرح 'جان' 'ٿي' پڻ قاضي قادن جي ٻولي جا لفظ آهن. لفظ 'ڪرين'، اتر واري هڪ مخصوص محاوري مطابق 'ڪريان' جي برابر آهي؛ جيڪڏهن ان کي ضمير حاضر مخاطب واري عام مفهوم ۾ وٺجي ته به معنيٰ صحيح ٿيندي.

2. هي بيت وحدت ۽ ڪثرت جي معنيٰ ۾ چيل آهي ته:

- هيءُ جهان يا ڪائنات هڪ ئي آهي، پر ان کي لڪين در ۽ ڪوڙين هزارين دريون آهن (بي شمار رنگ ۽ نظارا آهن)
- جتان ٻه نهاريان ٿو ته منهنجا سڄڻ (خالق، ڌڻي) سامهان نظر اچن ٿا.

[32]

ڀِـهـرِيـُنِ ڀـاڻـُ ڀـَرَڪـُ، ڀـرين ڀـرڪڻ سؤڪـتڙا،
دَرُ ڀِـي سـوئـِـي رَڪـُ، جـتـان ڏِڪائون لهن.

1. ڇاپي مطابق ڀهرين سٽ جي پڙهڻي ۾ آخري لفظ 'ساڪتڙا' آهي، جنهن جي بدران سنڌي سرائيڪي لفظ 'سؤڪتڙا' بهتر ٿيندو. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپي مطابق پويون فقرو 'جتان ڏڪا لهين' آهي، ۽ 'ڏڪا لهڻ' جو اصطلاح سنڌي ٻولي ۽ ادب جي روايت ۾ موجود ڪونهي. معنيٰ جي لحاظ سان سهڻائي تڏهن ٿيندي جڏهن ڇنجي ته 'جتان ڪي ڪجهه لهين' يعني جتان توکي ڪجهه حاصل ٿئي. ٿي سگهي ٿو ته اصل پڙهڻي "دُڪالو" هجي، جنهن کي 'ڏڪا لهُ' ڪري لکيو ويو. 'دُڪ' هن وقت 'ديد' يا 'نظر' جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، ۽ شايد قاضي قادن جي وقت ۾ 'دُڪالو' جي معنيٰ ديدار يا نظارو هجي. انهيءَ لحاظ سان 'جتان دُڪانو لهين' پڙهي سگهجي ٿو. ٻي موزون پڙهڻي 'جتان ڏِڪائون لهين' ٿيندي: 'ڏِڪائون' ('ڏِڪ' جو جمع) معنيٰ شاديون مراديون، خوشيون ۽ نعمتون. اسان انهي پڙهڻي کي ترجيح ڏيون ٿا.

2. مٿين وضاحت مطابق معنيٰ ٿيندي ته:
- ڀهريائين ڀاڻ سڃاڻ (جو ڀاڻ کي سڃاڻڻ سان)، ڀرين کي سڃاڻڻ ته سولو آهي.
- در ٻه اهوئي جهل، جتان توکي نعمتون نصيب ٿين.

[33]

ڀِـهـرِينُ ڀاڻُ وڃـاءِ، ڀـاڻ وڃائي سو لهي،
مَنَ انـدرِ مَنهُ ڀاءِ، توئي انـدر سُهرين.

1. مٿيون ٻئي سٽون ڇاپي مطابق آهن. ڀهرين سٽ جا پويان الفاظ "سولهي" آهن. 'سولهي' جي هڪ سڌي سولي معنيٰ 'اهو لهي' يعني جيڪو ڀاڻ وڃائي سو لهي. جيڪڏهن "سنتون کي واڻي" ۾ 'سو لهي' ڏنل آهي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته 'سو' راجستاني لهجي وارو آهي ۽ سندس لفظ 'هو' جي برابر آهي. يعني 'هو لهي'. سنڌ جي روايت موجب اهي الفاظ "هوءِ لهه" آهن يعني 'ان کي حاصل ڪن'، قاضي قادن جو هيءُ بيت ميين شاهه ڪريم بنان نالي ونڻ جي پنهنجي نصيحتن دوران پڙهيو، ۽ "بيان العارفين" ۾ [نمبر 30] هن طرح ڏنل آهي ته:

پيهو رين' پاڻ' وڃاءِ، پاڻ وڃائي هئوءَ لهي،
تهان ڌارَ نه سپرين، منهن منجهيئين پاءِ.

هن پڙهڻي ۾ لفظ 'پيرين' لاڙي محاوري مطابق ڏنل آهي، نه ته ساڳيو لفظ 'پهرين' آهي.

هاڻي قاضي قادن جي هن بيت جون اسان وٽ ٻه روايتون (پڙهڻيون) ٿيون: هڪ سنڌ جي جيڪا ميين شاهه ڪريم ڪان ملي ۽ ٻيءَ ٿائين هلندي آئي؛ ۽ ٻي درويش دادو ديال جي پوئلڳن جي سلسلي واري. انهن ٻنهي مان ميين شاهه ڪريم واري پڙهڻي وڌيڪ وزندار آهي، جو ان جي ٻيءَ سٽ ۾ قاضي قادن جي دؤر واري ٻوليءَ جي گهوڙهائي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ پوئلڳن واري لکيل بيت جي ٻي سٽ نسبتاً پوءِ واري دؤر جي آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي وڌيڪ سولي ۽ سليس آهي.

2. بيت جيئن مٿي ڏنل آهي، تيئن ان جي معنيٰ مؤلف (هه) صحيح نموني سان هيٺين طور ڪئي آهي:

- پهرين پنهنجي وجود کي وڃاءِ. جيڪو خود کي ختم ڪندو، سو ئي پرين کي حاصل ڪري سگهندو.

- من الدر جهاتي پاءِ: (تنهنجو) پرين تنهنجي اندر ۾ ئي آهي.

[35]

ستو هنوس ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳايوس،
مَرُ وڃايائين مون منان، تَتُ ويکايوس.

1. ڇاپي مطابق پهريان ٻه لفظ "ستا هتوس" آهن، جيڪي ڍاٽڪي-راجسٿاني ٻولي ۽ لهجي مطابق آهن. سنڌي ۾ 'ستو هئوس' ئي ڇٻو. هيءُ بيت ميين شاهه ڪريم هڻ پنهنجن نصيحتن دوران پڙهيو ۽ "بيان العارفين" ۾ هيٺين طور ڏنل آهي:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هئوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري.

هن پڙهڻي ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب 'هئوس' بدران 'هئس' لفظ رکيو آهي، پر 'بيان العارفين' جي ٻئي هڪ دستخط ۾ 'هوس' آهي، جيڪو وڌيڪ صحيح ڇٻو؛ ڇاڪاڻ ته 'هتوس' مان پڻ 'هئوس' جو اهڃاڻ ملي ٿو. ٻيءَ سٽ جي سڄي پڙهڻي ميين شاهه ڪريم واري ڪتبي، جو مٿين پڙهڻي واري ٻيءَ سٽ ۾ 'تت ويکايوس' جو اصطلاح معنيٰ جي لحاظ سان اڀڙو سهڻو ڏنل ناهي.

2. متين پڙهئي مطابق، بيت جي معنيٰ مؤلف (هه) هيٺين طور صحيح لمولي سان ڏني آهي:
- مان (غفلت جي) ننڊ ۾ سمهيو پيو هوس، جو جوڳي، مون کي جاڳايو.
- منهنجي سن مان مِيل ڪڍي، مون کي تت (سار) ڏيکاريائين.

[ 36 ]

آپيري ۾ پير، ڪينهين لَڌو پيرِ پُٺيين،
تينهِ پَون سندو پير، ڪوڙين منجهين ڪو لهي.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ پهريون لفظ 'آپَري' آهي، ۽ صحيح 'آپيري' ٿيندو، يعني اها جُوءِ يا اراضي جتي ڪو به پيرو نه هجي، يا پيروئي نه لڳي. ڇاپي جي ٻيءَ سٽ جو پهريون لفظ 'پَوَ' آهي، جيڪو 'پَون' (= زمين) پڙهڻ گهرجي. 'شاهه جي رسالي' جي هيٺين بيت ۾ قاضي قادن جي بيت وارين ٻنهي سٽون موجود آهن:

ڪُپيري ۾ پير، ڪينهين ساتو پيرين،
جتائين منجهه ماڻهين، تتائين سڄڻ سير.*
ان پَون سندو پير، ڪوڙين منجهان ڪو لهي.

هن بيت جي وچين سٽ ۾ قاضي قادن جي ڇاپ معلوم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو ٻوليءَ قاضي قادن واري آهي ۽ لفظ 'جتائين' ۽ 'تتائين' قاضي قادن وارا 'جان ٿي' ۽ 'تان ٿي' ٿي سگهن ٿا، ۾ لفظ 'سڄڻ' به قاضي قادن انهن لفظن سان ڪتب آندو آهي. مثلاً قاضي قادن جي بيت [لمبر 31] جي سٽ آهي ته:

جان ٿي ڪريان پرک، تان ٿي سڄڻ سامهان.

انهيءَ لحاظ سان رسالي واري بيت جي وچين سٽ ٿيندي ته:

جان ٿي منجهه ماڻهين، تان ٿي سڄڻ سير.

2. متي جيئن بيت بيٺل آهي، تيئن ان جي معنيٰ ٿيندي ته:
- ان اوپري جُوءِ ۾ جتي پير جو نشان ٿي نه لڳي (آپيري)، آتي بالڪل ڪن ٿورڙن ڇاڻو پيرو ڪڍندڙن پيرو ڳولي لڌو.
- اهڙي زمين جو ٻول ۽ لمولو، سوَن منجهان ڪو هڪ صحيح ڪري سگهندو.

[ 37 ]

جهي ميهراڻ مَيا ڪَري، ته ساڳر سَهي نه سَتَ،
ايئن پريان سندي ڳالهڙي، رَهي نه اندر ڳهتَ.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ 'ساڳر' جي بدران 'ساگرو' آهي. اها پڙهئي مؤلف (هه) جي آهي، پر سنڌس اسان ڏي موڪليل آثاري مطابق "متنون کي واٽي" واري دستخط

---

* ٻي پڙهئي: 'جان منجهه ماڻهين، سڄڻ تتائين سير'.

جي پڙهڻي ’ساگر‘ آهي. ’شاهه جي رسالي‘ ۾ هي بيت موجود آهي ۽ اتي لفظ ’چاڳر‘ آهي. ڇاڪاڻ ته ٻيءَ سٽ جو پهريون لفظ ’يون‘ آهي، جيڪو هندي- راجستاني آهي. سنڌيءَ ۾ ’ايئن‘ پڙهڻ صحيح ٿيندو.

2. شاهه جي رسالي جي آڳاٽي قلمي نسخن ۾ (جيڪي سر سسئي سان شروع ٿين ٿا) هن بيت جي پڙهڻي ٻن جدا نمونن سان ڏنل آهي.

ٻن دستخط رسالن مطابق:

سپيريان جي ڳالهڙي، اندر رهي نه ڪُهتِ،
جنهن مهراڻ موج ڪيي، ته چاڳر سهي نه سَٽَ.

ڇهن ٻين دستخط رسالن موجب:

اندر رهي نه ڪهت، سپيريان جي ڳالهڙي،
چاڳر سهي نه سَٽَ، جه مهراڻ موج ڪي.

’چاڳر‘ معنيٰ ’تانگهو پاڻي‘، جيڪو سمنڊ جي ڪناري لڳ واهڙن ۾، يا درياءَ لڳ ڍنڍن ۾، يا ٻي ڪنهن گهٽيءَ ايراضي ۾ چِڪَر مثل بيٺل هجي. جڏهن مهراڻ (سنڌو) ۾ چاڙهه اچي ٿو، تڏهن مهراڻ جو پاڻي اٿلي چاڳر واري اراضي کي ٻوڙي ڇڏي ٿو، سمنڊ جي ڪناري وارن واهڙن توڙي خود ڪناري واري سمنڊ جي پاڻي کي به ڌڪي ٻوٽي ڪري ٿو ڇڏي.

رسالي جي ’سر گهاتو‘ ۾ ٻڻ هي لفظ آيو آهي:

چاڳر چڳيرن، گهور نه اچي گهاتوئين.

يعني ته: جيڪي گهاتو اونهي اوڙاهه کي گهوريندڙ (مڇي جي شڪار لاءِ ڦيرا ڏيندڙ) آهن، تن ٻڳدار بهادرن (چڳيرن) کي، تانگهو پاڻي (چاڳر) گهور لائق نٿي نظر اچي.

شعر جي سهڻائي جي لحاظ سان، يا ان وقت ۾ رائج آچار جي لحاظ سان، ٿي سگهي ٿو ته قاضي قادن ’چاڳر‘ بدران ’ساڳر‘ لفظ آندو هجي، ۽ اهو ’ساڳر‘ ڪري پڙهجي ته به صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

- جڏهن سنڌو درياءَ ۾ چاڙهه اچي ٿو ۽ پاڻي جي پلٽ ٿئي ٿي، تڏهن ان جي آڏو ٻيا سڀ تانگها پاڻي ٻيهي نٿا سگهن ۽ ڌڪجي لڙهي وڃن ٿا.

- اهڙي طرح سڄڻ جي يادگيريءَ جو پور جڏهن دل تي چڙهي ٿو ته اندر ۾ سمائجي نٿو سگهي (۽ بياختيار روئڻ راڙو، دانهون فرياد نڪري وڃن ٿا).

ٻئائي صاحب ٻڻ چيو آهي ته:

جڏهن هوءِ ٿي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادون فرياد، ناڪه وڃن نڪرئو.

[38]

'آلان' جيهي آلس، 'تسان' نہ اسان جيتري،
'پيريان' جامع' آلس، تينه سان پيائي آليئن.

1. چاپي مطابق ٻيءَ سٽ جي ٻوڙين اڌ جي پڙهڻي "تسان پيائي الهن" آهي. اصل ۾ غالباً 'تنهن سان' هو، جنهن کي ڀڏڻ واري 'تسان' ڪري لکيو. 'آليهن' کي 'آلئن' ڪري پڙهڻ صحيح ٿيندو (ڇاڪاڻ جو 'آل' جي صيغي وارو اسم مصدر 'آلئڻ' مناسب ٿيندو). فعل جي صورت ۾ 'آلئن' بهرحال نئون لفظ ٿيندو، جيڪو قاضي قادن جي هن بيت جي سند موجب قبول ڪري سگهجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ 'الهن' کي 'آلهي' ڪري پڙهجي، ته پوءِ 'پيائي الهي' جي معنيٰ ٿيندي 'دوئي دور ٿئي ۽ ختم ٿئي'. ٻنهي پڙهڻي ۽ معنيٰ وڌيڪ موزون آهن، ۽ مؤلف پڻ بجا طور اها معنيٰ ڏني آهي.

2. ٻئي سٽ ۾ 'آلان' کي 'آل' جو جمع سمجهڻ بهتر ٿيندو، جو اهو محاورو ٻڪر واري ٻولي مطابق آهي. 'آلو' يا 'آلون' جو جمع بہ 'آلا' يا 'آلان' ٿيندو جنهن سان پڻ معنيٰ نڪري سگهي ٿي، پر ٻنهي معنيٰ بهتر ٿيندي. 'تسان' لفظ سرائيڪي آهي جنهن کي ٻڪر واري پرڳڻي جي ٻولي جو لفظ تسليم ڪري سگهجي ٿو. ٻڻ 'تسان' ۽ 'اسان' جي ملندڙ آچارن جي سهڻي مناسبت سان اهو لفظ آندل آهي. 'پيرين' بدران 'پيريان' لفظ پڻ قاضي قادن جي ٻولي جو آهي، ۽ لفظ 'جامع' بہ وڏي معنيٰ وارو آهي، جن کي قاضي قادن ئي اهڙي سهڻائي سان آڻي سگهي ٿو.

3. هن بيت ۾ الهي عشق جي سور ۽ منڊ يا سرچشمي واري سهڻي معنيٰ سمايل آهي.

چيو ويو آهي تہ: اوهان کي بہ عشق جي ڌاءُ جي سختي، سوز آتش ۽ آڄ آهي؛ پر جيتري بيحد گهڻي اسان کي آهي اوتري اوهان کي ناهي. پر رڳو ائين چوڻ سان پنهنجي ذات جي وڏائي ۽ تعريف ٿئي ها. انهيءَ ڪري ٻيءَ سٽ ۾ اصلي حقيقت کي بيان ڪيو ويو آهي تہ: اها پيرين جي پار جي آهي ۽ اتان ئي مليل آهي. انهيءَ عشق جي سوز جو سرچشمو، سور ۽ منڊ خود پيرين پاڻ آهن، جن ڪان ئي پوءِ پين کي اهو سوز (هرهڪ جي وت ۽ ست آهر) لڳي ٿو.

-عشق جي سوز جي سختين واري اها آتش ۽ اڄ، جيتري اسان کي آهي اوتري اوهان کي ناهي.

-(پر حقيقت ۾) پرين ئي انهيءَ آتش ۽ اڄ جو سرچشمو آهي، جنهن سان پين کي (هرهڪ جي وت ۽ ست آهر اهو) سوز لڳي ٿو.

[39]

لڳي وڃان ٻيرِ، دانهان ڪنديِ ڏونگرينِ،
سوئي سَڄَڻُ ٻيڙ، جنهين مون هٿون وڌا ڪٽي.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ ”ڏونگر“ آهي، جيڪو ٻولي توڙي وزن جي لحاظ سان صحيح ’ڏونگرين‘ ٿيندو. هن سٽ ۾ ’دانهان‘ اترئين بکرواري علائقي جي ٻولي مطابق آهي. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپي مطابق ”جنهين هٿون ڏڪٽي“ آهي. ’سڄڻ‘ واحد ۾ آهي، انهيءَ ڪري ’جنهين‘ (جمع) بدران ’جنهين‘ (واحد) صحيح ٿيندو. پر ”جنهين هٿون ڏڪٽي“ واري پڙهڻي وزن ۾ ڪٽل آهي. ۽ ان تي غور ڪرڻ سان ٻه صحيح صورتون ڏيان ۾ اچن ٿيون:

ائين پائنجي ٿو ته لفظ ’هٿون‘ کان اڳ لفظ ’مون‘ رهجي ويو آهي، جنهنڪري وزن ڀڄ ڪٽو آهي: يعني ’مون هٿون‘ جي بدران فقط ’هٿون‘ لکيو ويو آهي؛ جي ائين آهي ته ٻوءِ سڄي معنيٰ کي ڌيان ۾ رکڻ سان ائين پائنجي ٿو ته ٻهريان لفظ ’ڏڪٽي‘ بدران ’وڌا ڪٽي‘ هئا. انهيءَ لحاظ سان سڄو فقرو ٿيندو ”جنهين مون هٿون وڌا ڪٽي“. سڄي بيت جي معنيٰ ٿيندي:

-(جن آئن پنهون کي نيو آهي تن جي) ٻير سان لڳي پئي وڃان (= تن جو ٻير وليو پئي وڃان، يا کنيو پئي وڃان؛ ۽ ڀڄ پنهون جي وڇوڙي ۾ ڪيس ياد ڪندي) جبلن طرف دانهون ڪندي پئي وڃان.

-(اي ڌٽي منهنجا!) اهو ساڳيو پيارو پرين مون کي ملاءِ، جنهن کي ڏير مون کؤن جدا ڪري ڪٽي ويا آهن.

2. اعليٰ سنڌي ’اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري‘ ۾ سسئي جي قصي سان تمثيل ٻهريون ٻيرو قاضي قادن جي هن ايت ۾ ملي ٿي.

[40]

’تون‘ ’تون‘ تَدَ ڪَرِينِ، لڳاءِ ڳِڙ ڦتَ جيئن،
سائين تُنهِ سنيپارين، جيئَنُ هيءِ رُوحَ سِرجيا.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ اصل ’تَدَ‘ آهي جيڪو سنڌي ۾ ’تَدَ‘ ڪري پڙهبو. ٻوئين اڌ جي اصل پڙهڻي ”لڳنداءِ ڪَرَ قَنَدَ جيئن“ آهي، جنهن سان جملي جملي جي ايهڪ توڙي ٻولي جي سٽاء سهڻي لٿي لڳي. ’لڳنداءِ‘ (مستقبل) ڪنهن ٻه صورت ۾ نٿو ٺهي؛ يا ته اهو ’لڳاءِ‘ (ماضي) يا ’لڳن ٿي‘ (حال) ٿيڻ گهرجي. ’لڳاءِ‘ قاضي قادن واري ٻولي کي وڏيڪ ويجهو آهي. ’ڪَرقند‘ سان ڪاٻه سڌي سهڻي معنيٰ ڪانه ٿي لڪري. اصل ۾ يا ته ’ڳڙ ڦت‘ هو يا ’ڳل قند‘؛ ٻر ’ڳل قند لڳاءِ‘ (’ڳل ۾ قند لڳاءِ‘) بدران ’ڳڙ ڦت لڳاءِ‘ وڏيڪ عام فهم محاورو آهي.

2. ڇاپي ۾ ٻيءَ سٽ جي اصل پڙهڻي هيٺين طرح آهي:

سائين سنڀاريھ، جن يَهہ روحَ ميرجيا

پر ان مان سهڻي سولي معنيٰ نٿي نڪري، اصل ۾ هيءَ سٽ شايد ائين هجي جئن مٿي ڏني وئي آهي.

3. 'روحن جي سرجڻ' وارو اهڃاڻ قاضي قادن جي علم ۽ شعر جي معيار مطابق آهي ۽ الهيءَ ڪري هي ٻيت قاضي قادن جو ٿي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ ڇني نٿو سگهجي ته ٻيت جي سڄي پڙهڻي اصل ۾ ڪهڙي طرح هئي. مٿين پڙهڻي مطابق معنيٰ هن طرح ٿيندي ته:

-- (يا الله تون! يا الله تون!) اها 'تون' 'تون' تڏهن ٿو ڪرين، جڏهن توکي ڳڙ يا ڦٽ اچي لڳا آهن (دردن ۽ سورن توکي وڪوڙيو آهي).

-- جئن ئي روح پيدا ٿيا (جو 'قالوابليٰ' چيائون ۽ رب کي مڃيائون) تئن (ان ازلي حقيقت موجب) چو نٿو (ٻانمرادو، هر وقت ۽ هميشه پنهنجي) سائين کي سنڀارين!

[41]

سُورُ جنهينُ کي هوءِ، ليُهانُ تينهينُ آيرَن،
ڪاٻي ڪو ڏنوءِ، دانُهانُ ڪندو سُورَ ٻين.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ "سور جنهون کي هوءِ" آهي. 'جنهين کي' وڌيڪ صحيح ٿيندو، ڇاڪاڻ جو اڳئين اڌ ۾ پڻ لفظ "تينهين" آهي. سڄي ٻيءَ سٽ جي ٻولي قاضي قادن واري آهي.

2. ٻيت جي معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هه) پڻ صحيح لکي آهي ته:

-- جن کي سور هوندو تن کي ئي ايذاءُ ايندو.

-- ڪٿي ڪو ٻنا سور جي دانهون ڪندو ڏلو اٿئي!

[42]

ڪاغذ ڪاڍي آڪرين، مون سان مون سيڻين،
گهورين گهڻين وڃائيا، ان منڊي نيڻين.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ 'ڪاگد' آهي، پر قاضي قادن 'ڪاغذ' ئي چيو هوندو. ڇاپي ۾ ٻيءَ سٽ جي پڙهڻي ۽ معنيٰ هن طرح ڏلل آهي:

گهوري ڪٽي وڃائيان، وي منڊي نيڻين.

'هي منهنجا پرا نيڻ (جي پرينءَ کي لٽا ڏسن) پرينءَ تان گهوري ڪري ڦٽا ڪريان'.

هي پڙهڻي ۽ معنيٰ ٻه صحيح آهي، پر هن پڙهڻي مان ليڻن کي لنڊڻ جو سبب ظاهر نٿو ٿئي، ۽ شاعرانه لطافت توڙي ٻولي جي فصاحت ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي. ان جي بدران هڪ هيٺين پڙهڻي غور طلب آهي:

کھوري ڪٿي وڃائيا، اِن سنڌين ليٽين

يعني اُهن نالائق ليٽن ٻرين کي ظاهري طرح کھورڻ ۽ ڏسڻ سان وڃايو (جو ڪيس اندر جي اکرت ۽ نظر سان نه ڏٺائون). هن پڙهڻي ۾ ٿوري گهٽتائي ٿي ٿي، جو لفظ 'ڪٿي' جي استعمال سان 'ڪٿي وڃائڻ' (ڪٿي ڇڏڻ، ڪٿي ڪرڻ) وارا محاورا هن ويجهي ھوئين دؤر جا آهن، ۽ اها ٻولي قاضي قادن جي دؤر جي نه ٿيندي. ٻالنجي ائين ٿو ته اول ۾ هن سٽ جا ٻهريان الفاظ "کھورين کھٽين وڃائيا" هئا، ۽ پڻ 'وي' (جيڪو سنڌي لفظ ناهي) بدران 'ان' هو. سڄي سٽ هن طرح هئي ته:

کھورين کھٽين وڃائيا، اِن سنڌي ليٽين

انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي ته:

-- جيئن ڪاغذ پنهنجن ڪارن اکرن (لکيت ۽ تحرير) سان ملول آهي (۽ پنهي جي وچ ۾ وڏي ڪالهي) تئن منهنجا سڄڻ به مون ساڻ گڏوگڏ آهن.

-- پر منهنجن نالائق ليٽن، ٻرين کي (مون کان ٻاهر ۽ ٻري) وري واجهائيندي ۽ لهارينهي وڃائي ڇڏيو.

قاضي قادن هيءُ بيت الهيءَ معنيٰ ۾ چيو هوندو، تنهن جي تصديق انهيءَ سان ٿئي ٿي جو ان دور جي ٻين صوفين درويشن پڻ الهيءَ حقيقت کي ان وقت ويچاريو هو. ان وقت هالہ ڪنڊي جي وڏي عالم ۽ صوفي مخدوم نوح پنهنجي جوالي واري وقت ۾ الاهي مشاهدو ماڻيندي ائين اٿي ڀانيو ته: جيڪو الاهي ديدار ڪيس نصيب ٿئي ٿو، سو اُهن ظاهري اکين سان ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو الله کي انهن اکين سان ٿئي ٿو، ۽ جڻ ته هو الله کي اُهن اکين سان ڏسي ٿو (حالانڪ الله ڏسڻ کان پاڪ آهي). انهيءَ تي ٻوبڪن جو وڏو عالم مخدوم جعفر اچي مخدوم نوح سان مليو ۽ کيس حقيقت سمجهائڻ خاطر چيائين ته: اکيون بند ڪري ٻڌاءِ ته پوءِ به توکي اهو الاهي جلوو نظر اچي ٿو؟ مخدوم نوح چيو ته: هائو. تڏهن مخدوم جعفر چيس: ته پوءِ اهو ديدار تون اُهن ظاهري اکين سان ڪونه ٿو ڏسين، پر اندر جي اکين سان ٿو ڏسين. مخدوم نوح (يا ٻئي ڪنهن همعصر) انهيءَ حقيقت ڪُلڻ کان پوءِ چيو ته "نه آيو جعفر، ته نوح ٿيو ڪافر"-- يعني جي (مخدوم) جعفر اچي اها حقيقت نه سمجهائي ها ته جيڪر (مخدوم) نوح (سندس غلط تصور سببان) ڪافر ٿي پوي ها! هن ساڳي معنيٰ ۾ ان وقت جو هڪ بيت آهي ته:

"ھوريون ٻرين پسن، آھيان ته انڌيون"

يعني جڏهن اکيون ٻوريل آهن ۽ اندر ۾ جهاتي پائين ٿيون ته ٻرين کي ڏسن ٿيون، پر پٽجڻ کان پوءِ اهي دنيا جون ظاهري شيون ڏسن ٿيون ۽ الاهي ديدار کان محروم ٿي وڃن ٿيون.

قاضي قادڻ، مخدوم لوح ۽ مخدوم جعفر ٽيئي ساڳئي وقت ۾ هئا، جيتوڻيڪ قاضي قادن پنهي کان عمر ۾ وڏو هو.

[44]

ليڪهان لَڪَ ڪيام، ڀَسَڙ ڪي پاڙان ڀرين،
موجهي سڀڻ لَڏام، مَنَ مَنجهين ٿي سپرين.

1. ڇاپي مطابق ائين آهي، ۽ اها پڙهڻي صحيح آهي. هيءُ بيت هن کان اڳئين بيت واري ساڳي معنيٰ ۾ چيل آهي.

2. معنيٰ صاف آهي ته:

--سون پنهنجي پرين کي هاڻ کان (پاڙان) ٻاهر ڳولڻ ۽ ڏسڻ لاءِ لکين تڪليفون ڪيون.

--آخرڪار (الدرولي ٿيرت ۽ سُرت سان) جانچي نهاري مون پنهنجا پرين پنهنجي اندر ۾ ئي لڌا.

[45]

روئي م َ ڪَرِ پَڌرو، هتَ مَنجهيئي جالِ
جانَ جانَ پرِيانَ نه ميڙينَ، تَنَ ڪائي جيئن ٻالِ.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ 'ٻال' آهي، جيڪو هندي-راجستاني اچار آهي؛ سرائيڪي ۾ صحيح لفظ 'ٻال' آهي. قاضي قادن جي ٻولي ۾ سرائيڪي جي لفظ جو استعمال ٿيڻ ممڪن آهي، ۽ 'جال' توڙي 'ٻال' ٻئي لفظ سهڻا استعمال ٿيل آهن.

2. معنيٰ صاف آهي ته:

--(سڄڻ جي سِڪ جو، يا ڪانئس وڇوڙي وارو) حال پنهنجي روئڻ سان ظاهر نه ڪر، بلڪ پنهنجي اندر ۾ ئي رهاءِ.

--جيستائين جو تون پرين کي نه ملين، تيستائين (سنهس سِڪ ۽ سوز ۾) پنهنجو هاڻ کي ٻيو ڪائيءَ وانگر ٻار.

[47]

پريانَ سَندِي ڳالهڙِي، مَرُ مَنجهين ٿي هوءِ
ٻُڌائي ٻين کي، ڪيهو ڪاڄُ سَريوءِ.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ 'ٻُڌائين' ۽ 'ڪاڄ' آهي. سنڌي اچار 'ڪاڄ' ٿيندو. 'ٻُڌائين' مان مراد ٿيندي 'ٻين کي ٻُڌائين ٿو.' پر 'سريوءِ' (ماضي) جي مناسبت سان 'ٻڌائي' (ماضي) بهتر پڙهڻي ٿيندي. هن بيت ۾ 'پريان' ۽ 'ڪيهو' قاضي قادن جي ٻولي جا الفاظ آهن.

2. معنيٰ صاف آهي:

-- ٻرين جي پچار، پل ته تنهنجي اندر ۾ ٿي هجي.

-- ٻين کي ظاهر ڪري ٻڌائڻ سان تنهنجو ڪهڙو مقصد پورو ٿيو!

[48]

وِچارانءِ ٻيءِ ٻَٽِ، تَوُجَلُ ٻاهرِ نِڪرِي
آسان هَڃُونءِ هَٽِ، ڪامَڻُ لُوسَڻُ مَنجهه ٿيو.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ 'وچاران وي' ۽ "تُون جهَلِ" آهي. 'وچاران وي' سرائيڪي لهجي موجب صحيح آهي، پر 'وچاران ٻي' بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ جو ٻين ٻيتن ۾ ٻڻ 'ٻي' آيل آهي ۽ اها بکر واري پرڳڻي جي ٻولي آهي. 'تون جهل' بدران 'تَوُ' 'جَلُ' (=تپش ۽ ساڙ يا ٻاهه) پڙهبا ته وڌيڪ صحيح ٿيندا.

ڇاپي مطابق ٻي سٽ هيٺين طرح آهي:

"آسانءِ هَنجَڻُون هَٽَ، ڪامِڻَنءِ لُوسِڻَنءِ مَنجهه ٿيو"

وڌيڪ صحيح پڙهڻي اڏين ٿي ٿيندي جيئن اسان مٿي ڏني آهي.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-- ٻَٽِيءِ، لِهائين يا آوِيءِ (جيڪا ٻاهران ڍڪيل آهي، ان جي) اندران ٻه ٻاهه جو تؤ، ساڙ ۽ جيبون ٻاهر نڪرن ٿيون.

-- ۽ اسان ته بالڪل پنهنجي جان اندر پيا هڃون ۽ ٻڃرون، ۽ اهو سڄو سڙڻ ۽ لوسائجڻ اندرئي اندر آهي (۽ ٻاهر ٻاڦ ٻه ڪانه ٿي نڪري جنهن مان ڪو ذري جيترو آرام اچي!)

[49]

اَولُهانءِ اَنْدَرَ ماهَ، ٻاهَرِ ڏَڪَ نه ٻَڌِرا
وِيجُ ڪَرِينْدو داهَ، ٻسڻ سان وادِوڙِيا.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ جو ٻهريون لفظ 'انهان' آهي، جيڪو 'اولهان' ڪري پڙهبو ته صحيح ٿيندو. ٻيءَ سٽ جي اصل پڙهڻي ۾ 'ويد' ۽ 'ٻسان سي' آهي. 'ويد' بدران 'ويج' پڙهڻ بهتر ٿيندو، جو اهو اڳاتو سنڌي اچار آهي. 'ٻسان سي' جي بدران 'ٻسڻ سان' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-- گهاءُ يا ڏڪ جسم (ماه) منجهه هيٺ اونهان آهن، جيتوڻيڪ ٻاهران ظاهر نا هن.

-- (حالت اهڙي دردناڪ آهي) جو ويج (حڪيم) ٻڻ اهڙن قتيلن (وادِوڙيل) جي اندرين زخمن ڏسڻ سان داهون ڪندو!

[50]

ڪَڏِهين ٻيرِينِ ڀُورَ، ڪڏهين ڦُلُ نه هِڪڙو
ڪڏهين پِريانِ جا ڀُورَ، ڪڏهين سِڪان سَڏَ کي.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جي پڙهڻي ۾ 'ٻيري' آهي، جيڪا شايد ڇاپي جي چوڪ آهي: صحيح لفظ 'ٻيرين' ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هه) پڻ صحيح ڪري سمجهائي آهي:

— ٻيرين ۾ ڪڏهين گهڻائي ڀُورَ آهن، ته ڪڏهن وري (مند نه هئڻ ڪري ڀور جو) هڪ ڦُل به ناهي:

— (اهڙيءَ طرح) ڪڏهن ته پرين جا پيرن تي پيرا آهن (جو ذري ذري پيو ياد ڪري، ۽ مون وٽ اچي)، ته ڪڏهن وري ٻري ڪان سندس هڪ سڏ ٻڌڻ لاءِ به پيو سڪان!

[51]

سوئيرِيانَ سَنهڙو، جُهه تَنُ ڪيوءِ نه تيئَنَ
توکي آکڙِيُنِ ۾، پِرِينُ پائيندا ڪِيئَنَ؟

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جي پڙهڻي هن طرح آهي:

سوئيڙيان سنهڙو، جتَنُ ڪيوءِ نه تيئنوَ.

بهتر پڙهڻي ائين ٿيندي جيئن اسان مٿي ڏني آهي. پهريون صحيح لفظ 'سوئيريان' آهي، يعني 'سوئيري ڪان' يا 'سُرمي ڪان'. 'جُهه تَنُ' = جيئن جو منهنجو تن يا جسم. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپي مطابق "پرين هَيَندو ڪيئنوَ" آهي، جنهن کي "پرين پائيندو ڪيئن" پڙهي سگهجي ٿو، پر جيئن ته قاضي قادن اڪثر منهنجي پرين کي ادب وچان جمع جي صيغي سان ياد ڪيو آهي، انهيءَ ڪري بهتر ائين ٿيندو ته هتي به 'جمع' جي صورت ۾ 'پرين پائيندا ڪيئن' ڪري پڙهجي.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

— تو منهنجو پاڻ (تن) ڪي جيستائين سرمي ڪان به وڌيڪ سنهڙو نه ڪيو آهي.

(ته پوءِ) پرين توکي (چاهه سان منهنجين) اکڙين ۾ ڪيئن پائيندا (توکي ولين ۾ ڪيئن وهاريندا، ۽ اکين ۾ جاءِ ڪيئن ڏيندا!)

'شاهه جي رسالي' (سر آسا) ۾ هيءُ بيت هيٺين طرح ڏنل آهي:

سوئيريان ٿي سنهڙو، جان تو ڪيو نه ايئن
پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾.

[52]

روزِ محشر ڏِينهڙي، مَتَرِ سيجَ تَپَنِ
سَيوئي جهڙُ پالئيان، جي مون پرين مڙنِ.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ ’جهڙ‘ بدران ’جَرُ‘ (=پاڻي) آهي، پر ’جهڙُ‘ ڪري پڙهبو ته صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي ته:

--محشر جي ڏينهن پل ڪٽي (هڪ بدران) ستر سجن جي ٽپي ۽ تاءُ ڪري.

-- ته به آءٌ اهو سڀوئي جهڙ (وارو ڏکيو ڏينهن) ڪري پائيندس، جيڪڏهن ان ڏينهن مون کي منهنجا پرين ملن.

[53]

جي تو لائِي رَچِيُ، ته چيِنُ لِکَڻُ لاءِ،
زَهَرُ هَلاهِلُ هَٿِ ڪر، ڪارڻ پِريانءُ ڪاءِ.

1. ڇاپي ۾ هن بيت جي پڙهڻي زير زبر جي ٿوري ڦير گهير کان سواءِ ساڳي اها آهي؛

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (ھ) ٺڳ سهڻي ڪري لکي آهي ته:

-- جيڪڏهن تو پوري لڳاءُ سان پريم ڪيو آهي ته لِڪ لِڪاءُ ڇڏي ڏي؛

-- پنهنجي پريتم صدقي (جيڪڏهن ضروري ٿئي ته) هلاهل زهر (جهڙو سخت زهر) هٿ ڪري کائي (پنهنجو سچو پيار ثابت ڪر).

[54]

توڙي هوئِنِ وَسيُونِ، مَٿِنِ سَهسِينِ ماڙُهِينِ،
اکِينِ کي مَٿيُنِ، جِتي هوئِنِ مانءُ پِرينءُ.

1. ڇاپي مطابق، پهرين سٽ جي پهرئين اڌ جي پڙهڻي ”توڙي هوءِ نه وِسَهُونءُ“ آهي، پر صحيح ائين ٿيندي جيئن اسان مٿي ڏني آهي. ٻيءَ سٽ جي پوئين اڌ جي پڙهڻي ”اکين کيئن متاع“ آهي، پر بيت جي سٽاءَ سان ائين ٿو سمجهجي ته ”اکين کي مٿيون“ پڙهڻ سان ئي بيت صحيح ۽ سهڻو ٿيندو.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-- جيتوڻيڪ ڪٿي (ساوڻ ۾ وڏا مينهن وسن ۽) وسون ٿي وڃن، (۽ مال چارڻ ۽ آبادي ڪرڻ لاءِ) جهجها ماڻهو اچي گڏ ٿين

-- ته به (جي سڄڻ اتي نه هجن ته ڪين ڏسڻ لاءِ) منهنجي اکين کي آتي جا پور پيا پون، جتي منهنجا سڄڻ هجن.

[55]

ٽِڪو ٽِيڏوئِي وَهِي، جيڏو مُهِ مِهراڻَ،
ڏِٺي سَڀوئِي هِڪَڙو، ڏِيِر لَڏوسِينِ هاڻَ.

1. ڇاپي مطابق بيت جي پڙهڻي اهائي آهي. ٻين سٽ سهڻي معنيٰ واري آهي، ۽ قاضي قادن جي ئي ٺهي سگهي ٿي، پر ٻي سٽ جي معنيٰ مبهم آهي ۽ پڻ ٻين سٽ جي معنيٰ سان سهڻو ٺهڪ نٿي کائي. اها سٽ اڃا وڌيڪ ويچار طلب آهي.

2. جيئن بيت ڇپيل آهي تيئن مؤلف (ھ) ان جي معنيٰ هن طرح لکي آهي ته:

-- سنڌو لڏيءَ جو جيڏو منهن آهي، اوتري ئي تيزيءَ سان اها وهي ٿي.

-- ان جي وهڪ سڄي ملڪ اندر يڪسان آهي (ان کي ڏسي) اسان ڏيرج حاصل ڪيو آهي.

[56]

ٻـاڙِي ۾ وَڻُ هـيڪـَڙو، سـو مـون گهڻو سـُهاءِ،
ٿـارِ وِهـارِي سـَجـَڻـان، ڇـَڙِي ٻـِـي وَڏـراهِ.

1. ڇاپي مطابق هن بيت جي پڙهڻي هيٺين ريت آهي:

ٻـاڙِيءَ ۾ ٻـَڙُ هـيڪڙو، سـو مـون گهڻو سـُهاءِ،
ٿـارِ وِلاسـِي سـَجـَڻـانُ، ڇـَڙِي ٻـِـي وَڏـراءِ.

ٻين سٽ ۾ 'ٻاڙيءَ ۾ ٻَڙُ هيڪڙو' کي 'ٻاڙي ۾ وڻ هيڪڙو' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو. 'ٻاڙي جو وڻ' يا 'ٻاڙي ۾ وڻ' وارو سنڌي محاورو آڳاٽو آهي. ٻيءَ سٽ ۾ لفظ 'ولاسي' آهي، جيڪو ڊاٽڪي-راجستاني لفظ 'ٻلهاسي' (=وهاري) جي بگڙيل صورت آهي. ظاهر آهي ته اصل سنڌي لفظ 'وهاري' هو جنهن کي 'ٻلهاسي' ڪري پڙهيو ويو. 'ڇڙي' يا 'ڇڙهي' معنيٰ هڪ ڪاٺي يا اڪيلو وڻ.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-- ٻاڙي وارو هڪڙو وڻ ٻه مون کي گهڻو وڌيڪ سُهائي ٿو.

-- (ڇو ته) اهو هڪڙو وڻ ٻه جيڪو ٻرين کي ٺهنجي ٿڌي ڇالو ۾ وهاري ٿو، سو (اڪيلو ناهي ٻر ڇڻ ته) وڏراه آهي.

[57]

مـاءَ! مـُصـَلـّيٰ وِ ٻـرِ، هاٿـِي وِ ٻـيٺـي وِسـَرِي،
عيدَ ڪـَرِ ٻنڊِي ڪـيرِ، مان کي مـَـڃـڻ ڳڏيو.

1. ڇاپي مطابق بيت جي پڙهڻي هيٺين طرح آهي:

ما وَ مـُصـَلـّيٰ وِ ٻـرُ، هـاٿـِي وِ ٻـيٺـِي وِساريـُون،
عـيدَ ڪـَرِ ٻندو ڪـيـرُ، مـاڪـي مـَجـَنُ ڳڏيو.

وڌيڪ صحيح پڙهڻي اُين ٿيندي جيئن مٿي ڏلي وئي آهي.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

--اي آمان! نماز پڙهڻ واري مهل (مصلي ويرَ=نماز جو وقت) تُي هاڻ مون کي وسري وئي؛

--(بيشڪ نماز هڪ وڏي خوشي ۽ عيد برابر آهي پر) مون کي تہ پنهنجو پرين ملي ويو (۽ جنهن کي پنهنجو پرين ملي ويو، سا ايڏي تہ وڏي خوشيءَ ۾ هوندي جو) هاڻي عيد ڪير ويهي ملهائيندي!

[58]

جيئَنَ (سي) ڦيقڙَ ماهَ ۾، ايئَنَ روزا عيدَ نمازَ،

اڃا آهي ڪا ٻيئي، الله سندي حاجَ.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ لفظ 'سي' ڪونهي، پر وزن ڪٽل آهي ۽ ائين سمجهجي ٿو تہ اصل پڙهڻي ۾ 'سي' لفظ هو. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ "آڇا آهي ڪاءِ ٻي الله دي حاج" آهي. جيئن تہ هي سڄو بيت صاف سنڌي ۾ آهي، انهيءَ ڪري سرائيڪي لفظ 'دي' بدران 'سندي' ڪري پڙهڻ بهتر ٿيندو، جو ان سان سٽ جو وزن بہ پورو ٿيندو، ۽ پڻ 'ڪاءِ ٻي' بدران 'ڪا ٻئي' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هه) اهڙي سهڻي ڪري لکي آهي تہ:

--جيئن ماس (بدن) اندر ڦڦڙ آهن (جي صاف هوا اندر ڪڍي رت کي صاف ڪن ٿا)، تيئن ئي روزا، عيد ۽ نماز آهن (انهيءَ جو ڪم بہ تن من کي صاف ڪرڻ آهي).

--پر الله سان ملڻ وارو عمل يا ڪم اڃا ڪو ٻيو آهي.

شاهہ صاحب جو هيٺيون بيت بہ انهيءَ خيال کان متاثر ٿي چيل آهي تہ:

روزا ۽ نمازون، اِي پڻ چڱو ڪم،

او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

[61]

مڪڻُ ماڪي آنِ ڪي، مُلان ڪُٺِي ڪِين،

ٻچُ ڪڍهين ٻيي تينِ ڪي، هُوجي رب ڪهُرِين.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ جي پڙهڻي "مڪڻَ مکي آنکي" آهي، جنهن جي بدران مٿي ڏنل پڙهڻي بهتر ۽ وڌيڪ صحيح ٿيندي. سنڌي ۾ 'مکڻ ماکي' جي جوڙ وارو محاورو مچيل ۽ مشهور آهي. ٻيءَ سٽ جو آخري لفظ اصل ۾ 'ڪهُرن' آهي، جيڪو مٿين قافيي جي لحاظ سان 'ڪهرين' ڪري پڙهڻ سان وڌيڪ صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي تہ:

--انهن کي مکڻ ماکي بہ ميسر ٿئي ٿي، ۽ ملان (گيهہ ۽ کنڊ جي) ڪُٺِي بہ کائن ٿا.

--انهن جي بہ تہ خبر لهہ (۽ پرگهور ڪر)، جيڪي (لوڻ پاڻي واري) رب لاءِ پيا واجهائين.

[62]

ڏِنئين پاڻَ واڪاڻَ ڪاڻ، جيپَ تنهنجي وات ۾

وڏي خالق نہ گهُرين، ڪَرِين ٻاڙي تات!

1. ڇاپي جي ٻهرين سٽ ۾ 'واڪاڻَ ڪاڻ' بدران 'وڪاڻ ڪوُن' آهي جيڪو غيرسنڌي لهجي مطابق لکيو ويو، صحيح 'واڪاڻ لئي' يا 'واڪاڻ ڪاڻ' ٿيندو. ٻيءَ سٽ ۾ ڍاٽڪي-راجستاني لهجي جي اثر هيٺ 'گهرُنئين' آهي، جيڪو 'ڪرين' وانگر 'گهرين' ڪري پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هه) اها سهڻي ڪري لکي آهي تہ:

--جڳت جي آپائيندڙ تنهنجي وات ۾ جيپ ان ڪري رکي آهي تہ تون ان سان سندس جس ڳائين.

--تون پنهنجي انهيءَ زبان سان ان وڏي خالق کي ياد ڪندي سندس طلب لاءِ رکين (يا ڪانئس نٿو گهرين جو ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي يا ٻئي کان گهرُ واري) ٻي اجائي ۽ اڻ-سُهائيندي ڳالهہ ٻيو زبان تي آڻين.

[64]

عِلتَ وڃيس ئي لاه، عادَتَ ڪڌِهين نہ جاءِ

آڻ ڪَڪَڪِين؟ ڇَڏِيو، جِئڻ جُواسا ڪاءِ.

1. ڇاپي جي پهرين سٽ ۾ 'وَڃيئيس' ۽ 'ڪڌهن' آهي. 'وڃيئيس' اچار ڍاٽڪي-راجستاني لهجي وارو آهي، انهيءَ ڪري 'وڃيس ئي' پڙهڻ بهتر ٿيندو. هن کان اڳ ٻين بيتن ۾ لفظ 'ڪڌهين' اچي چڪو آهي، انهيءَ ڪري هت پڻ 'ڪڌهن' بدران 'ڪڌهين' پڙهڻ وڌيڪ موزون ٿيندو. ڇاپي واري ٻي سٽ ۾ "ڪَڪِڪَہ ڇڏيہ" آهي جيڪو 'راجستاني' لهجي وارو اچار آهي؛ ان جي بدران 'ڪَڪين ڇڏيو' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو. هن ساڳي سٽ جي ڇاپي ۾ لفظ 'جَواسا' آهي جيڪو هڪ گاهہ آهي، جنهن کي سنڌي ۾ 'ج' جي پيش سان 'جُوانسو' چون، انهيءَ لحاظ سان 'جُواسا' ڪري پڙهڻ بهتر ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي. 'آڻ' تمثيل طور "نفس اماره" جي معنيٰ ۾ آندل آهي:

-- هو پنهنجي هير ڪڌهن ڪين ڇڏيندو، سندس عادت ڪڌهن ڪانہ ويندي.

--(انهيءَ ڪري ئي) اهو اٺ ڪڪڪ جي ساون سٽن پنن کي ڇڏيو، جوالسو گاهہ چوندي چولڏي پيو ڪائي.

ڀٽائي صاحب پڻ هن ساڳي مضمون وارا بيت چيا آهن تہ:

آٺي پڌر وڻ چاهہ، مانَ مکڙيون چَري

ڪڌاتورو ڪرهو لکيو لاٺي ڪاهہ

ان مَڃي سنڌين ماءِ، ڳالهيين مون ڳوڙ ڪيا

—

كاٺي نہ كٺهار، چندن جا چوپا كري
اگر اوڏو نہ وڃي، سركنڊ لهي نہ سار
لاٽيءَ جي لغار، مَيو مَتارو ڪٺو

[65]

جنهين مَحبَتَ مَن ۾، سي مهرائي سونهن،
تن ۾ ٻرن مَشعلان، سَنڌيان سُپيرين.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جو لفظ 'جن' آهي، جيڪو 'جنهين' پڙهڻ وڌيڪ موزون ٿيندو. ٻين ٻيتن ۾ پڻ لفظ 'جنهين' موجود آهي. هر سٽ جي پوئين اڌ جي پڙهڻي "تي مَيلي ئي سوين" آهي، جيڪا راجستاني محاوري مطابق آهي. سنڌي ۾ 'سي ميرائي سولهن' ٿيندو. ڇاپي ۾ ٻي سٽ جي پڙهڻي هن طرح آهي:

تن ۾ ٻلہ مشعلان، سہ سدا سُپرينَ.

'ٻلہ' (=سرائڪي 'ٻَلي') راجستاني لهجي وارو اُچار آهي: سنڌي لفظ 'ٻري' آهي، پر 'مشعلان' جي لحاظ سان 'ٻرن' ٿيندو. 'مشعلان' جي جمع واري صورت قاضي قادن جي ٻولي مطابق آهي. 'سہ سدا' جي اصل پڙهڻي 'سي سدا' يا 'سي سندا' ٿي سگهي ٿي، پر ڪا سهڻي معنيٰ نٿي نڪري. 'مشعلان' (جمع) جي لحاظ سان اهي لفظ 'سي سنديان' (=سي سنديون) ڪري پڙهجن تہ معنيٰ نڪرلدي: پر ٻولي جي سهڻائي توڙي وزن جي ٻورائي لاءِ فقط 'سنديان' پڙهڻ بهتر ٿيندو. 'سپرين' ڪي وزن جي سهڻائي جي لحاظ سان 'سپيرين' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي تہ:
—جن جي اندر ۾ محبت آهي، سي (ڪٿي ٻاهران بدن يا ڪپڙن ۾) ميرا آهن، تہ بہ سهڻا پيا لڳن.
—ڇاڪاڻ جو انهن (جي اندر) ۾ سڄڻ (جي سڪ ۽ محبت) جون روشن شمعون پيون ٻرن.

[67]

سپيڻان هنڌئون سَگيو، پيهو آيو،
لکي لوڪ نہ سگهيو، اسان ڳالهايو.

1. ڇاپي ۾ پڻ اهائي صورتخطي آهي، سواءِ ان جي جو 'هنڌئون' بدران 'هنڌو' آهي. 'سَگيو' جي معنيٰ 'سندائتو' يا 'پريءَ سند وارو'. چوندا تہ "منہ ماگائي" آهي يعني تہ سند پري آهي يا سند اچي وئي آهي.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هہ) پڻ سهڻي ڪري لکي آهي:
—سڄڻ وٽان سندائتو تازو پکي (اڄ پيغام ڪٽي) آيو.
—عام ماڻهو صحيح ڪري نہ سگهيا، پر اسان پاڻ ۾ احوال اوريو ۽ ڳالهايو.

[70]

ٻگا پاڻيءَ منجهه، ٻاپيها ٻُڏي مٿا،
جي تو پوي سمنجهه، تان تون ڳيرو نه ٿيوين.

1. ڇاپي ۾ پهرين سٽ جي شروع وارا لفظ ”نه ڪاءِ پاڻيءَ منجهه“ آهن. ’نه ڪاءِ‘ اصل ۾ ’ٻه ڳا‘ يعني ’ٻگا‘ آهي. ڇاپي جي ٻيءَ سٽ ۾ ’ڳيرو‘ بدران ’ڪيرو‘ آهي. آخري لفظ ’ٿيوين‘ سرائڪي آهي، پر ٻکر جي علائقي واري ٻولي مطابق آهي.

2. هن بيت جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڳوڙهي آهي. ’ٻگا ٻاپيها‘ يعني سفيد اڇا ڳيرا. ڳيري جو هڪ قسم ’ٻاپيهو‘ آهي، جيڪو عام ڳيري کان ننڍو ۽ وڌيڪ سفيد ۽ سهڻو هوندو آهي ۽ ٻڻ گهُگهلندو ۽ مٺي ٻولي ڪندو آهي. هي سهڻو پکي آهي، مگر آهي بالڪل نازڪ ۽ نفيس. سخت گرمي ٻه ڪيس ماري، ته سالوڻ جو مينهن ٻه ان کي ماري، جو هن جا کنڀ پسن ۽ توري پاڻي ۾ ڪري ته ٻه ٿڪجي مري. هڪ آڳاٽي ’ڳاهه‘ ۾ ۽ ’شاهه جي رسالي‘ جي هڪ بيت ۾، لڪ ۽ گرمي سبيان ٻاپيهي جي مرڻ ڏانهن اشارو آهي:

”تـه ڪـر لڳنم لـُڪَ، تـر ٻاپيهو ٿـي مـران“.

ٻاپيهي جي گهگهڻ بابت بيت آهي ته:

تون ڇو نه گهگهلين ٻاپيها، جو ٿيئي تول سرياءَ:
هيـٺ جـر، مٿي ميـر، تـهـا پرين پـاس رهياءَ،
سـون جئن ڪين ويـاءِ، سانگي لڳي سپرين!

بهرحال الهن سڀني سهڻاين جي هوندي به ٻاپيهو هڪ هيڻو ۽ ضعيف پکي آهي. قاضي قادن هن بيت ۾ توڙي ٻين بيتن ۾ همت ۽ حوصلي جي تعليم ڏني آهي. مثلا هن کان پوءِ ٻئي بيت [71] ۾ ’سورهين‘ کي ساراهيو اٿس، ۽ بيت [110] ۾ باز ۽ شينهن جي صفت بيان ڪئي اٿس. الهن اهڃاڻن مطابق هن بيت جي مٿي ڏنل پڙهڻي صحيح ٿيندي، ۽ معنيٰ هيٺين طرح ٿيندي ته:

— سهڻا سفيد ڳيرڙا (ٻگا ٻاپيها) ته پاڻي ۾ ٻڏي مئا.
— جيڪڏهن توکي ڪا پروڙ پوي ته هوند ڳيرو نه ٿئين (پر شهباز ٿئين).

[71]

تانءِ تانءِ سُورهيه سيڪو، جانءِ جانءِ مَهـَـ نه ميڙَنِ
رُڪَ وَهندي سامُهان، سُورهيه سي ڇاوَنِ.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ ’سُورا سيڪوءِ‘ آهي، جنهن کي ”سورهيه سيڪو“ ڪري پڙهڻ صحيح ٿيندو. ٻيو لفظ ’مُهـَـ‘ آهي جيڪو ’مـَهـَـ‘ پڙهڻ سان صحيح ٿيندو. ’مـَهـَـ‘ يا ’مـَهائين‘ معنيٰ وڏا سورهيه. ڇاپي ۾ ٻي سٽ هن طرح آهي:

'رُکَ وَهندِي ساٿُهيَن'، سُورِي سي جاوَن'

'جاوَڻ' لفظ هندي آهي؛ انهيءَ معنيٰ ۾ 'وڃڻ' لفظ اچي سگهيو ٿي. اسان جي خيال ۾ اصل ۾ اهو لفظ 'چاوڻ' آهي، يعني 'چوائڻ'؛ 'ساٿهين' بدران 'ساٿهان' پڙهڻ بهتر ٿيندو.

2. معنيٰ صاف آهي ته:

— ٽيستائين جڻ هرڪوئي سورهيه آهي (۽ پاڻ کي سورهيه ٿو سڏائي) جيستائين (جنگ جي ميدان ۾) وڏا پهلوان نه اچي ڳڏيا آهن (سائن منهن مقابل نه ٿيا آهن).

— پاڻ کي سورهيه پَل اهي سڏائين جيڪي ترارين لڳندي (رُڪ وهندي) اڳي منهن مقابل ٿين ٿا.

[72]

جهي مون ڏِٺيئين' لَکَ ڏَڙَ، ڏَڙِ ڏَڙِ لَکَ سِران'
سِرِ سِرِ لَکَ مُهان' ٿِيُنِ، مُهِ مُهِ لَکَ جِڀان'
سَڀِئِي جِڀان تِکِيان'، هِکِڙِيان' لَوان'
صِفَتِ تُهنجِي راڄِيا! تَوءِ آءُ ڪِينَ ڪَران.

1. ڇاپي مطابق پهرئين سٽ ۾ 'ٿيٺيئين'، ٽرينءَ سٽ ۾ 'سڀي' بدران 'سڄي' ۽ چوٿينءَ سٽ جو پويون اڌ "تو هَوَن' ڪِينَ ڪَران" آهي جيڪو وضاحت طلب آهي. 'تو' اصل ۾ 'توءِ' (= ته به) آهي جيڪو آڳاٽي سنڌي ٻولي جو لفظ آهي؛ 'هَوَن' ڍاٽڪي-راجستاني لفظ (هَون'=آءُ) آهي جيڪو اصل سنڌي 'آءُ' جي بدران آندل آهي؛ 'ڪران' سرائڪي لفظ (=ڪريان) آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته قاضي قادن جي وقت ۾ بکر علائقي واري 'سري جي ٻولي' ۾ استعمال ٿيندڙ هو. سِران، مهان، جڀان ۽ ڪران چارئي قاضي قادن جي ٻولي جا الفاظ آهن.

2. هن بيت ۾ سچي محبت ۽ عقيدي جو اظهار نهايت ئي اعليٰ شاعري ۾ ڪيل آهي. معنيٰ صاف آهي، ۽ لائق مؤلف (هه) پڻ سهڻي نمولي سان لکي آهي ته:

— اي ڏٽي! جيڪڏهن مون کي لکين ڌڙ ڏين، ۽ هرهڪ ڌڙ تي لک لک سر هجن.

— هرهڪ سر ۾ لک وات هجن، ۽ هرهڪ وات ۾ لک لک جڀون هجن.

— اهي سموريون جڀون ڳالهائڻ جون تکيون هجن، ۽ مان انهن سان هڪئي وقت ويهي لنوان (تنهنجي واکاڻ ڪريان).

— اي راڄيا (سڀن جا سائين)، ته به تنهنجي ساراهه آءُ ڪِينَ پوري ڪريان.

[75]

'آءُ' 'تون' وِلَڏَ مَ وِڃهُ تون، سِپٽان' وِيڻَ مَ ڪَٽ.
پِيٺي مُنجهه ڪَنيون' ڪَرِين'، توءِ ڪوٺيي تو هَٽِ.

1. ڇاپي ۾ بيت جي پڙهڻي هيٺين طرح آهي، جيڪا 'سنتون کي واٽي' واري اصلي پڙهڻي مطابق آهي:

هوالرُن ؟ ادندا ؟ (اوڦتو، ٻير)
ايوندا ١

هَنَ ۾ آءٌ وِنڊا وَڃُ تون، ٻيڻان وِيڙ ۾ ڪَتِ،
پيهي مَنجهه ڪَٿُون ڪَري، تو ڪونهي مُون هَٿَ.

هن پڙهڻي ۾ جيڪي لفظ سمجهه ۾ اچن ٿا تن مان ظاهر آهي ته هيءُ بيت سهڻي معنيٰ وارو آهي ۽ قاضي قادن جو ئي آهي. هن بيت ۾ آيل الفاظ 'سيڻ' ۽ 'راڇيا' تـوڙي 'ڀاڻ ڪي ڀيهي اٿو ڪرڻ' وارو خيال قاضي قادن جا ئي آهن، ۽ سندس ٻين بيتن ۾ پڻ موجود آهن (1). باوجود انهيءَ جي، هن پڙهڻي ۾ جيڪي لفظ جيئن ٻيٺل آهن، تيئن سمجهه ۾ نٿا اچن، ۽ لڪي وري صحيح ۽ سهڻا ٿا لڳن. 'ڪتِ' (ت جي هيٺان زير) ۽ 'هتُ' (ت جي مٿان پيش) وارا قافيا شعر جي لحاظ سان سهڻا ناهن ۽ قاضي قادن جا ٿي نٿا سگهن

جيتوڻيڪ هن بيت جي وڌيڪ صحيح ۽ سهڻي پڙهڻي وڌيڪ ويچار گهري ٿي، ته به في الحال اسان مٿين پڙهڻي هيٺين وضاحت جي آڌار تي ڏلي آهي. لفظ 'هَنَ ۾' راجستاني محاروي جو آهي ۽ ساڳيو 'آءٌ' آهي؛ يعني ته 'هن ۾ آءٌ' ۾ لفظ 'آءٌ' ٻه دفعا آيل آهي، ۽ اصل سنڌي پڙهڻي ۾ اهي ٻه لفظ 'آءٌ تون' هئا. اڳتي 'ونڊا وڃ تون' وارو فقرو اصل سنڌي فقري 'ونڊ وڃهه ۾ تون' جي بگڙيل صورت آهي. ٻيءَ سٽ جي ٻهرئين اڌ 'پيهي سنجهه ڪٿون ڪري' کي جڏهن 'پيهي منجهه ڪٿيون ڪري' پڙهبو تڏهن معنيٰ سهڻي ٿيندي. هڪ 'ڪٿو' مان اها معنيٰ لڻي لڪري جيڪا 'ڪٿيون' (=ذرا ذرا، اٿو) سان نڪري ٿي. ٻيءَ سٽ جو پوئيون اڌ 'تو ڪوني مون هٿ' آهي جنهن جي اصل سنڌي صورت في الحال سمجهي نٿا سگهون. جيڪڏهن 'مون' برابر 'ٻه' جي آهي، ته پوءِ ٻه 'تو ڪوني ۾ هٿ' واري فقري ۾، 'تنهنجو هٿ' يا 'تنهنجا هٿ' جي لحاظ سان، 'ت' تي پيش ايندو يا زبر ايندي، ۽ اهو قافيو مٿين قافيي سان سهڻو ملي نه بيهندو. هن سڄي فقري جي معنيٰ وڌيڪ سهڻي ائين ٿيندي جو 'تو' کي 'توءِ' (=ته به) ڪري پڙهجي، ۽ باقي 'ڪوني مون هٿ' (=ڪوني ۾ هٿ) کي 'ڪوني تو هٿِ' (ڪوني تنهنجي هَٿَ ۾) ڪري ڇاڻجي.

2. مٿين وضاحت موجب بيت جي معنيٰ ٿيندي ته:

— (پيار ۽ محبت واري رشتي ۾) 'آءٌ' 'تون' وري وري وچ ۾ نه اَڻ، ۽ نڪي پنهنجي سڄڻ کي سامهان ڏوراها يا ورنديون ڏي.

— (محبت لباهڻ ائين آهي ڇو) توڙي ڪٿي پنهنجو اندر (صبر جي جنڊ سان) پيهي ذرا ذرا (اٿو) ڪرين، ته به (پيو پيهه ۽ ڀاڻ ڪي پهڻ وارو) هٿيو سدائين تنهنجي هٿ ۾ هجي ٿي هجي.

---

(1) 'سيڻ' بيت نمبر 10، 25، 26، 42 ۽ 67، 'راڇيا' بيت نمبر 107، 'سرمي واڳکر تن پيهڻ' بيت نمبر 51.

[ 78 ]

پيان ڪئون ڪيا روئيهي، ڏک آپڻي ڪئون روءِ

هند سمل، ٿي ساختيي، اِتَ نه رَهسيي ڪوءِ.

1. پهرين سٽ هندي آميز آهي ۽ مجموعي طور سان بيت جي ٻولي سرائيڪي آهي. بيت ۾ خيال پڻ سهڻو سمايل آهي. فارسي لفظ 'ساختي' مان گمان آئي ٿو ته شايد هي بيت قاضي قادن جو هجي.

2. معنيٰ صاف آهي ته:

-- ٻين (جي مرڻ) تي ڇو ٿو روئين، تون پنهنجي (وڃڻ جي) ڏک تي غم ڪر.

-- سمر ٻڌ، تيار ٿي، جو هت ڪوبه ڪونه هوندو.

[ 79 ]

سُتئون ڪيهي ساهه، تو سِتي ڪَپَر ڪُڙي

وَهَڻ ٿيتائين ڪاهه، جيتي تُهنجو تَڪيو.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جا شروع وارا الفاظ 'ستوڪيهي هَتيه ساهه' آهن جيڪي راجستاني لهجي مطابق لکيل آهن. سنڌيءَ ۾ 'سُتون ڪيهي ساهه' ٿيندو.

2. هي بيت اوسرن ۽ غافلن لاءِ هدايت طور چيل آهي، ۽ هڪ اهڙي غافل ۽ اويسر کي مخاطب ٿي چيل آهي، جيڪو پائيندڙ درياهه جي ڪناري تي بي اولو ٿي سمهي پيو آهي. معنيٰ ٿيندي ته:

-- اي غافل! تنهنجي مٿان ته ڪپر پيو ڪُڙي (پائيندڙ وقت جڏهن ڪپر ڪرڻ وارو هوندو آهي ته وڏو آواز ٿيندو آهي)؛ پوءِ تون ڪهڙي آسري تي مٿي لنب ۾ ستو پيو آهين!

-- (درياهه جو تکو) وهڪرو بالڪل ان جاءِ تان پيو زمين کي کائي جنهن هنڌ تي تون (ستل) آهين!

[ 80 ]

سُتئون سڄي راتِ، مُنهَن ڍَڪي سُئن جيئَن

لَه تو سَمَرَ تاتِ، نه جهوري تو آهيه ڪا.

1. ڇاپي ۾ پڻ ائين ئي آهي، سواءِ ان جي جو پهرين سٽ ۾ 'سُتون' بدران 'سُتو' ۽ ٻيءَ سٽ ۾ 'سَمر' بدران 'سَنبَل' آهي.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هه) پڻ سهڻي ڪري لکي آهي ته:

-- تون سڄي رات مٿلن وانگر منهن ڍڪي سمهيو رهئين.

-- توکي لکي سفر لاءِ توشي ڏاهڻ جي گهٽتي آهي ته نکي وري ڪا ٻي آڻ تڻ اهي.

[81]

جانَ جانَ ڪَنڌِيءَ ڪانهَ، تانَ تون تُرَهي تاتِ ڪَرِ
ڪَپَرُ سَنڌِيءَ دانهَ، مَتِ اوچتي اَلهي.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ 'ڪانهه' بدران 'ڪاهه' آهي، ۽ ٻيءَ سٽ ۾ 'دانهه' بدران 'داهه' آهي. پڻ ٻيءَ سٽ جو پويون اڌ راجستاني لهجي موجب 'مَتِ اوچنتي الهه' آهي جيڪو سنڌي ۾ 'مَتِ اوچتي الهي' ٿيندو.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

--جيستائين ڪناري لڳ ڪانهه (جا ٻوڙا) ٻيٺل آهي، تيستائين (انهن کي وڍي، سَٿي، سِبِي پاڻ کي تارڻ لاءِ) ترهي ٺاهڻ جي تياري ۽ اون ڪر.

--جو متان (ڪنهن وقت پائيندڙ پاڻي ڪپر کي کيرائي ۽) ڪپر (جي ڪرڻ) جو هيبتناڪ آواز اوچتو تنهنجي ڪن تي پوي.

[82]

جهي تَلَ تَتُو تلهڙي، سائرَ مَنجهه ٿيانهه
ڪَرِ ٻانهان پاڇِيان، ۾ ڪَرِ سَڌَ ٻِيانهه.

1. هيءَ پڙهڻي ڇاپي مطابق آهي، سواءِ الهيءَ جي جو ڇاپي ۾ 'تِلهڙي' جي 'ت' مٿان پيش ڏنل آهي. سنڌ ۾ اسان اهو لفظ 'ت' جي زبر سان ٻڌو آهي.

2. 'تَل تَتو تلهڙي' جي معنيٰ وڌيڪ تحقيق طلب آهي. جيتوڻيڪ مؤلف (هه) ائين لکي آهي جيئن هيٺ ڏجي ٿي:

--جيڪڏهن ٻيڙيءَ جي مسطول جا پال ٽٽي پيا اٿئي ۽ تون سمنڊ ۾ وچين پيو آهين.

--(ته ٻه پاڻ پنهنجي همٿ ڪر ۽ ٻين تي نه پاڙ) پنهنجين ٻانهن کي اوليون بڻاءِ (۽ پاڻ تري سلامت پهچڻ جي ڪوشش ڪر) پر ٻين کي مدد لاءِ نه پاڏاءِ.

[83]

سَنجهي سِبِيءَ تَلهڙو، غافل ڇو نه وِڌوءِ
جڏهين لَهرِين ڪم ٿِئين، تڏهين سَنيارِيوءِ.

1. ڇاپي مطابق ٻهرين سٽ ۾ 'سِبي تُلهڙا' آهي. ٻهريون لفظ سنڌي اچار موجب 'س' جي زير سان 'سِبي' ٿيندو، ۽ فعل 'وڌوءِ' جي لحاظ سان 'تلهڙا' بدران 'تلهڙو' پڙهڻ صحيح ٿيندو. ڇاپي ۾ ٻيءَ سٽ جي پڙهڻي هيٺينءَ طرح آهي:

'جڏهون لهرين ڪم ٿئي، تڏهون سَنيارِيوءِ'

'جڏهون' ۽ 'تڏهون' اچار پنجابي لهجي وارا آهن: سنڌي اچار 'جڏهين تڏهين' ٿيندا. 'ڪَم ٿيڻ' ('ڪ' جي زبر سان) اصطلاح به عام ٻوليءَ ۾ رائج آهي، پر 'ڪَم' ٿيڻ

('ڪ' جي ھيٺ ساں) مان بہ معنيٰ نڪري سگھي ٿي. 'ڪر ٿئي' مان مراد 'ٻيڙي ڪر ٿي' ڪري وڃي. 'ڪر ٿئين' مان مراد: 'اي ٻيڙياتا! جڏھن تون گرداب ۾ اچي وڃين'. ھي پوئين پڙھڻي بھتر ٿيندي ڇاڪاڻ جو سڄي بيت ۾ خطاب ٻيڙياتي يا ناکئي کي آھي.

2. تلھڙو جي معنيٰ غورطلب آھي. مؤلف (ھ) ان جي معنيٰ 'ھال' ڪئي آھي ۽ بيت جي معنيٰ ھيٺينءَ طرح لکي آھي:

-- اي نادان! تو سويل ئي، اڳ ئي، ٻيڙيءَ جا ڀال سڀ ڪري ٻيڙيءَ تي ڇو نہ چاڙھيا.

-- جڏھن لھرن جي خبر پيئي، تڏھن تو ھالن کي ياد ڪيو.

[84]

جانَ تُونَ تارُو ھاڻ، تانَ ڀيِ پَڇ تِيگان ڪَلَ
تَان تو ڪَنا سُڄاڻ، وڃي ڪَپَرَ آھِليِ.

1. ڇاپي مطابق بيءَ سٽ جي پڙھڻي ھيٺين طرح آھي:

'تو تُون گھَٽا سُڄاڻَ، وَڃي ڪَپَر آھِليِ'

پر وڌيڪ صحيح پڙھڻي اُئين ٿيندي جيئن مٿي ڏني وئي آھي. پھرين سٽ ۾ 'تِگان' لفظ انوکو آھي. اُئين سمجھجي ٿو تہ اھو 'تن ڪنا' يا 'تن ڳنا' (=تن ڪان) جو ڳڏيل ھلڪو اُچار آھي.

2. معنيٰ ٿيندي تہ:

-- جيتوڻيڪ تون ھاڻ تارو آھين، تہ بہ ٻين (سولھن ۽ ماھرن) کان خبر پڇي پڪ ڪر.

-- تہ پوءِ اي سمجھدار! تو وٽان ڪپر پاسي تي وڃي ڪِري (۽ تنھنجي مٿان نہ پئي).

[85]

آباھي ڇَيون جو، سو نہ ڪيائُون ڪَنِ
تانَ ئي ھيٺِيِ ھَريانِ ڪان، گھَنگھَرِ گھاتُوڙَنِ.

1. ڇاپي مطابق بيت جي پڙھڻي ھيٺين طرح آھي:

آباٺي ڇَيَٺُونِ جيِ، سو نہ ڪياٺِين ڪَنِ
تانَ ئي ھيٺِيِ ھِريانِ سانَ، گھَنگھَرِ گھاتوڙنِ.

اسان جيڪا مٿي پڙھڻي ڏني آھي، تنھن کي سمجھڻ لاءِ گھاتوئن جي قصي کي سامھون رکڻو آھي. مورڙيو ۽ سندس ڇھہ ڀائر وڏا گھاتو ھئا، يعني تہ سمنڊ ۾ مڇي جي شڪار جا وڏا ماھر ھئا. سندن پيءُ جو نالو 'اوباھيو' ھو جيڪو وڏو تجربيڪار ھو. تنھن پنھنجي پٽن کي سمجھايو تہ سمنڊ ۾ ٻين سڀني طرفن ڀل وڃي مڇيءَ جو شڪار ڪجو، پر فلاڻي ھڪ ڏس تي نہ وڃجو. پر ھڪ ڀيري اھي پنھنجي پيءُ اوباھي جي ڳالھہ کي ڇڏي، انھيءَ ڏس تي ويا ۽ مانگرمڇ کين ڳڙڪائي ڇڏيو. قصي جي ھن پس منظر کي سامھون رکبو تہ بيت

جي ٻڙڻي اٿين ٻيهندي جيئن مٿي ڏني وئي آهي. ٻيءَ سٽ ۾ ’پرياڻ ساڻ‘ بدران ’پَرياڻ ڪاڻ‘ (=پرين پار ڪاڻ، ڏٺي جي طرفان=تقدير ڪاڻ) پڙهبو.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

—(سنڌ ۾ ٻيڙيءَ) اوٻاهي جيڪي ڪين چيو سو ڪن نه ڪياڻون (نه مڃياڻون).

—انهيءَ ڪري ئي گهاتوئن تي ٻرياڻ تقدير ڪاڻ وڏي تڪليف اچي وئي.

[86]

جُنگيونُ جوکيونُ جيتِ، ٻُوهيتَ ٻاتارَا ٿِيَنِ،

مِهَرَ تُنهنجِيَ تيتِ، مَکرِيان ٻِيِ پارِ ٻُوَنِ.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ ’جُنگِيئُون جوکِيئُون... ٻُوهِيتَ‘؛ ۽ ٻيءَ سٽ ۾ ’مَکَرِيان‘ آهي. وزن توڙي معنيٰ جي لحاظ سان ’جنگيون جوکيون‘ پڙهڻ بهتر ٿيندو، ڇو ته اسان ’جُونڪيون‘ لفظ ٻُڌو آهي، يعني وڏيون ۽ مضبوط. ٻيو صحيح لفظ مَکُري‘ آهي، ان جو جمع ’مَکُريون‘ ٿيندو، نه ’مَکُريان‘ قاضي قادن جي ٻولي مطابق آهي. ٻيءَ سٽ ۾ ’مکريان ٻي پار ٻون‘ آهي مگر انهيءَ فقري ۾ شعر جي لطافت توڙي وزن جي مٺائي گهٽ آهي. ٻيڙيون هڪ ’ڏُنگيون‘ ٻيون ’جُنگيون‘. ’جنگيون‘ معنيٰ وڏيون شاهي ٻيڙيون. ميين شاهه عنات توڙي شاهه لطيف ’جُنگ جهازن‘ جو نالو آندو آهي—

مَتان ڪي مَن لوڏين، پسي جنگ جَهاز،
—(ميون شاهه عنات)

ڪالهه وڏائين ڪَن ۾ جاڏا جنگ جَهاز،
—(شاهه لطيف)

جهوني جنگ جَهاز ڪي، ڪوڏا هٿائج ڪير.
—(شاهه لطيف)

’ٻُوهيت‘ جي معنيٰ تحقيق طلب آهي؛ ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪو غوراب جو ڪو قسم هجي. ’ٻوهت‘ بدران، ’ٻُتَ‘ پڻ پڙهي سگهجي ٿو جنهن جي معنيٰ ڪا شيءِ ’سڄي سراسري‘. يا بالڪل انهيءَ لحاظ سان ’ٻُتَ ٻاتاڙيون ٿين‘ پڙهبو ته معنيٰ ٿيندي ’ٻيڙيون بالڪل سڄيون حيران پريشان ٿين.‘

2. مٿينءَ وضاحت موجب معنيٰ هيٺينءَ طرح ٿيندي:

—(وڏين لهرين ۽ ويرن ۾) جتي وڏيون جُنگيون ۽ جَوڱُڪيون ٻيڙيون توڙي شاهي ٻوهٽ (غوراب) سڀ خطري ۾ لڏن ۽ ٻڏن.

—اي ڏٺي! اتي تنهنجي رحم سان ننڍيون ٻيڙيون پڻ شال پار پهچن!

[87]

پَکّنانِ ڏِڄڻ هوءِ، پَوءِ ٻَلائينِ نَہ لَهي،
تِتي ساٿُ سَنڌُوءِ، اَچي لَکَنِ لَنگِهيو.

1. ڇاپي مطابق بيت جي پڙهڻي هيٺين طرح آهي:

پَکَڙِيانِ ڏِڄِنهي، پَوءِ پَلانِ ٿِيي نہ لَهي،
جتي ساٿُ سندمِ، اَچي سُو لَکَنِ لَنگهيو.

ٿي سگهي ٿو تہ 'سنتون کي واٽ' واري پستڪ جي لکندڙ کي جنهن اهو بيت ڏنو تہ پورو صحيح نہ ٻڌايائين. مؤلف (هہ) ڇاپي ۾ هي بيت پستڪ واري اصل پڙهڻي مطابق ڏنو آهي؛ پر ان ۾ شعر، وزن، توڙي سنڌي اصطلاح جي لحاظ سان ڪا سهڻائي نظر نٿي اچي. ڇاپي وارن لفظن تي غور ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ بيت جون صحيح صورتون هيٺين طرح آهن:

پکڙيان=پکنان؛ ڏڄنهہ=ڏڄڻ هوءِ؛ پلانءِ ٿيي=ٻلائين؛ جتي=تتي؛ اچي=اچي؛ سُو=سو؛ لنگهيو=لنگهيو (=لنگهو ۽ ويهي رهيو؛ هت ڏپ واري حالت، يعني نہ لنگهي سگهڻ واري معنيٰ سمايل آهي.) وزن جي پوراٺي لاءِ، 'اچي سو لکن لنگهيو' بدران 'اچي لکن لنگهيو' پڙهڻ وڌيڪ موزون ٿيندو.

2. هن ڪان اڳيون بيت توڙي هي بيت ٻئي ساڳي معنيٰ ۾ آهن: ماڻهو هڪ ڏينهن اهڙي حالت ۾ ايندو جو سنڌس ڪو ٻہ وسيلو نہ ٿيندو. عام طرح، اها حالت موت ۽ سڪرات واري، يا قيامت جي ڏينهن واري (جڏهن هرڪو 'نفسي نفسي' ڪندو) سمجهي ويندي آهي، جڏهن ڏڄ ۽ خوف وارو سمان ڇانيل هوندو آهي، بيت جي معنيٰ آهي تہ:

- جتي پکين کي (آڏامندي) ڏڄ ٿئي، ۽ ٻلائن کي ٻہ خوف نہ لهي
- تتي تنهنجي حياتي جو قافلو (اهڙي پنوارئين پونءِ جي) لکن سان اچي لنگهو آهي.

[88]

وِڄُ، بادَلَ ۽ واءُ، ڏِڄُ نہ لَهرِينِ لَنگهيو،
سَدَرَ سواهان چاءُ، پيڙي پُڌَنُ ناهِ ڪو.

1. ڇاپي مطابق ٻيءَ سٽ ۾ 'چاءُ' بدران 'جانءُ' آهي. هي بيت 'سامونڊي سفر' جي مضمون ۽ معنيٰ وارو آهي، جنهن ۾ ڪو ڄاڻو مُعَلِّم، ناکئو يا سولهون ڪٽڻ ضروري آهي، جيئن پيٺائي صاحب پڻ چيو آهي تہ:

سُونهان سُڏيون ڏينِ، هن ڊيواٽي درياءَ جون

۔

سونهَنِ جي صلاح، وٽ تہ وِير لنگهي وڃن.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-- ڪنوڻ، جهڙ ۽ طوفان واري حالت ۾ وڏين لهرين سان لڳندي ڊچ نه.

-- ڇاڪاڻ ۽ همت وارو سونهون ناکئو ٻاڻ ساڻ ڪڻ، ته ٻيڙي جي ٻڏڻ جو ڪو به خوف خطرو باقي نه رهي.

[ 91 ]

ڏَرِجيُون' ڏ ؤنُسَ سَهَنِ، ڳوراڻي ٻَرِبَتَ جيُون
سپيٺي سپيڻ ڪيجَنِ، آئيءَ واءَ نه ڏولڻا.

1. ڇاپي مطابق ٻنهي سٽن ۾ 'ڳوراڻي' بدران 'ڳِروائي' آهي، ۽ ٻيءَ سٽ جي آخر ۾ لفظ 'ڏولَنِ' آهي، پر 'ڏولڻ' بدران 'ڏولڻا' (=ڏولائي ۾ وجهڻ وارا) پڙهبو ته ڏهن وزن صحيح ٿيندو. مؤلف 'ڏولڻ' کي 'لُڏن' جي معنيٰ ۾ ورتو آهي؛ 'ڏلن' سان 'لڏن' پڻ صنعت تَقلِيب (1) جي لحاظ سان صحيح ٿيندو.

2. بيت جي معنيٰ مؤلف (هه) سهٽي ڪري لکي آهي ته:

--سيٺيو انهن سان ڳنڍجي جيڪي ڏرتيءَ وانگر بارگير هجن، ۽ جن ۾ جبلن جهڙي ڳنڀيرتا (ڳؤرائي) هجي.

--سيڻ اهڙا هجن، جيڪي اڻائي واءَ لڳڻ سان لڏي نه وڃن.

[ 92 ]

سَڄَڻ ڏُڄڻ ڏيکَ ڪَهِي، ڇيت نه ڪيجهِي ٻنگَ
لوئِي ٿيٺهي ٻارڇِي، لاکَ نه ڇڏي رنگَ.

1. ڇاپي مطابق ٻنهي سٽن ۾ 'سَڄڻ ڏُرِجَڻَ ڏءَ کَهِي' آهي. 'درجڻ' کي سنڌي آچار موجب 'ڏُرجڻ' ڪري پڙهبو. ڏاٽڪي ۾ ٻڻ 'ڏُرجڻ' (=دشمن) آهي. مگر صحيح سنڌي آچار 'ڏُجڻ' يا 'ڏُجهڻ' آهي. سرائيڪي ۾ پڻ 'ڏرجڻ' يا 'ڏجهڻ' آهي، 'دءَ کهي' اصل ۾ 'ڏيک ڪي' هو، پر لکندڙ ان کي 'دءَ کهي' ڪري لکيو.

2. هن بيت جي معنيٰ سهٽي پر ڳوڙهي آهي. مقصد آهي ته سڄڻ هرحالت ۾ سڄڻ آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن وقت ان کي ڪاوڙ ۾ مخالف يا دشمن واري حالت ۾ ڏسجي ته به کيس 'سڄڻ' ئي ڪري سمجهجي، ۽ ائين بالڪل نه ڀانئجي ته ڪو هو سچ پچ دشمن ٿي ويٺو آهي. قاضي قادن جي وقت جو ٻيو هڪ وڏو شاعر جيڪو ذات جو 'ٻراڙ' هو، تنهن جو

(1) 'تقليب' يعني ڪنهن لفظ ۾ اڳين پوئين حرفن جو مٽجڻ.

چيل هيٺيون بيت الهيءَ ساڳي معنيٰ وارو آهي. 'پراڻ' شاعر جو هي بيت شاهه عبدالڪريم پنهنجن نصيحت ڀرين مجلسن ۾ پڙهيو ۽ 'بيان العارفين' ۾ موجود آهي:

چنـدن چور ڪرينديءَ، رتو سنڌو ڪُهاڙ
سڄڻ ڏڄڻ نه ٿيئي، جي رُسي سؤ وار
ڀروڙئو پراڻ، ته ڪرهنديءَ قرب ٿئي.

بيت جي ٻهرين سٽ سرائيڪي ۾ ۽ ٻي سٽ سنڌيءَ ۾ آهي. بيت سهڻي معنيٰ وارو آهي ۽ قاضي قادن جو ٿي سگهي ٿو. پراڻ جي بيت مان معلوم ٿئي ٿو ته قاضي قادن جي وقت ۾ شاعرن درويشن انهيءَ معنيٰ ۽ خيال وارا بيت پئي چيا. معنيٰ جي معنيٰ آهي ته:

— سڄڻ کي دشمن واري حالت ۾ ڏسندي به دل تي (سندس باري ۾ خراب خيال نه آڻجي.

— چوته لوئي ٻرائي ٿي ويندي ته به (ان سان گڏ) لاک (ان تان پنهنجو) رنگ ڪانه ڇڏيندي.

[96]

ڀوري! ڀڳئي جيتِ، ساڻيڪ آساري پئي
ڪوهُ نه ڏولڏي تيتِ، ٻئي اکيون هٿِ ڪرين؟

1. ڇاپي مطابق هن بيت جي پڙهڻي هيٺين طرح آهي:

ڀوري ڀڳي جت (جاتِ)، ساڻيڪ آساري پيو
ڪوه نه ڏونڌيءَ تتِ، تون ٻي-آونگهيو هٿ ڪرِ.

اِئين ٿو معلوم ٿئي ته "سنتون ڪي واڻي" واري پستڪ جي لکندڙ کي جنهن هي بيت ڏنو تنهن صحيح نه ڏنو. سنڌ اندر عام مقبول ۽ مشهور رهيو، ۽ شاهه عبداللطيف جي آڏو پڻ پڙهيو ويو، جنهنڪري 'شاهه جي رسالي' ۾ شامل ٿيو. 'رسالي' (سُر سري راڳ) ۾ ان جي پڙهڻي هيٺين طرح ڏنل آهي:

آمُلُ آساري اُسيءَ ڀوري ڀڳوءَ جيتِ،
ڪوهُ نه رُنوءَ تيتِ، ٻئي اَڏ هٿ ڪري.

هن معنيٰ کي ڌيان ۾ رکي، ڇاپي واري پڙهڻي کي مٿي ڏنل پڙهڻي جي صورت ۾ سنواري پڙهبو ته اهو صحيح ٿيندو. 'ٻي-اونگهيو' کي ٽن صورتن ۾ پڙهي سگهجي ٿو: 'ٻئي اکيون'، ٻئي الگهيون' يا 'ٻئي اِکيون'، معنيٰ ٻئي آڏ.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-اي اوڳي! وسر ۾ بي خبري ۾ تو جتي ماڪ کي پڳو آهي
-چو نہ آتي وجي ڳولي ان جا پٺي اڏ هٿ ڪرين!

[97]

پوري پـڳـنـي جانُ، ماڪ آساري پـٺـي،
سَري صرافـن وانُ، پٺي اڪيئون هـٿ ڪري.

1. ڇاپي ۾ بيت جي پڙهڻي (جيڪا 'سنتون کـي واٽـي' واري پستڪ مطابق آهي) هيٺين طرح آهي:

پـوري پـڳـي جـاوَ، ماڪ آسـاري پـٺـو.
سـَري صرافـن' آوَ بي-آينگهيو هـٿ ڪـر.

هيءُ بيت سنڌ جي روايت موجب 'شاهہ جي رسالي' (سر سري راڳ) ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي:

اَسُل آسـاري اـٺـي، پوري' پـڳـٿـي جانُ،
پـٺـي آڏ هـٿ ڪري، سيئن' صرافن وانءُ.

هن پڙهڻي کي ڌيان ۾ رکي، 'سنتون کي واٽي' واري اصل پڙهڻي کي اڻين سنواري رکيو جيئن مٿي بيت ڏنو ويو آهي.

2. معنيٰ ٿيندي تہ:

-اي اوڳي! وسر ۾ غفلت ۾ پٺي، تو جڏهن ماڪ پڳو آهي
-تہ پوءِ اُن جا پٺي اڏ ڳولي هٿ ڪري، رڙهي صرافن وٽ وڃ (تہ پٺي اڏ ڳنيدي توکي سچو ڪري ڏين).

[100]

هـَر هـَر فـال ڪـَرينـدِيان، راڏي ڳـئـي وهـا،
وڃ اسـچـو سـانـوڻ سـتـيـان، لاپـي لنگهڻ آ.

1. پولي صاف سرائڪي آهي. ڇاپي مطابق، پهرين سٽ ۾ "رڏي ڳئي وهاءِ" آهي، ۽ ٻي سٽ هيٺينءَ طرح آهي:

"وڃي پو (ءِ) چـو سانوڻ ستيان، لاوي' لڳن آه"

صحيح پڙهڻي اڻين ٿيندي جيئن اسان مٿي ڏني آهي.

2. بيت ۾ پوک جي ڏلڏي ماں هڪ سهڻو مثال ڏنل آهي. اڳ هاري، پني جي جهنگ وڍڻ، نار يا هرلي چاڙهڻ ۽ چالو ڪرڻ، هر پڙڻ ۽ ٻج ڳڏڻ وقت فالون پائيندا هئا ۽ سهڻا سوڻ ڳوليندا هئا. جيڪڏهن واڏائي واري فال نہ پٺي يا سوڻ سولو نہ ٿيو، تہ وري تاريخ مٽائيندا هئا.

فال ڪريندي‌ان = فالون ڪندڙ يا فالون وجهندڙ؛ راڏي = ٻج ٻوڪڻ جي ٻوري مند يا مهل؛ ساوڻ سٽيان = ساوڻي جي مند (جيڪا ٻوڪڻ جي ٻوري مند آهي) ۾ سمهندڙ، غفلت ڪندڙ ۽ ٻوڪ جي تياري نه ڪندڙ؛ لابي = لاباري جي وقت. لنگهڻ = بک، فاقو. معنيٰ ٿيندي ته:

- جيڪي (عملي قدم کڻڻ بدران) هر هر فالون پيا پائين (۽ وقت وڃائين) تن کان ٻج ٻوڪڻ جي مند وهامي وئي (مهل هٿان هلي وئي)؛

- ساوڻي ۾ سمهي رهندڙن کان وڃي پڇو ته لاباري جي وقت (جڏهن پيا ٻئون آنءُ پيا پيهن، ڪاٽين ۽ ڏؤ ڪن) فاقو ڇا ٿيندو آهي!

[103]

هاڙِهي وانگي رَنگَ ۾، هاڙو واڻُ رَتاسِ،
رَگيندڙُ اَ پاڻُ ڏٺِيِ، سڀِئِي رلگَ سَنداسِ.

1. ڇاپي مطابق، ٻهرين سٽ ۾ 'هاڙي واڙهي' آهي، جيڪو 'هاڙي وانگي' پڙهڻ گهرجي. ٻيءَ سٽ ۾ 'رنگيندڙو هاڻ ڏٺي' آهي، جنهن کي 'رگيندڙ آ پاڻ ڏٺي' ڪري پڙهبو ته سهڻو ٿيندو.

2. هن بيت جي معنيٰ سهڻي پر ڳُوڙهي آهي. صوفين درويشن جي تعليم مطابق طالب کي پنهنجي هستي وڃائڻ گهرجي ۽ اُن پاڻ کي لاالٰهِ (مخفي) ڪري 'مطلوب' (محبوب) ۾ فنا ٿي (سمائجي) وڃڻ گهرجي. انهيءَ معنيٰ کي سولو ڪري سمجهائڻ خاطر 'پاڻي' جو مثال ڏنل آهي، ته ڪيئن 'پاڻي' پنهنجي هستي ۽ صورت کي وڃائي ٿي هر رنگ واري صورت ۾ اچي ويندو آهي. هن پوئين دؤر ۾ فقير خير محمد هيسباڻي سنڌس هيٺين بيت ۾ هن معنيٰ کي سهڻو ڪري سمجهايو ته:

پَسو جو پاڻي، هر رنگ ۾ رَلِي وڃي،
'طالب' کي 'مطلوب' جي اها اهڃاڻي،
سمجهه دل سياڻي، خاصن لئي خيرمحمد چئي.

قاضي قادن جي مٿين بيت ۾ هيءَ ساڳي معنيٰ سمايل آهي، پر اها وڌيڪ سهڻي ۽ اعليٰ سطح واري آهي:

- آءٌ پاڻي والگر هر رنگ ۾ پاڻهي پاڻ رچي ويس

- (حقيقت) ۾ رگيندڙ به پاڻ ڏٺي آهي، ته رنگ به سڀ سندس ئي آهن.

[104]

آنانُ ئي‌يُ پَنا ڪَرِينِ، پَنا آن سنجهاوَ،
راڄُ تُنهنجو راڄيا، پيا (سڀ) راوَئي راوَ.

1. ڇاپي مطابق، ٻهرئين سٽ ۾ 'ٻنا' بدران 'ٻَنا' آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي ته: اي ڏٽي تون 'آن' مان 'ٻَن' ٿو ڪرين ('ٻج' مان ٻن وارو ٻوٽو ٿو اپائين)، يا 'ان' کي ٿيرائي 'ٻن' ٿو ڪري ڇڏين. پر اهڙيءَ معنيٰ کان وڌيڪ سهڻي معنيٰ تڏهن ٿيندي جڏهن 'ٻنا' جي بدران 'ٻنا' پڙهبو. 'ٻنا' معنيٰ 'وڏيون ٻنيون' يا وڏا کيت': يعني اي ڏٽي هي تنهنجي ئي وڏائي ۽ قدرت آهي جو آن يعني ٻج جي ڪڻ مان شاهي کيت آپائي ٿو ڇڏين. ٻيءَ سٽ ۾ 'ٻيا' کان پوءِ لفظ 'سڀ' وڌائڻ سان وزن پورو ٿيندو.

2. معنيٰ ٿيندي ته:

-(اي خالق مالڪ! هيءَ تنهنجي ئي قدرت ۽ وڏائي آهي جو) تون آن جي ڪڻ مان وڏا شاهي کيت ٿو اپائين: بيشڪ وڏا شاهي کيت آن (ٻج) مان ٿو اپائين

-اي وڏا راجا! حقيقي راڄ تنهنجو ئي آهي: توکان سواءِ ٻيا سڀ ننڍڙا راوَ ۽ راڄواڙا آهن.

[107]

توڙي (تون) نہ ڏِيئَن، تہ به تنهنجو آسِرو،
تو دَرَ ڇَڏيان ڪِيئَن، اي (وَڙ-) وڏا راڄيا!

1. ڇاپي مطابق بيت جي پڙهڻي هيئين ريت آهي:

توڙي نہ ڏِيهين، تہ به، تُهنجو آسِرو،
تو دَرُ ڇَڏان ڪِيئن، اِي وڏا راڄيا.

ان جي بدران مٿي ڏنل پڙهڻي سان هيءُ بيت، شعر ۽ معنيٰ جي لحاظ سان، وڌيڪ صحيح ۽ سهڻو ٿيندو. پهرين سٽ جي وزن جي پورائي لفظ 'تون' وڌائڻ سان، ۽ ٻي سٽ جي وزن جي پورائي لفظ 'وَڙ' وڌائڻ سان سهڻي ٿيندي. 'وَڙ-وڏو' يعني 'وڏ وڙو' يا 'وڏي وڙ وارو'.

2. انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي:

—(اي منهنجا مالڪ!) جيتوڻيڪ تون نہ ڏين، تہ به تنهنجي مهر ۽ ڪرم جو ڏي آئُم.
—اي راڄيا! تنهنجو در ڪيئن ڇڏيان، جو (يقين اٿم تہ) تون وڏ-وڙو آهين.

[108]

اهر آلاهان، ڪومَ لاهيو ڪَڏِهين،
ويا ڪاجَ هَٿان، وَڏِ اٽيندو وڏو ڏٽي.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ جي پڙهڻي 'آلاهان' بدران 'الاهر' ۽ 'ڪوم' بدران 'ڪوءِ م' آهي. قافيي جي لحاظ سان 'آلاهان' (=الله مان) صحيح ٿيندو. 'ڪوءِ م' بدران

’ڪومِ‘ پڙهڻ وڌيڪ موزون ٿيندو. ’ڪامِ‘ پڙهجي ته بهتر ٿيندو، پر ’ڪومِ‘ پڻ غلط ناهي. ٻيءَ سٽ ۾ ڇاپي مطابق ’ڪاڄ هٿانءُ‘ آهي، پر اهي لفظ ’ڪاڄ هٿان‘ ڪري پڙهبا، جو ’هٿان‘ پڙهڻ سان ئي قافيو صحيح ٿيندو. ’وڏ آڻيندو‘ صحيح آهي، جيتوڻيڪ ’وڏ آڻڻ‘ بدران ’وڏائڻ‘ وڌيڪ مشهور آهي.

2. معنيٰ صاف آهي ۽ مؤلف (هـ) پڻ هيئين طور سهڻي ڪري لکي آهي ته:

-- خدا مان آسرو ڪڏهن به نه لاهيو.

-- جيڪي ڪارج هٿن مان نڪري ويا آهن (جن جي ٿيڻ جي آميد ئي نه آهي) الهن ڪان به وڏ (سنا) ڪم وڏو ڏڻي (خدا) پورا ڪندو.

[109]

تون آڌارُ سڌارُ تون، تون آڌائُو آڌَ،
تون ئي اکڙيُن ۾، تون ئي اندرِ هڌ،
ڳَلِ لڳي ڳالهه چوان، ڪهڙي حاجت سڌَ!

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ ’آڌائو‘ بدران ’آڌائون‘ آهي، ۽ ٻيءَ سٽ ۾ ’اکڙين ۾‘ بدران ’اکڙين مون‘ آهي.

2. بيت جي معنيٰ صاف آهي (مؤلف (هـ) پڻ صحيح لکي آهي) ته:

-- اي ڏڻي منهنجا! تون ئي منهنجي آڌر ۽ ٽيڪ آهين؛ تون ئي منهنجو اجهو ۽ اوٽ آهين.

-- تون ئي منهنجي اکين ۾، ۽ تون ئي منهنجي هڏ هاڏي ۾ سمايل آهين.

-- (تون مون کي ايترو ته ويجهو آهين جو) آءٌ توکي ڳل لڳي دل جي ڳالهه چئي سگهان ٿو ۽ سڏ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي (جو تون مون ڪان پري ڪونه آهين).

[110]

سيڇاڻا تهي سينڌهَنَ، ڏُونڌهَنِ وسَنِ جهنگ ۾،
سي ڪَڙُ ڪاوَنِ ڪيئَنَ، ماسُ جنهين کي لکيو.

1. ڇاپي مطابق پهرين سٽ ۾ ’تهي‘ بدران ’آتهي‘ ۽ ’ڏونڌهين‘ بدران ’ڏُوُوَئِن‘ آهي. ٻيءَ سٽ ۾ ’سي‘ بدران ’سو‘ ۽ ’جنهين کي‘ بدران ’جنهين کو‘ آهي. اهي پڙهئيون راجستاني لهجي ۽ محاوري مطابق آهن. ’آتي‘ (=آتهين) لفظ به صحيح آهي پر ان سان وزن ۾ نقص اچي ٿو، انهيءَ ڪري ’تهي‘ (=’تهين‘ يا ’۽‘) پڙهڻ وڌيڪ موزون ٿيندو.

2. بيت جي معنيٰ صاف آهي ته:

--شهباز ۽ شينهن، ٻنهي جو گذر جهنگ ۾ آهي.

--اهي ڪڙ يا ڪتو* کيڻ ڪائيندا، جو انهن جو اصل کان لڪيل (قدرتي) طعامو ٿي گوشت آهي.

هن معنيٰ وارا بيت سنڌ ۾ سگهڙن جي زباني روايتن ۾ مشهور آهن. ڏهسنامي جو بيت آهي ته:

'سيچاڻو ۽ سالسندو، طعام نہ چکي ڀئو'

يعني شهباز ۽ شينهن ٻيو طعام ئي نہ چکي، ۽ رڳو گوشت کائين؛ 'شاهہ جي رسالي' ۾ 'سر سينهن ڪيڏاري' جو بيت آهي ته:

نينهن سيچاڻپ سينهن، تنهي قصد ڪباب سين،
رات ڪاڏاڻون ڏينهن، تہ ڀڻ ڀوڻن ڀڪيا.

## نتيجا

1. مٿين وضاحت موجب، جيڪا اسان وڏي ويچار سان ڪئي آهي، جملي انهتر (78) بيت اهڙا آهن، جيڪي ٻولي ۽ شعر جي سهڻائي، معنيٰ جي معيار ۽ فڪر جي بلنديءَ جي لحاظ سان قاضي قادن جا تسليم ڪري سگهجن ٿا.

2. ان کان اڳ ڪيل وضاحت موجب جملي چوتيهہ (34) بيت اهڙا آهن، جن جي ٻولي ۽ سنااءَ توڙي معنيٰ ايڏي اعليٰ سطح جي ناهي جو انهن کي قاضي قادن جو ڪلام تسليم ڪجي. اسان انهيءَ راءِ جا آهيون تہ درويش دادو ديال ۽ ٻين ساڌن جا چيل آهن. انهن کان سواءِ ڇهہ (6) بيت اهڙا آهن، جيڪي ٻين جي نالي منسوب آهن ۽ جن کي مؤلف (هـ) اڳ ۾ ئي ڪيري ڏار ڪيو آهي؛ يعني جملي چاليهہ (40) بيت قاضي قادن کان سواءِ ٻين جا ڪري ليکينداسون.

3. انهيءَ وچور مطابق "سنتون ڪي واڻي" ۾ قاضي قادن واري باب هيٺ ڏنل جملي 118 بيتن مان 78 قاضي قادن جا ۽ 40 بيت ڪن ٻين جا آهن. انهيءَ شمار موجب اڻ چئبو تہ گهٽي ۾ گهٽ ٻہ ٽيا بيت قاضي قادن جا ئي آهن ۽ انهيءَ ڪري ئي 'سنتون کي واڻي' جي لکندڙ هن باب جي سري توڙي خاتمي ۾ قاضي قادن جو نالو آندو آهي، جيتوڻيڪ "اور ڀي ساڌان" جا لفظ لکي مطلب صاف ڪري ڇڏيائين تہ هن مجموعي ۾ قاضي قادن کان سواءِ ٻين فقيرن

---

* 'ڪڙ' جون ٻہ معنائون آهن: هڪ ڪڙ اها جيڪا ڇاڻيءَ، سرهہ وغيره کي گهاڻي ۾ پيڙڻ ۽ تيل ڪيڻ کان پوءِ بچي. اها ڪڙ ڪتر سان گڏي مال (ڏڳين، مينهن، اُٺن) کي کارائجي. ٻيو 'ڪڙ' يا 'ڪتو' اهو جيڪو گيهہ پگهارڻ وقت مکڻ ۾ آن يا آٽو وجهي باهہ تي رکجي ۽ جڏهن گيهہ پگهاري جدا ڪجي تہ پوءِ باقي جيڪي بچي ان کي 'ڪتو' يا 'ڪڙ' چون جنهن کي ماڻهو کائين.

ساڏن جا بيت پڻ شامل آهن. جيئن ته اهي چاليهه بيت سنڌ يا سنڌ سان لاڳو اتر-اولهه-ڏاکڻين لاڳيتي ڀاڱي (ملتان-اولهه راجستان = گجرات) جي شاعرن جا هئا، انهيءَ ڪري الهن کي قاضي قادن جي ڪلام سان گڏي لکيو ويو(1). الهن بيتن جي ٻولي سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، ڍاٽڪي، راجستاني ۽ هندي يا انهن مان ڪن جي آميزش واري آهي؛ يعني ته ٻوليءَ جو رنگ خالص سنڌي وارو يا سنڌ جي پاڙيسري علائقن جي مقامي ٻولين وارو آهي. جيئن ته انهن بيتن ۽ دوهن جي لفظن ۽ فقرن ۾ ڪنهن حد تائين ويجهي مناسبت هئي، انهيءَ ڪري ئي پانڌجي ٿو ته هر ڀاڱا طرف جي اصل لکندڙ انهن سيني بيتن کي سنڌي يا سنڌي سان ملندڙ سمجهي هڪ هنڌ لکيو.

4. هن پستڪ ۾ انهن ٻين بيتن کي لکي محفوظ ڪرڻ جو خاص سبب اهو هو جو درويش دادو ديال پنهنجي زندگي ۾ انهن ساڌن ۽ درويشن جا اهي دوها يا بيت ٻڌا يا پڙهيا. دادو ديال تي سڀ کان وڌو اثر قاضي قادن جي بيتن جو هو. دادو ديال جي پنهنجي سنڌي دوهن بيتن مان (جيڪي "دادو گرنٿاولي" ۽ خود دادو جي ڪن خاص چيلن جي لکيل ڪتابن ۾ ملن ٿا) ظاهر آهي ته هو سنڌي ٻولي کان واقف هو ۽ يقيني طور هو پنهنجي پاڙيسري ملڪ سنڌ ۾ ڪافي وقت رهيو هو. اهي بيت جيڪي "سنتون ڪي واڻي" ۾ "قاضي قادن جي ساکي" واري سري هيٺ ڏنل آهن، سي اصل ۾ سنڌي (سنڌي-عربي) صورتخطي ۾ لکيل هئا، جتان سنڌ جي يا راجستان جي ڪنهن ڀڳت اهي ديوناگري ۾ لکيا. صورتخطي جي ڪن اندروني ثابتين مان ان جي تصديق ٿئي ٿي. جيئن ته 'شقيقي' کي 'سفيفي' ڪري لکڻ. بالڪل ممڪن آهي ته دادو ديال پاڻ اهي بيت ٻڌا ۽ لکيا هجن، ۽ انهيءَ ڪري ٻوءِ سندس ٻالڪن ۽ چيلن پڻ انهن کي لکيو ۽ ياد ڪيو، تان جو اهو سلسلو ڀڳت هريداس تائين پهتو.

5. ادبي تاريخ جي لحاظ سان ٻين درويشن جي چيل چاليهن بيتن جي پڻ وڏي اهميت آهي، ڇاڪاڻ جو اهي بيت پڻ لڳ ڀڳ قاضي قادن واري دور جا آهن. الهن سان ڪي قاضي قادن جي بيتن وارن ساڳين موضوعن سان ملن ٿا، ۽ انهن مان ڪي شايد قاضي قادن جي

---

(1) الهن مان ڇهن جا نالا معلوم آهن: درويش دادو ديال راجستان جو، هلمو شايد سنڌ جو، شيخ فريد علائقي ملتان (اجوڌن يا پاڪ پٽن) جو، ۽ قاضي محمود گجرات جو هو. قاضي محمود پٽ حامد احمد آباد ۾ ڄائو ۽ 920هه ۾ اچي ٻيرهور ڪي وسايائين. وڏي اثر وارو صوفي درويش هو، جنهن جي دوهن کي سماع جي محفلن ۾ ڳايو ويو، ۽ انهيءَ ڳائڻ جي طرز کي 'جڪري' (= ذڪري، يعني ذڪر وارو) سڏيو ويو، جيڪو ابوالفضل جي لکڻ موجب گجرات جو خاص ڳائڻ 'جڪري' ئي هو.

همعصر ٻزرگن جا آهن، جن جو قاضي قادن جواب ڏنو. انهن ٻيتن جي ٻولي مان ان دور جي سنڌي ۽ سرائيڪي ۽ ٻين ڀاڙيسري ٻولين جي ويجهي رشتي جي سُڌ ٿيو ٿي.

6. قاضي قادن جا انهتر (78) ٻيت هن ذخيري وارا ۽ ٻيا جيڪي ٻين ذخيرن ۾ آهن، سي اسي (80) کان وڌيڪ آهن. اهي ٻيت اعليٰ اساسي (ڪلاسيڪي) سنڌي شاعري جو سڀ کان ڀهريون وڏو ۽ قيمتي ذخيرو آهن. انهن جي ٻولي، شاعري، معنيٰ ۽ فڪر جي اعليٰ معيار مان اها تصديق ٿئي ٿي ته قاضي قادن نه فقط اعليٰ سنڌي شاعري جو ڀهريون وڏو شاعر هو، بلڪ هو سنڌي اساسي شاعري جو ابو هو. سندس ٻيتن جا مختلف موضوع، موزون ۽ موثر الفاظ ۽ اصطلاح، سندس ٻيتن ۾ سمايل فڪر ۽ خيال سڀ نوان ۽ تازا آهن، جيڪي ان کان اڳ نظر نٿا اچن، ۽ جيڪي ٻوء ٻين وڏن شاعرن جهڙوڪ شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف لاءِ مثالي نهج ۽ نمونو بڻيا.

7. قاضي قادن جي ٻولي ان دور جي اتر واري بکر علائقي جي سنڌي ٻولي آهي، جنهن ۾ سرائيڪي جي آميزش آهي. قاضي قادن جي سنڌي ٻولي ۽ سرائيڪي جا الفاظ جهڙوڪ تسان، ڪران، چا، (چاوڻ)، راڌي پيوَلد ٿيل آهن.

8. قاضي قادن جي هڪ ٻيت [نمبر 92] ۾ هڪ سڄي سٽ سرائيڪي آميز ته ٻي سنڌي ۾ آهي. ٻه ٻيت [نمبر 78 ۽ 100] سڄا سربستا سرائيڪي ۾ رچيل آهن، ۽ انهن جي سهڻي موزون سٽاء ۽ اعليٰ خيال مان تصديق ٿئي ٿي ته قاضي قادن سنڌ ۾ سرائيڪي ٻولي جو ٻئي ڀهريون وڏو شاعر هو. سندس اهو مثال آئينده لاءِ سنڌي شاعريءَ جي روايت جو هڪ مکيه باب بڻيو، جو سنڌ جا اڪثر شاعر سنڌي توڙي سرائيڪي ٻنهي ٻولين جا شاعر بڻيا.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

# قاضي قادن

هندستان مان، تازو شايع ٿيل ڪتاب 'قاضي قادن جو ڪلام'، پاڻ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ڏهاري موڪليو. جسُ هجي شري هيري ٺڪر ڪئي، جنهن 'قاضي قادن' جا 112 بيت، منظرِ عام تي آندا آهن. هيءَ هڪ وڏي ادبي خدمت آهي، جا اديبن ۽ عالمن جو ڌيان ڇڪائي ٿي.

سچ پچ ته شري هيري ٺڪر جي تحقيق، سنڌي ادب ۾ نه رڳو بنيادي اضافو آهي، پر 'سنڌي لغت' لاءِ اڻ قيمتي مواد آهي. تنهن کانسواءِ بيتن کي اعرابن سان سولو ڪري، معنيٰ ۽ شرح سان سينگاري، مبارڪن جو مستحق ٿيو آهي. الهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هيري صاحب، پٺين محققن لاءِ، تحقيق جو ميدان گهڻي ڀاڱي هموار ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا اهڙا به الفاظ سنڌس ڪتاب مان ملن ٿا، جي اڳين شاعرن ۽ سگهڙن پڻ ڪم آندا آهن. جيڪڏهن ڪو اديب، هينئر "سنڌي ادب جي تاريخ" لکندو ته شري هيري ٺڪر کي ضرور ياد ڪندو، ورنه تحقيق جي هڪ ڪڙي ڪم نظر ايندي.

ڪتاب جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي ته شري هيري ٺڪر، ڪتاب کي پنهنجي مغز جي ميڪ سان لکيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڪتاب هر طرح سان، ادبي سينگار جو مرڪز نظر اچي ٿو. ڇا لفظن جو تلفظ، ڇا لفظن جي معنيٰ ۽ ڇا سيٽيي سمجهاڻي! مطلب ته ٺڪر صاحب، ڪتاب کي سوڌي، سنواري ۽ سينگاري پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ ان فن جا ڳولائو سنڌس ٿورائتا ٿيندا.

ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ، هڪ ڳالهه جي وضاحت ٿي ته اصل قلمي نسخي تي "ڪاجيي ڪادن جيي ڪيي ساکي" لکيل آهي. اها "ڪادن" واري ڳجهارت. پنجن سون ورهين کان، سنڌ تي پيئل هئي. جيتوڻيڪ سنڌ جي عالمن، اديبن، پارکن ۽ ڳوليندڙن 'ڳجهارت' کي ڀڃڻ لاءِ، ڏکن پٺيان ڏک پئي هنيا، پر تڏهن به پيهجيي ويئي هئي. ڀڃاڙيءَ وارو هنڌائتو ڏک، سنڌ جي مشهور محقق محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هنيو، جنهن ڪري "قادن" واري ڳجهارت ڀڄيي پئي، جو قلمي نسخي تي به 'قادن' لکيل آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

# قاضي قادن

**هندستان** مان، تازو شايع ٿيل ڪتاب 'قاضي قادن جو ڪلام'، ڀاءُ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ڏياري موڪليو. جنهن جي شري هيري ٺڪر ڪئي، جنهن 'قاضي قادن' جا 112 بيت، منظرِ عام تي آندا آهن. هيءَ هڪ وڏي ادبي خدمت آهي، جا اديبن ۽ عالمن جو ڌيان ڇڪائي ٿي.

سچ پچ ته شري هيري ٺڪر جي تحقيق، سنڌي ادب ۾ نه رڳو بنيادي اضافو آهي، پر 'سنڌي لغت' لاءِ اڻ قيمتي مواد آهي. تنهن کانسواءِ بيتن کي اعرابن سان سولو ڪري، معنيٰ ۽ شرح سان سينگاري، مبارڪن جو مستحق ٿيو آهي. انهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هيري صاحب، ٻين محققن لاءِ، تحقيق جو ميدان گهڻي ڀاڱي هموار ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا اهڙا به الفاظ سندس ڪتاب مان ملن ٿا، جي اڳين شاعرن ۽ سگهڙن پڻ ڪم آندا آهن. جيڪڏهن ڪو اديب، هينئر "سنڌي ادب جي تاريخ" لکندو ته شري هيري ٺڪر کي ضرور ياد ڪندو، ورنه تحقيق جي هڪ ڪڙي ڪم نظر ايندي.

ڪتاب جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي ته شري هيري ٺڪر، ڪتاب کي پنهنجي مغز جي مک سان لکيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڪتاب هرطرح سان، ادبي سينگار جو مرڪز نظر اچي ٿو. ڇا لفظن جو تلفظ، ڇا لفظن جي معنيٰ ۽ ڇا سيڙپي سمجهاڻي! مطلب ته ٺڪر صاحب، ڪتاب کي سوڌي، سنواري ۽ سينگاري پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ، ان فن جا ڳولائو، سندس ٿورائتا ٿيندا.

ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ، هڪ ڳالهه جي وضاحت ٿي ته اصل قلمي نسخي تي "ڪاجيي ڪادن جيي ڪيي ساکي" لکيل آهي. اها "ڪادن" واري ڳجهارت. پنجن سون ورهين کان، سنڌ تي ڇانيل هئي. جيتوڻيڪ سنڌ جي عالمن، اديبن، ٻارڪن ۽ ڳوليندڙن 'ڳجهارت' کي پچڻ لاءِ، ڏڪن پٺيان ڏڪ پئي هنيا، پر تڏهن به ٻيهجي ويئي هئي. ٻجاڙيءَ وارو هنڌائتو ڏڪ، سنڌ جي مشهور محقق محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هنيو، جنهن ڪري "قادن" واري ڳجهارت پچجي پئي، جو قلمي نسخي تي به 'قادن' لکيل آهي.

يقين آهي ته 'قاضي قادن جو ڪلام' مان ڳوليندڙن کي تحقيق لاءِ ڪيترين ئي ليون ڳالهين نظر ايندئون. دادا جئرامداس دولترام لکي ٿو:

"هيري ٺڪرجي هن کوج- ڪشالي مان هڪ ڪان وڏيڪ ڦل ملنا آهن، جو سنڌ هند جا سنڌي عالم، نه رڳو سندس پورهئي جو نتيجو مائيندا، پر منجهائن جن کي اِن قِسم جي کوج جي سڪ چڪ آهي، سي سندس ڪتاب مان سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ وڪاس جي اتهاس تي چڱي روشني وجهي سگهندا."

ڪيترن شاعرن جو ڪلام، اسان وٽ موجود آهي، پر سندن اصلوڪي آستاني جو ڪو پتو ڪونهي. البت ڪلام جي آڌار تي چئي سگهون ٿا ته فلاڻي ڪ فلاڻي پاسي جو هوندو، پر تڏهن به "يقين" جو لفظ، انهن مان لاڳو ڪري نه سگهنداسين "لَڇُو" شاعر، سنڌ ۾، مشهور ٿي گذريو آهي، پر سندس باري ۾، ڪا هِڪِڙيڪي خبر ڪانه آهي؛ فقط سندس ڪلام جي لفظي مواد کي ڏِسي، چئي سگهبو ته 'ٿر' پاسي جو آهي:

سڀي ٿَرالگيُون نه ٿَنجَن، ڪونهن جَنِي ڪُونگرا،
مَيرالڪَ جَنِي جِي سومرا، رَتوايي رَجَن،
لِپٽن جو لَڇُو چئي، پيٽا آهي پُڇَن،
کَنکوا ڳجَن، ڀَرَلئهي ٿيندِي سومرا.

جوڳيسَر به مشهور شاعر ٿي گذريو آهي:

ڪَڪَن ڪَجي آئيا، مَٿي ٿَرَ ٿَمِي،
ڪي ڪَجا، ڪي ڳُجا، ڪي ڳُڳَر مَنجهه ڪَهِي،
ڳَجاوَتيُون ڪَجهُرَ جون، آيون چَڙهه چَڙهِي،
ڀاريُون تن پِٽن تي، ڪَن ٻون سُونگ سَهِي،
آهِي ۽ ٻَهِي، سَٽَئي ساريان سومرا.

جوڳيسر جي ٻولي ٻڌائي ٿي ته ٿَرَ جو شاعر آهي.

شري هيرو ٺڪر به قاضي قادن جي بيتن جي ڪسوٽي مقرر ڪندي چوي ٿو:

"قاضي قادن جي تازو مليل بيتن جي ٻوليءَ سرائڪي/ ملتاني ۽ پنجابيءَ کان متاثر ٿيل سنڌي آهي. سرائڪي/ ملتاني اثر ٻوليءَ جي وياڪرڻ واري روپ يا جوڙجڪ تي ڇانيل آهي. ٻوليءَ جي شَبداوَلِي (Vocabulary) اُن کان گهٽ متاثر نه ٿي آهي. قاضي قادن بکر جو رهندڙ هو، جو اُتر سِنڌ ۾ آهي. اهو علائقو جاگرافيائي طرح ملتان جا صدين کان پوءِ ۾ سياسي، روحاني ۽ سَپِتَڪ لاڳاپا رهيا آهن ۽ ملتان

صوفين جو ڳڙهه ٻه رهيو آهي. اِلڪري قاضي قادن جي سنڌي ٻوليءَ تي اهو اثر سياويڪ آهي".

شري هيري ٺڪر، قاضي قادن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ، ٽِن ڪسوٽين قائم ڪئي آهي، پر ڏٺو وڃي ٿو ته انهن ڪسوٽين کان سواءِ ٻيون ڪسوٽيون ٻه آهن، جن تي ڪنهن به شاعر جي ڪلام کي پرکي، جدا ڪري سگهجي ٿو:

## ا- قافيا

قاضي قادن جا جيڪي ستَ بيتَ مليا آهن، تن مان ڪو به اهڙو بيت نه آهي، جنهن جي قافيه ۾ ڏَڏَ ميل هجي. جهڙوڪ:

1- جوڳيي جاڳايوس، سُتو هوس ننڊَ ۾،
تيهان هوءَ ٿيوس، ڀريان سنڌي ڀيڇڙي.
2- سڄڻ منجهه هُنَّام، سون وڃي واءُ ٿيا،
هيڏان هوڏان هٿڙا، هيئين جاڙ وڏام.

"قاضي قادن جو ڪلام" مان ڪن بيتن جا قافيا:

1- مئن پالُهي سونُ، هي جرَ پوسُ جرڪٽون،
ويئن وَرائي ونُ، ڪنهُ لڳي ڪارو ٿيو.

قافيا آهن: 'سونُ' ۽ 'ونُ'".

درحقيقت 'سون' سان قافيو 'هون'، 'اون' وغيره ٿي سگهن ٿا. 'سون' سان 'ون' جو قافيو نٿو ٺهي. جيڪڏهن "قاضي قادن جو ڪلام" ۾، قلمي نسخي واري پڙهڻي- ديوناگري لپيءَ واري- به آندل هجي ها ته صحيح تلفظ لاءِ، ويچار ڪري سگهجي ها. آءٌ سمجهان ٿو ته اهو لفظ 'سون' نه، پر 'سُوَن' آهي. جيئن ته ڪي معنيٰ پنهي جي ساڳي آهي، ۽ قافيه کان 'سُوَن'، 'سونَ' کان اصح ٿيندو.

'سونُ'، پراڪرت 'سُوَڻ'. سنسڪرت 'سُوَرڻُ'=سُ=چڱو+ وَرڻ=رنگ. سهڻي رنگ وارو.

اڳين سگهڙ شاعرن به گهڻو ڪري 'سُوَن' ڪم آندو آهي. هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

سُوَن سَرسا سهڻي، ستَ پاٽر نيڻي نار،
سِهَه ڳچي، ڪَٽ ڪيسري، آرگ آليهرَ وار.

[سُوَن=سونُ (Gold). سرسا=سرس، وڌيڪ. ستُ=پَٽ. پاٽر=پٽر. ست پاٽر= پٽر جو پَٽُ: سو ٿيو "سرمون". نيڻي=نيڻ=اکيون. نار=عورت. سِهه=ڪُونج. ڪَٽ=ڪمر، چيله. ڪيسر=شينهن. ارگ=نانگ. اليهر=نانگ].

شاعر چوي ٿو تہ، ”اها عورت، سونَ کان بہ سولهن ۾ سرس هئي. ڪيس اڪين ۾ سرمون پيل هو. سنڌس ڳچي، ڪونج جيان ڊگهي ۽ ڪمر، شينهن جيان لڪدار هئي، ۽ وار، لالگ جيان ڪارا، ڊگها ۽ خوفناڪ.“

ٻهر ٻن بيت جي ٻيي مصرع ۾، ”وَن“ لفظ آهي، جو پڻ ’رنگ‘ جي معنيٰ ۾ آهي. وَن. سنسڪرت ’وَرڻ‘=رنگ.

2. توڙي هوءِ نہ وِسهُون، سٿين سهسين ماڙوهين،
اکين ڪيئن متاع، جتي هوئين مان پرين.

آءٌ سمجهان ٿو تہ بيت جا قافيا آهن: وِسهون ۽ متاع. اهي قافيا ڏَڏَ وارا آهن. ’وِسهون‘ بدران ’وِسا‘ يا ’ويسا‘ يا ’وِساهہ‘ هوندو، تڏهن تہ ’متاع‘ سان ميل کائيندو.

وسا، ويسا يا ويساهہ=ويساهہ، اعتبار.

3. جنهن قُرب ماهہ ۾، اهئن روزا عيد نماز،
اجا آهي ڪا ٻئي، الله دي حاج.

قافيا آهن: نماز ۽ حاج.

قلمي نسخي ۾ ’نماز‘ بدران ’نماج‘ هوندو، تڏهن تہ ’حاج‘ سان قافيو ملندو.

قاضي قادن جهڙو عالم، اهڙا قافيا ڪم آڻيندو؟ تنهنڪري گمان غالب آهي تہ اهي بيت قاضي قادن جا نہ آهن.

## 2. ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ، ٻن محاورن ۾.

توڙي هوءِ نہ وِسهُون، سٿين سهسين ماڙوهين،
اکيون ڪيئن متاع، جتي هوئن مان پرين.

ڪيئن=ڪائين.

سيچاڻو آئي سينهن، ڏوونءَ وسن جهنگ ۾،
سو ڪنڙ ڪاون ڪيئن، ماس جنهين ڪو ليکيو.

ڪاون=ڪائن.

ساڳيو شاعر، هڪڙي هنڌ ’ڪيئن‘ ۽ ٻئي هنڌ ’ڪاون‘ ڪم آڻي، سو بعيد از قياس آهي. اهو اهڃاڻ ڪري ٿيو آهي، جو ٻئي شاعر، مختلف خطن جا آهن، جن پنهنجي ترَ جي محاوري پٽاندر جدا جدا لفظ استعمال ڪيا آهن.

## 3- لفظن جا ساڳيا حرف، مختلف صورت سان.

الف- سَهباز باز ٿيو، هنڪي لہ ماري،
آڪي ڪوڙي عرس ۾، اڏي مناري.

’شهباز‘ بدران ’سهباز‘ ۽ ’عرش‘ بدران ’عرس‘ ڪم آيل آهي.

ب- حقيقي سون سيڻ، وَسَن سَهر حقيق ۾،
ڳالهه ڇون حقيقيان، ڇون حقيقي ويڻ.

’شهر‘ بدران ’سهر‘ ڪم آيل آهي.

ج- روز محشر ڏينهڙي، سَتَر سج تپن،
سَيوئي جَرُ پاڻيان، جي سون پرين ملن.

’محشر‘ ۾ ’ش‘ صحيح آندل آهي.

د- جن محبت سَنَ ۾، تي مَٿيلي ئي سويَن،
تَن ۾ ٻَليتيَ مشعلان، سَ سدا سپرين.

’مشعلان‘ ۾ ’ش‘ صحيح آندل آهي.

جيڪڏهن شاعر ساڳيو هجي ها ته اهڙن لفظن ۾، يا ته ’س‘ قائم رکي ها، يا ’ش‘ قائم رکي ها. هيت ڪن بيتن ۾ ’ش‘ بدران ’س‘ ڪم آيل آهي ته ڪن بيتن ۾ صحيح ’ش‘ ڪم آندل آهي، جنهن مان ڪُليو اشارو ملي ٿو ته شاعر مختلف خطن جا آهن. قاضي قادن هڪ جَيَّد عالم، سو ڪيئن ’شهباز‘ ڪي ’سهباز‘، ’عرش‘ ڪي ’عرس‘ يا ’شهر‘ ڪي ’سهر‘ لکندو!

هينئر شري هيري ٺڪر جي، ڪن لفظن جي معنائن تي، ويچار ڪجي ٿو:

1- نه سو لاهُو، نه سيرو، نه آر وار نه پار،
مُوڙهو وَتين، تن ڪي، سو من منجهه لهار.

ٺڪر صاحب لکي ٿو:

آر=ڇاتي. وار=هيءُ پَرَ. پار=هُوءُ پَرِ.

هن طرح معنيٰ لکي ٿو:

(برهم جو) نه آهي لهوارو (ڍڳاڙي)، نه ان کي سرو (منڍ) آهي ۽ نه ڇاتي آهي. نه ان کي هيءُ پَرَ يا هُوءُ پَرِ آهي. (تون) سُنجهي ڪري، ان کي ڳوليندو ته ڦرين. هن کي مَنَ ۾ ڇهاتي پائي ڏِس.

مٿئين بيت جا فقط ٻه لفظ- آر ۽ وار- غور طلب آهن.

سنڌ جي سدا ملوڪ سگهڙ شاعرن، پنهنجي ڪلام ۾، ’آر‘ ڇاتيءَ جي معنيٰ ۾ برابر ڪم آندو آهي:

اليهَرَ آدليا آر تي، ٻلر ٿيو پَيِنَن.

---

[اليهر=لالگ. هت معنيٰ: ڪارا. ڏکيا ۽ خوفناڪ وار. آدليسا=ليٿيا، ڪيريا. آر=ڇاتي، آرهه. ٻلر=هجوم. پَيِنَن=لالگن. پِين=لالگ].

شاعر، عورت کي ڦٽي ڏيندي ڏسي ٿو. جڏهن سمورا وار، اڳيان چوٽڪ چوٽي ۽ سنوارجي بيٺا، تڏهن ٿو شاعر چوي!

عوت جي ڇاتيءَ تي ڪارا، ڊگها ۽ خوفناڪ وار ڪِري پيا ۽ ائين پيو نظر اچي، جو ڄڻڪ ڪارن ناڳن جو هجوم لڙڪيو رهيو آهي.

الهيءَ 'آر' لفظ مان، سنڌيءَ ۾ 'آرَهُ' ٺهيو، جو اصل ۾ سنسڪرت آرَس' (ڇاتي) آهي؛ پر هت "آر" ڇاتيءَ جي معنيٰ ۾ نه آيو آهي. "ار + وار" کي هڪ ٿي لفظ 'اروار' سمجهڻ کپي.

سنڌ جو مشهور سنت سامي چوي ٿو:

الف- ساري چڙهيو سيرَ تي، **آروار پار** پيئي.

ب- جنهن جو سنهن محبوب ڏي، سي **اروار** نه **پار**.

شاعرن جو سرتاج شاه ڀٽائي چوي ٿو:

الف- "**اورارا** آهون ڪريان، پهچان شال **پَرار**".
(سر سهڻي)

"اورارا" = اورينءَ پَرِ کان. پرار = پرينءَ پر (درياهه جي).

"اروار"، "اورار" يا "اوروار" ٽيئي لفظ ساڳي معنيٰ- هيءَ پَرِ- رکن ٿا.

"اروار" سنسڪرت "آوار" آهي، جنهن جو ضد "پار" آهي. (1)

آوار پار = آوار = هيءَ پر + پار = هوءَ پَرِ (2). سنڌي لفظ 'آرپار' به اتان ٿي لڌو آهي.

2- روز محشر ڏينهڙي، سِج سِج تپن،
سَيوئي جَرُ پاڻيان، جي مون پرين مڙن.

ٺڪر صاحب لکي ٿو:

جَرُ = جَلُ، پاڻي.

"قيامت جي ڏينهن سِج سِج تپن ٿا (حد درجي جي تابش ٿئي ٿي)، پر آن ڏينهن جيڪڏهن سنهنجو پرين مون کي ملي وڃي ته مان جيڪر ائين محسوس ڪريان ته ڄڻ چوڌاري پاڻي هڻڻ جهڙي ٿڌڪ لڳي پئي آهي."

اها معنيٰ، شاعر جي حقيقي خيال جي ترجماني نٿي ڪري؛ ڇاڪاڻ ته بيت ۾، 'سِج' جو 'جَرَ' سان (ٿڌڪ جي معنيٰ ۾) ڪو واسطو نظر نٿو اچي. اسين سمجهان ٿو ته قلمي نسخي ۾ "جهَرُ" آهي، جنهن کي "جَرُ" سمجهيو ويو آهي.

---

(1) سنڪشپت هندي شبد ساگر- صفحو 93- ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا.

(2) پدم چندر ڪوش- صفحو 74- پنڊت گنيش دت شاستري.

معنيٰ هيئن ڏيندي:

قيامت جي ڏينهن، جڏهن سخت گرمي ٿيندي، تڏهن جيڪڏهن منهنجو محبوب مون سان ملندو ته منهنجي لاءِ (اها سج جي گرمي به) جهڙُ ٿي ويندو.

3- تـوڙي وڃـن رُومر، نـانيهـه لصيبان اڳـرا،
سـالـي وَتـئين ٿـوم، جـي لـيکيا ڇـپـن ۾.

ڏکرصاحب 'وتئين' جي معنيٰ لکي ٿو: پٽڪي، ڦيري:

اسين سمجهان ٿو ته 'وتئين' بدران 'وتي' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: آتي (مٽي، مٽان). سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي:

توڙي وڃي رُومر، ته به ڏيوڏي آهي ٿُومر.

بهرحال 112 بيتن جو دور مقرر ڪرڻ سولو ڪم نه آهي: ڇاڪاڻ ته بيتن ۾ شاعرن سڳورن جا ناالا ئي نه آهن. البت ڪن آهڃاڻن سان ٿاڻي واڻي ڇٽي سگهبو ته ڪهڙي دور سان تعلق رکن ٿا. 'قاضي قادن جو ڪلام' ۾ هڪ بيت آيل آهي، جنهن ۾ "ساگرو" واهه جو ذڪر ڪيل آهي:

"جي مهراڻ ميا ڪري ته ساگرو جهلي نه سٽَ."

اهو ساڳيو 'ساگرو'، "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" ۾ پڻ آئل آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته "ساگرو" واهه جو پتو لهون ته ڪهڙي دور جو آهي.

هڪ سگهڙ ڪان سنڌ جي واهن تي، هُنَر جو بيت مليو آهي، جنهن ۾ 'ساگرو' واهه به آئل آهي:

مارڪ سـون ڏڏـي، شاهو، بيـجـر ڪـي،
خيرو، محمد علي ڪندو، چام واهن تي،
آوَت ڪـرين ٿـو سـومـرا، ڪليان آتي،
اي "امام بخش" آتي، ساگرو ٿئي نه سومرا.

تنوير عباسي

# قاضي قادن جو ڪلام

مؤلف: هيرو ٺڪر.

ٻوجا پبليڪيشنس، C-8/16313، لارينس روڊ، دهلي 110035.

قيمت: رواجي 12/00 پڪو جلد: 15/00

مهاڳ: جيرام داس دولترام  دعائون: رام پنجواڻي

صفحا: مقدمو: 83 متن 60.ع 143

**قاضي قادن** جا وڏيڪ بيت هت اچڻ سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ ۽ تحقيق لاءِ نوان باب کوليا آهن. اهو اسان جي ادب لاءِ هڪ ليکو آهي، ۽ اسان جي ادبي روايتن جي قدامت جو وڏو ثبوت پڻ.

شري هيري ٺڪر، هڪ مٺ (مڙهيءَ) مان هن ڪلام کي هٿ ڪري ان جون پڙهيون قائم ڪري ان کي ڇپايو آهي، جنهن لاءِ کيس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙا محقق ۽ عالم به مبارڪون ڏئي چڪا آهن.

قاضي قادن جو ڪلام، ڀارت جي هرياڻا صوبي ۾ راڻيلا ڳالي ڳوٺ مان هٿ آيو آهي، جتي هڪ پستڪ ۾ ڪبير، سورداس، دادو ديال، شاهه حسين ۽ ٻين جي ڪلام سان گڏ ارڙهين صديءَ ۾ لکيو ويو هو.

هن واقعي مان ظاهر ٿئي ٿو، ته سنڌيءَ جو وڏو ادبي ذخيرو ديوناگري لپيءَ ۾ موجود آهي. ڪجهه سال اڳ سراج پڻ برٽش ميوزم لائبريريءَ مان، ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل سنڌي بيت (جيڪي شاهه لطيف کان به اڳ جا هئا) ڳوليا ڪڍيا ۽ انهن جي باري ۾ ”نئين زندگي“ ۾ هڪ مضمون لکيو.

ان حقيقت کي آڏو رکي اهو لازمي ٿيو پوي، ته سنڌي قديم ادب تي کوجنا ڪرڻ لاءِ اسان جي عالمن ۽ محققن کي ديوناگري لپي سکڻ کپي ۽ ان ۾ لکيل پراڻن ڪتابن کي ڳولهڻ گهرجي.

ٻي ڳالهه، جيڪا هن واقعي مان واضح ٿي ٿئي، ته هندن جي پوتر جاين تي، مسلمان شاعرن جو ڪلام، هندن جي مذهبي توڙي ادبي شخصيتن سان گڏوگڏ رکيو ويو آهي.

اها ان دور جي بي تعصب سماج جي خوبي آهي. جتي سورداس، ميران ٻائي، ۽ گرو نانڪ آهن ته اتي شيخ فريد، شاهه حسين ۽ قاضي قادن پڻ آهن.

قاضي قادن جي ڪلام کي هرياڻا توڙي برهانپور تائين مشهوري ملي. ان زماني ۾ سنڌ جو علم فضل ڪيڏو نه ڦهليو، اها ڳالهه به خوشيءَ جهڙي آهي.

قاضي قادن تي هيري ٺڪر جي ڪتاب ڇپجڻ سان ئي ادبي ماحول ۾ چرپر آئي. سنڌ جي مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيس مبارڪون ڏنيون. هو صاحب تفصيلي تبصرو ڪجهه وقت کان پوءِ لکندو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "قاضي قادن" ۽ "قاضي قاضن" نالي جي صحت تي بحث ڪيو آهي، ۽ ڀڳت گرداري لعل لکيو آهي ته اهو ڪلام، جيڪو هيري ٺڪر ڇپايو آهي، سو ماڳهين ميان مير جو آهي، نه قاضي قادن جو.

انهن سڀني مسئلن جي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ لاءِ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تفصيلي محققانه تبصري جو انتظار رهندو. جنهن جي باري ۾ هن صاحب "هلال پاڪستان" واري ڇپيل خط ۾ اظهار ڪيو آهي. بهرحال انهن مسئلن تي ٿوري ڇنڊ ڇاڻ ڪجي ته بهتر آهي.

## قاضي قاضن يا قاضي قادن

اول اول، سڀني تاريخن ۾ 'قاضي قاذن' يا 'قاضن' لکيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ۾ 'قاضي قادن' لکيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکڻ موجب بنا دليل ۽ بنا سند جي آهي. ڊاڪٽر عبدالمجيد مختلف قديم ڪتابن جي حوالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اصل نالو "قاضن" آهي. هيري ٺڪر جي باري ۾ هن صاحب لکيو آهي ته، هن 'قاضي قادن' ڊاڪٽر بلوچ جي تقليد ۾ استعمال ڪيو آهي. حالانڪ هيري ٺڪر صاف لکيو آهي ته اصل هٿ آيل قلمي نسخي ۾ "ڪاجي ڪادن" لکيل آهي. اهو قلمي نسخو، جيڪو راڻيلا جي مٺ ۾ موجود آهي، اهو قديم آهي؛ ان ڪري ان جي لکجڻ جو وقت به قاضي قادن کي سڀ کان ويجهو آهي، ان ڪري ان جي روايت کي ئي تسليم ڪرڻ گهرجي.

## ميان مير جو مسئلو:

ڀڳت گرداري لعل انهن شعرن کي قاضي قادن جا تسليم نٿو ڪري، ۽ لکي ٿو ته اهي سنڌس ڀائيچي ميان مير سنڌيءَ جا آهن، جيڪي اڄا تائين ڀڳت ميان مير جي نالي ڳائيندا ٿا رهن. هو صاحب لکي ٿو ته پاڻ ڀڳت هريداس جو چيلو آهي، هن صاحب اهو به لکيو آهي ته ميان مير سنڌي، قاضي قادن کان ملڪي مسئلن جي اختلاف تان ڪاوڙجي، پنجاب هليو ويو هو.

ٻين ڳالهين، ته داراشڪوه جو مرشد، ميان مير سنڌي، قاضي قادن جو پاڙيچو ٿي، ۽ سنڌ مان ڏوهتو هو ۽ هو قاضي قادن جي وفات وقت هڪ سال جو هو. ان ڪري هن جو قاضي قادن سان ملڪي مسئلن تي ڪاوڙجي پنجاب لڏي وڃڻ ممڪن نٿو لڳي. ٻيو ته ميان مير سنڌيءَ جو دؤر قاضي قادن کان پوءِ جو دؤر آهي ۽ ان وقت جي سنڌي ٻولي، جيڪا اسان کي ملي ٿي، قاضي قادن جي ڪلام کان پوءِ جي ٿي لڳي. قاضي قادن جي هٿ آيل بيتن جي زبان مان نٿو لڳي ته اها زبان قديم آهي. ان ڪري، بنا ڪنهن سند جي، ۽ تاريخي حوالي جي، انهن بيتن کي ميان مير سنڌيءَ جي نالي منسوب ڪرڻ زيادتي آهي.

## قاضي قادن جو سياسي ڪردار:

قاضي قادن جي شخصيت سنڌ جي تاريخ ۾ تڪراري رهي آهي. هو سمن ۽ ارغونن جي دورن ۾ رهيو؛ سيد مهدي جونپوريءَ جو مريد ٿيو؛ شاهه بيگ جي لشڪر جي قدرت ۾ سنڌ ٻار ٻچا قيد ٿيا ۽ هو ڇرين واڱر ڪين ڳولينديو ويو — ليڪن ڪوشش ڪري اها قدرت بند ڪرايائين؛ سيد حيدر سنائي تي سنڌ مرشد قتل جي فتويٰ ڏني، ۽ پاڻ سنڌ خاص صلاحڪارن مان هو.

قاضي قادن جي شاعري، ۽ سندس سياسي ڪردار ٻه متضاد شيون آهن؛ پر اهڙا مثال پيا ٻه آهن جو ڪي بلند پايي جا شاعر سياسي طور تي بلڪل ٻيو آهتو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. غالب جو مثال آهي، اقبال اوڀاير جا قصيدا لکيا، ۽ خود اسان جي دؤر ۾ به مثال ملي سگهن ٿا.

## قاضي قادن جي شاعري:

قاضي قادن جي شاعريءَ جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هو لنڊي ڪنڊ جي شاعرائين روايتن کان پوريءَ طرح واقف هو، ۽ ان جو اونهو اڀياس ڪيو هئائين. هو هو ته شريعت جو صاحب؛ پر تڏهن به صوفين واڱر ڪتابن جي علم کي ننديو اٿائين:

زيران زبران آيتان، ڪتيبان جي پڙهن،
ايهه سبائي سک، جان جان پريان نه مڙهه.

... ... ...

پڙهندو پنهنجي ويو ڪوڙين لک قرآن،
لکي لوڪ نه سگهيو، پاڻي اندر پاڻ.

... ... ...

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ ڪيترا اهڙا موضوع آهن، جن جي روايت هن وٽان ٿي شروع ٿي آهي، ۽ اهي موضوع اڳتي هلي سنڌي شاعرن جا پسنديده موضوع ٿي پيا —

شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف ته انهن موضوعن تي سچا سر لکيا - 'ڪارايل' جي هنج جي اوائلي صورت قاضي قادن وٽ اڄها هيءَ آهي:

در پورا سي ڳهران، حقيقتا هنجهه،
ڪوڙين هنڌان ڪڻ چڳن، سر پاڻيءَ جي منجهه.

ڪلياڻ جي 'ويد ۽ واڍوڙ' جي ابتدائي شڪل به قاضي قادن وٽ ملي ٿي:

آلهان الدر ساهه، ٻاهر ڏڪ لهه ٻڌرا،
ويد ڪريندو دانهه، ٻسان سي واڍوڙيا.

قاضي قادن هن بيت ۾ سسئيءَ جو نالو ته نه ڪنيو آهي، پر ان جو پس منظر سسئي پنهونءَ جو داستان ٿو ڀانئجي:

لڳي وڃان ٻير، دانهان ڪندي ڏونگر،
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هٿون ڏکڻي.

ساڳيءَ طرح بيت 34، 35 ۾ رامڪليءَ جي جوڳين، ۽ بيت 60، 61 ۾ 'مسلان' ۽ بيت 72 ۾ 'ڏهيسر' جو ذڪر آهي - انهن موضوعن ۽ مضمونن، جن جي قاضي قادن شروعات ڪئي، اهي صدين تائين سنڌي شاعريءَ تي اثر انداز رهيا - ائين ٿو لڳي ته سسئي، ڪلياڻ، ڪارايل، رامڪلي، سورٺ ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جا ٻيا سُر، قاضي قادن جي شاعريءَ کان متاثر ٿيل آهن.

## قاضي قادن جي شعر جو گهاڙيٽو:

دوهي ۽ سورٺي سان بيت جي ارتقا جا ابتدائي اهڃاڻ پڻ قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ لڀن ٿا. دوها ڇند به قاضي قادن وٽ آهي، جيئن:

جتي سنسار سچ سان سه جا سائين ساڻ هوءِ،
تو ٻڏر هي ٻيڙا تري، جه ٿانءِ نير نه ڪوءِ.

سورٺا ڇند جا مثال پڻ ملن ٿا - جن ۾ قافيو ٻنهي مصراعن جي وچ ۾ ٿو اچي:

سيٺان هنڌو سگيو، اپنهو آيو،
لڪي لوڪ نه سگهيو، اسان ڳالهايو.

دوها سورٺا ميل جا مثال پڻ آهن:

سچي سائينءَ سان تون مٽ ڪر ڪوڙي ڪوڙيان،
جي تون منجهه هيالو، وو سپو ڪلي ٻرڪٺو.

ٻن سٽن وارا بيت گهڻا آهن، پر قاضي قادن وٽ ٻن سٽن کان وڌيڪ سٽن وارن بيتن جا مثال پڻ موجود آهن:

سچ پيارا سائينيان، سائينءَ سچ سهاءِ،
سچي منگل نہ دهئي، سچي سرپ نہ کاءِ،
سچ سمنڊان سر چڙهئي، ڪوڙ ڪڪائين ٻاهہ،
جڏهون ڪڏهون ڪوڙ ڪي، ڏيندو سچ سزاءِ.

... ...

تون آڌار سڌار تون، تون اڌائون اڌ،
تون ٺي اڪڙين مون، تون ٺي الدر هڏ،
ڳل لڳي ڳالهه چوان، ڪيهي حاجت سڏ.

ٻن سٽن کان وڌيڪ سٽن وارن بيتن ۾، قافيو سڀني سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ ٿو اچي.

قاضي قادن جي هٿ آيل بيتن مان، هيٺين بيتن ۾ سندس مشاهدي جي قوت، اصليت ۽ فڪر جي باريڪين جا اهڃاڻ ملن ٿا:

جي سالورو(1) سُتَهِ اهي، ڪنولان سندي ڪاءِ،
تہ پيو پاتال ۾، هولد نہ ميٺي ڪاءِ.

... ... ...

روز محشر ڏينهڙي، ستر سچ تپن،
سيو ٺي جر پانئيان، جي مون پرين مڙن.

... ... ...

ماو(2) مصليا ويرُ، هالي وڃي وساريون،
عيد ڪريندو ڪير، ماڪي سڄڻ ڳڏيو،

... ... ...

جيئن قنڙ ماهہ ۾، ائين روزا عيد نماز،
اجا آهي ڪاءِ ٻي، الله دي حاج.

... ...

شري هيري ٺڪر هن بيت جي معنيٰ ليڪ نہ ڪئي آهي. چولدا آهن "قنڙ نہ گوشت" معنيٰ ماس ۾ قنڙ کي گهٽ اهميت آهي، تيئن روزن ۽ عيد نماز کي 'ٻي حاج' کان گهٽ پائنجي — هن بيت جو مفهوم شاهہ لطيف جي بيت "ايءُ ٻڻ چگو ڪر" سان ملي ٿو اچي.

ڏيهہ لٽا سنجها ٻئي، اڳون آئي رات،
ڪڙا پڪاري پاتئي، ٻيڙا ڪپر وات.

... ... ...

(1) ڏيڏر. (2) منهنجو.